
حيران هزارين مان نہ رڳو
حضرت مفتون همايوني رح جي جڳ مشهور ڪافي ’تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا‘
جي تتبع تي ٻين شاعرن جو ڪلام ۽ تعارف
پروفيسر
فدا حسين ’فدا‘
استاد غلام محمد محمدي
يادگار اڪيڊمي، دادلوءِ

# حيران هزارين مان نہ رڳو

حضرت عبدالغفور ’مفتون ‘ همايوني جي جڳ مشهور ڪافي
تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا جي تتبع تي
ٻين شاعرن جو ڪلام ۽ تعارف

**پروفيسر فدا حسيين ’فدا‘**

**استاد غلام محمد محمدي**

**يادگار اڪيڊمي دادلوءِ**

غلام محمد محمدي يادگار اڪيڊميءَ جو ڪتاب نمبر1

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب: حيران هزارين مان نہ رهُو
مصنف: پروفيسر فدا حسين فدا
ڪمپوزنگ: ساجد حسين آچراني
اِي ڪمپوزنگ: الشيخ ڪمپوزرس سانگي 03363412071
لي آئوٽ: راز لغاري
ٽائٽل: عرفان علي ميمڻ
ڇاپو: پهريون مئي 2021ع
تعداد پنج سو
قيمت: املهہ پڙهي دعا ڪندا
ڇپائيندڙ: غلام محمد محمدي يادگار اڪيڊمي
دادلوءِ پنو عاقل

# پبلشر نوٽ

بابا سائين استاد غلام محمديءَ جي وفات بعد سندن نالي سان منسوب يادگار اڪيڊميءَ جو قيام سندس عزيزن دوستن ۽ گهڻ گهرن لاءِ خوشيءَ جو باعث آهي. هن اڪيڊميءَ جي پليٽ فارم تان بابا سائين جي نقش قدم تي هلندي انشاء الله سماج جي بهتري لاءِ تعميري ۽ صحتمندسرگرميون جاري رکيون وينديون. هن اڪيڊميءَ جي قيام ۾ جن سينئر شخصيتن جا مفيد مشورا ۽ سهڪار حاصل آهي. انهن ۾ ڊاڪٽر محمد علي محمدي محترم شوڪت چاچڙ سائي فدا حسين'فدا' محمد اسلم محمدي، عبدالفتاح عباسي، فقير محمد پريل دايو، محترم بدر سميجوءَ اسان جا عزيز ۽ احباب شامل آهن، انهن سڀني جا وڏا وڙ.

بابا سائين ڪي جيئن ته بزرگ همايوني جي تتبع تي سيد محمد اسحاق شاهه نقويءَ جي چيل ڪافي پسند هئي ۽ سائين فدا حسين ڪان ان جو هيءُ بند ٻڌڻ جي اڪثر فرمائش ڪندا هئا.

الحمد رکي هڪ لام بطن ڪيو مخفي فاتحه نام سجن
ان احمد تي گلفام چڪن، چڪچور هزارين مان نه رڳو

هن اڪيڊميءَ طرفان پهرين وک طور ڪتاب" حيران هزارين مان نه رڳو" پيش ڪندي سرهائي محسوس ٿئي ٿي. هن ڪتاب جو مصنف اهل علم ناميارو محقق، شاعر اسان جو عزيز پروفيسر فدا حسين صاحب گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي. اڪيڊميءَ طرفان هن ڪتاب ڪان علاوه 2 ٻيا ڪتاب پڻ تياريءَ جي مرحلي ۾ آهن. بابا مرحوم جي مشن کي اڳتي وڌائيندي اسان پائرن ۽ دوستن اهو عزم ڪيوآهي ته پنهنجي سينئر عزيزن ۽ دوستن جي صلاح ۽ سهڪار سان علمي ادبي ۽ سماجي سرگرميون وقت بوقت منعقد ڪندا رهنداسين.

صفدر حسين محمدي
دادلوء

# سونهن سٽاءُ


انتساب

دعائيہ ڪلمات جناب عبدالباقي سجاده نشين درگاه عاليہ همايون شريف

مهاڳ: پروفيسر نواز علي شوق صاحب

تقريظ: صاحبزاده ميان محمد سالم جان هاشمي خانقاه عاليہ قاسميہ ڳڙهي ياسين

تاثرات: قمرالدين عطاري سلطان ڪوٽ ضلع شڪارپور

تاثرات:ربڏنو ميربحر

پنهنجي پاران: ليکڪ جو اظهار خيال

- مولانا عبدالغفور”مفتون“ همايونيءَ جو مختصر احوال
- بزرگ جا همعصر شاگرد ۽ تصنيفون
- بزرگ جو مشرب
- هڪ غلط فهميءَ جو ازالو
- حضرت خليفي محمد يعقوب همايوني ۽ مولانا عبدالغفور ”مفتون“ متعلق هڪ ٻي غلط روايت جو جائزو
- همايوني صاحب جي ڪرامت
- مولانا ”مفتون“ جي والد جي وفات بعد سندس تعليم جي تڪميل
- پڙهڻ ۽ ”همايون جي مدرسي ۾ مولانا عبدالغفور مفتون“ کي پڙهائڻ وارين روايتن جي ڇنڊ ڇاڻ
- مدرسو ڪنڊو ۽ مدرسي جا شاگرد
- خليفو محمد يعقوب همايوني ۽ مدرسو همايون
- مولانا نور محمد شهدادڪوٽي
- مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جو ”مدرسي ڪنڊي“ کي ڇڏڻ ڪانپوءِ مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو ان مدرسي ۾ رهڻ

بحث جا نتيجا

- مولانا محمد يعقوب ۽ مولانا نور محمد جا شاگرد
- علامہ حافظ عبدالحليم ڪنڊوي
- مفتي محمد پيراٽي جو مولانا ڪنڊويءَ کان تعليم حاصل ڪرڻ
- مولانا ڪنڊويءَ جي زندگيءَ تي هڪ نظر
- مولانا ” مفتون“ همايونيءَ جي ڪافيءَ جو مختلف پڙهڻيون
- ڪافيءَ جي شهرت ۽ مقبوليت
- ادبي جائزو
- بزرگ مولانا ” مفتون“ همايونيءَ جي شاهڪار ڪافي

## مختلف شاعرن جو تتبع

- مولوي عبدالقادر " عبدي"
- مير علي نواز علوي
- مولانا تاج محمود امروٽي
- ٻيدل فقير
- مولانا حبيب الله شهدادڪوٽي
- سيد ابو محمد صالح شاھ جيلاني
- مير علينواز "ناز" ٽالپور
- مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني
- پير محمد معشوق شاھ راشدي
- آغا غلام النبي (آغا صوفي)
- صوفي محمد بخش ڦرڙو
- فقير  اميد علي دلگير
- محمدبخش واصف
- استاد محمد يوسف پٽو
- مولوي غلام الرسول جتوئي
- مولانا عبدالرحمان"ضيائي"
- مولانا عبدالله "عبد" چانديو
- لطف الله بدوي
- غلام علي"مخمور"
- خليفو محمد امين "درس"
- سيد محمد اسحاق شاه نقوي
- تراب شاهنواز خان لغاري
- مخدوم محمد زمان طالب المولي
- ڊاڪٽر عطا محمد "حامي"
- شيخ اياز
- آغا ممتاز حسين دراني
- نثار بزمي
- سليم ڳاڙهوي
- رحمت الله "شوق" شڪارپور
- سردار علي شاھ "ذاڪر"
- سيد محي الدين "اعجاز شاه راشدي
- معممور يوسفاڻي
- سيد محمد شاھ امروٽي
- صوفي لعلڻ سائين مست بخاري

- شاه محمد ”ثاقب“منگي
- مهيسر خادم رفيقي
- استاد حق نواز ” خادم“
- مولانا الحاج رحيم بخش ”قمر“
- صوفي ولي محمد تراب
- مولوي ثناءُ الله جتوئي
- ضياءُ الدين ”ضيا“ خياروي
- مير غلام حسين ”مير“
- حافظ نثار احمد ”حافظ“ سنڌي
- ڪرم ٽالپور
- مولانا جمال الدين ”اجمل“ کهڙو
- ڊاڪٽر عبداللطيف ”قمر“ لغاري
- درگاهي ميراڻي
- پير سيد غلام جيلاني شاهه
- گلشن ڪنڌر
- عبداللطيف ”لطيف“ سومرو
- عبداالقيوم ” جوهر بروهي“
- ميان رسول بخش تميمي
- ارباب علي ”عادل“چوهاڻ
- حافظ عبدالجبار ”عاجز“ جتوئي
- ڊاڪٽر علي اڪبر ”اسير“ قريشي
- پروفيسر ڊاڪٽر گل محمد شاهه ”گل“ بخاري
- محمد بچل سميجو
- محمود ”مخمور“ ملڪ
- سڪندر ”راز“ بلوچ
- مولانا سراج احمد جمالي
- نعمت الله سنڌي
- سيد رفيق احمد شاهه امروٽي
- رياض احمد چنجڻي
- بيوس بهار سومرو
- وفا منظورچوهاڻ
- مولانا ضمير احمد لنجار
- فتح الله ” بيخود بلوچ“
- اسد چاچڙ
- سيد سراج احمدشاهه
- حماد الله ”حماد“ سومرو

- ابو انس قاري مير حسن عطاري
- اورنگ زيب ”زيب“ مهر
- مير احمد چنڙ
- عبدالواسع ”عبد“ سهندڙو
- ڊاڪٽر وحيد سمائر
- محمد ياسين ڪنير
- ساجد حسين آچراڻي
- گل حسن”گل“ سنڌي
- فيض محمد
- الهڏنو بروهي
- جاويد علي
- خطائي ٽيبو
- حافظ محمد حبيب الرحمان سومرو
- فدا حسين ”فدا“
- مددي ڪتب ۽ رسالا (ببليو گرافي)

# انتساب

آئون پنهنجو هيءُ پيار پريو پورهيو نهايت عقيدت ۽ احترام سان  هن شاهڪار ڪافيءَ

**”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نہ رڳو“**

جي سرجڻهار بزرگ هستي، مفتي اعظم، عاشق صادق، ڪامل اولياء، واصل بالله

**حضرت قبلہ مولانا عبدالغفور ’مفتون‘ همايوني رحہ**

جن جي ذات گرامي ڏانهن منسوب ڪندي سرهائي محسوس ڪريان ٿو

**’جي مون پورهيت ڪن، پورهيت ٿي پاڙي پريان‘**

**فدا حسين ’فدا‘**

ڳوٺ دادلوءِ تعلقو پنو عاقل ضلع سکر

# دعائيہ ڪلمات

پروفيسر فدا حسين ’فدا‘ جن جي زير نظر ڪتاب ”حيران هزارين مان نہ رڳو“ ۾ حضرت عبدالغفور همايوني رحہ جن جي سوانح ۽ مٿئين مشهور ڪافيءَ تي ليڪڪ سهڻي انداز ۾ تحقيق ڪئي آهي۽ ان ڪلام جي تتبع تي ڪيل شاعريءَ ڪي وڏي محنت سان سهيڙيو آهي. سندن ان ڪوشش ڪي اسان ساراهيون ٿا ۽ اها دعا ڪيون ٿا تہ رب ڪريم ذوالجلال و الاڪرام انهن ڪي ان محنت جو اجر عظيم عط فرمائي وما توفيقي الابالله العلي العظيم.

تاريخ 1.1.2021 بروز جمع

16 جمادي الاول1442ھ

## دعاگو

## فقيرعبدالباقي

## سجاده نشين درگاه عاليہ همايون شريف

## ضلع شڪارپور (سنڌ)

# مهاڳ

بر صغير پاڪ و هند ۾ سڀ کان پهرين سنڌ سونهاري اسلام جي نور سان روشن ٿي تنهن ڪري سنڌ کي ”باب الاسلام“ جو شرف ۽ شان حاصل ٿيو. مڪتوبات نبوي جو مجموعو سڀ کان پهريان ديبل جي هڪ عالم ابو جعفر بن ابراهيم مرتب ڪيو.قرآن شريف جو پهريون ترجمو سن 270ھ ۾ سنڌي زبان ۾ ٿيواسلام جي نور سان منور ٿيڻ کان پوءِ هن سر زمين کي اهڙا عظيم الشان انسان پيدا ٿيا جن تي عالم اسلام کي فخر آهي.انهن ۾ مخدوم ابوضلع سنڌي، ابو عطا سنڌي، ابو معشر سنڌي، اما اوزاعي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مولانا محمد حيات سنڌي وغيره تمام گهڻو مشهور آهن ابو عطا عربي زبان جو بلند پايہ شاعر هو،ابو معشر مغازي جي فن ماهر هو،امام اوزاعي کي فقہ ۾ امام جو درجوحاصل هو، محدث محمد حيات سنڌي۽ محدث محمد عابد سنڌي کي امام الحرمين جو منصب عطا ٿيو مطلب تہ سنڌ کي صدين کان اسلامي دنيا ۾ هڪ خاص مقام حاصل آهي.جتان جي عالمن سيرت پاڪ تي جيڪي ڪتاب لکيا سي عالم اسلام ۾ وڏي اهميت رکن ٿا اهڙي ريت نعت گوئي ۾ بہ سنڌ جي شاعرن کي منفرد مقام حاصل آهي.

نعت گوئي جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سڀ کان پهرين پاڻ سڳورن ﷺ جي چاچي حضرت ابو طالب نعت چئي ان کان پوءِ مشهور شاعر حضرت ڪعب بن زبير نعت ذريعي حضورﷺ جن جي صفت ۽ ساراهہ بيان ڪئي. ڪانئن پوءِ حضرت حسان بن ثابت نعت چئي جيڪي پاڻ سڳورنﷺ جا تمام گهڻا پيارا هئا. امام بوصيري جو قصيده برده شريف جڳ مشهور آهن. جنهن جا ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجما ٿيا. ان کان علاوه پاڻ سڳورن ﷺ جن جي چاچي حضرت حمزه رضہ بيبي فاطمہ رضہ امُ المومنين بيبي عائشہ رضہ خلفاء راشدين ۽ ڪيترن ئي عرب شاعرن عربي زبان ۾ نعتون چيون.فارسي زبان جي مشهور شاعر شيخ سعدي جي عربي زبان۾ چيل نعت پڻ جڳ مشهور آهي.

بلغ العليٰ بمالہ کشف الدجا بجمالہ
حسنت جميع خصالہ صلو عليہ وآلہ

ان کان علاوه سنڌي زبان جي اڻ ڳڻ شاعرن فارسي، اردو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ بارگاه رسالت ۾ نعتن جا نذرانا پيش ڪري پنهنجي عقيدت ۽ الفت جو اظهارڪيو پر سنڌي زبان ۾ جيڪا شهرت ۽ مقبوليت سنڌ جي عالم ۽ بزرگ مولانا عبدالغفور همايوني جي هڪ نعتيہ غزل نما ڪافي يا غزل کي حاصل ٿي سگهي آهي. انتهائي خوشي جي ڳالهہ آهي تہ پروفيسر فدا حسين وڏي جاکوڙ ڪري ان ڪافي جي تتبع تي چيل مختلف شاعرن جو ڪلام ڪٺو ڪري هي ڪتاب تيار ڪيو آهي. جنهن ۾ اسي کن شاعرن جو ڪلام شامل آهي. جس هجي فدا حسين صاحب کي جنهن ٽڙيل پکڙيل ڪلام وڏي محنت ۽ محبت سان گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪيو آهي، جنهن سان پڙهندڙ محظوظ ٿيندا ۽ ڪين دلي سڪون ۽ سرور حاصل ٿيندو. منهنجي خيال ۾ ان قسم جو هي پهريون ڪتاب آهي. جنهن۾ هڪ غزل نما ڪافي جي تتبع تي هيترن سارن شاعرن جو ڪلام شايع ٿي رهيو آهي تنهنڪري هن ڪتاب جي وڏي اهميت ۽ افاديت آهي.

پروفيسر فدا حسين صاحب هڪ مڃيل محقق آهي. سندس بہ تحقيقي ڪتاب ”دادلوء تاريخ جي آئيني ۾،۽ ”پنوعاقل هڪ اڀياس“ ڇپجي چڪا آهن. شعر و شاعريءَ سان بہ شوق رکندو اچي. سندس

شاعري جو هڪ ڪتاب”عشق ٽيو استاد“ ڇپجي چڪو آهي.

پروفيسر فدا حسين جيئن ته هڪ محقق آهي. تنهنڪري هن نه رڳو مولانا”مفتون“ همايوني جي مقبول غزل نما ڪافي ”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا“ جي تتبع تي ڇيل ڪلام ڪٺو ڪيو آهي. پر مولانا صاحب جي سوانح پڻ محققانه انداز ۾ لکي آهي. مولانا جي سوانح متعلق جيڪي غلط روايتون اڳ ۾ بيان ڪيون ويون هيون. هن انهن جي مدلل نموني ڇنڊڇاڻ ڪري صحيح حقيقتون نروار ڪيون آهن.سوانح عمري واري باب ۾ فدا صاحب بزرگ همايوني جو مشرب سندن همعصر سندن مطبوعه ۽ غير مطبوعه ڪتابن بابت پڻ مفيد معلومات ڏني آهي ان ئي باب ۾سندن تعليم متعلق ذڪرڪندي ان دور جي مدرسن،معلمين۽ شاگردن بابت وڏي معلومات ڏيئي تحقيق جو صحيح حق ادا ڪيو آهي. مولانا ”مفتون“ جي مشهور ۽ مقبول غزل نما ڪافي جون جن عالمن،اديبن ۽ شاعرن پنهنجي سوچ ويچارموجب جيڪي پڙهڻيون ڏنيون ويون آهن، سي سڀ پروفيسر صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنيون آهن، ان ڪان علاوه ان ڪافي جو عالماڻي انداز ۾ ادبي جائزو پيش ڪيو آهي.

آخر ۾ ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته پروفيسر فدا حسين جو سنڌي زبان ۾ لکيل هي هڪ منفرد ڪتاب آهي ۽ سندس جاکوڙ ۽ تحقيق قابل تعريف آهي.

**ڊاڪٽر نوا علي’شوق‘**
**ڪراچي سنڌ**
**17 فيبروري 2021ع**

# تقريظ

امام العلماء سيد الفقهاء غوث الزمان حضرت علامه عبدالغفور ”مفتون“ همايوني صاحب ولايت و ڪرامت بزرگ هئڻ سان گڏوگڏ بلند پايه علامه محقق،مدرس، مصنف، مناظر، صاحب تقويٰ ۽ ڪمال درجي جو شاعر ۽ ڪيترين ئي انيڪ خوبين جا مالڪ هئا، سندن علم جي دريا سان نه فقط سنڌ بلڪ پنجاب مڪران بلوچستان ۽ خراسان سيراب ۽ فيضياب ٿيا. سندن لکيل فتاويٰ جي مجموعي فتاويٰ همايوني کي اڄ به بيحد مقبوليات حاصل آهي. سندن ڪلام جو مجموعو”ديوان مفتون“ اڄ به عوام الناس ۾ بي پناهه مشهور۽ مقبول آهي. خاص ڪري سندن ڪلام” تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نه رڳو“ کي جيڪا مقبوليت ۽ شهرت حاصل ٿي ان بيان مشڪل آهي. ان ڪلام جي شهرت ۽ مقبوليت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي جو ڪيترن ئي شاعرن ان ڪلام جي تتبع تي شاعري ڪئي آهي.

زير طبوعه ڪتاب پروفيسر فداحسين’فدا‘ صاحب جو علمي ۽ تحقيقي شاڪار آهي جنهن ۾ پروفيسر فداحسين صااحب ان ڪلام جي تتبع تي ڪيل 80 کان وڌيڪ شاعرن جي شاعري کي سهيڙي هڪ هنڌ گڏ ڪري قارئين تي احسان عظيم ڪيو آهي يقينا تحقيق جو ڪم هڪ مشڪل مرحلو آهي.جنهن جو اندازو هر هڪ ليکڪ کي بخوبي هوندو ۽ ان ڳالهه کي ملحوظ رکڻ نهايت لازم آهي ته اها تحقيق مستند ۽ معتبر روايتن ۽ ڪتابي حوالن تي مشتمل هجي. جنهن انداز سان پروفيسر فدا حسين صاحب هڪ عظيم علمي ڪم تحقيقي انداز ۾ سرانجام ڏنو آهي اهو يقينا قابل ستائش و قابل صد تحسين آهي.

آئون ڏٽي در دعاگو آهيان ته شال رب ذوالجلال والاڪرام پروفيسر صاحب جي ان تحقيقي ڪاوش کي شرف قبوليت بخشي ۽ سندن قلم کي اجا به تقويت بخشي ته جيئن هو پنهنجي قلم ذريعي سونهاري سنڌ جي رهواسين جي تصنيف ذريعي تحقيقي انداز خدمت ڪندا رهن.

**دعاگو**

**صاحبزاده ميان محمد سالم جان هاشمي الياسيني**

**خانقاه عاليه قاسميه ڳڙهي ياسين ضلع شڪارپور**

**27 جمادي الاول 1442هه ، 12 جنوري 2021ع سه شنبه**

# تاثرات

الصلواة والسلام عليک يا رسول الله
وعليٰ آلک و اصحابک يا حبيب الله

الله پاڪ هر دور ۾ اهڙا ماڻڪ موتي پيدا فرمايا جن پنهنجي ڪمال ۽ فن جو نه فقط ڏاڪو ڄمايو بلڪ پنهنجي علم ذريعي دين متين جي خدمت سان گڏوگڏ قوم و ملت جي به رهنمائي ۾ پنهنجو ڪردار چڱي طرح ادا ڪيو اهڙن ئيي مانجهي مردن مان سرتاج الاولياء سيد الفقها غوث الزمان حضرت علامہ عبداالغفور ”مفتون“ همايوني رح به هڪ هئا.

حضرت همايوني جي شخصيت ڪنهن تعارف جي محتاج ناهي سندن اسم گرامي ڪان هر طبقي جا انسان واقف آهن. پاڻ پنهنجي وقت جا ولي ڪامل عالم رباني مفتي اعظم بي مثل مصنف و مناظر ”حڪيم“ بلند پايہ شاعر۽ مرجع الخلائق صاحب توڪل ۽ مستجاب الدعوات هئا. سندن فقهي مقام ۽ مرتبي جو اندازو ان ڳالهہ مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو تہ سندن دور ۾ ڪنهن به فتويٰ يا تحرير کي ان وقت تائين قبوليت جي نگاهہ سان نہ ڏٺو ويندو هو جيسيتائين ان تي حضرت همايوني جي تصديق ۽ دستخط نہ هجي. قرآن پاڪ جي تلاوت وقت ان جوادب ايتري قدر ملحوظ رکندا هئا هو مصحف شريف کي هٿ نہ لائيندا هئا بلڪ ڪجهہ جي پن سان ورق اٿلائيندا هئا سادات ڪرام جي تعظيم جو هي عالم هو جو جڏهن سادات ڪرام مان ڪنهن گهر ۾ دعا گهرائڻ لاءِ ڪين مدعو ڪيوويو تہ دروازي ڪان وٺي گهر جي اڱڻ تائين پلال ۽ ان جي مٿان تڏا رکرايائون پوءِ اندر تشريف وٺي ويا پُڇا ڪرڻ تي فرمايائون تہ جنهن جاءِ تي بيبين سڳورن جو پير پيو آهي اتي آئون پير رکان اهو مون کي نہ ٿو سونهين مستجا الدعوات هئڻ ان ڳالهہ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سندن آستاني تي هر وقت خلق خدا جو هجوم هوندو هو. پاڻ بلند پايہ شاعر بہ هئا ۽ شاعريءَ ۾ هڪ الڳ مقام رکن ٿا جنهن جو اندازو سندن ديوان جي مطالعي سان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو. سندن ڪلام” تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نہ رڳو“کي بي انتها شهرت ملي.

زير نظر ڪتاب مانواري سائين مشفق و مهربان شخصيت جاڪوڙي ۽ محقق شاعري ۽ موسيقي سان لڳاءُ ۽ ان متعلق ڄاڻ رکندڙ پروفيسر فدا حسين مڱٽهار صاحب جو حضرت همايوني جي سيرت سوانح سندن تعليمي ۽ استادي سلسلي سندن والد بزرگوار ۽ اساتذه ڪرام جي سيرت وسوانح سندن مدرسي جي تاريخ ۽حضرت همايوني جي شاعري ۽ سندن مشهور زمانہ ۽ مقبول ڪلام جي متعلق بهترين تحقيق ۽ علمي شاهڪار آهي.حضرت همايوني جي شاعري ۾مشهور زمانہ ڪلام جي تتبع تي ڇيل شاعرن جي شاعري کي سهيڙڻ جو ڪم بہ سرنجام ڏنو پر جنهن احسن طريقي ۽ تحقيقي انداز سان پروفيسر صاحب جن ڪيو آهي اهو يقينا قابل صد تحسين ۽ باعث مسرت آهي.

اها ڳالهہ منهنجي لاءِ ڪنهن سعادت کان گهٽ ناهي جو مون ناچيز هتي حضرت همايوني جي سيرت سوانح ۽ شاعري متعلق چند سٽون لکيو آهن. آئون دل جي گهرائين سان شڪر گذار آهيان

مانواري سائين پروفيسر فدا حسين ”فدا“ صاحب جو جن مون ناچيز  کي حضرت همايوني ”مفتون“ صاحب متعلق سندن ڪتاب تي ٻه اکر لکڻ جو شرف بخشيو ڳڏ و ڳڏ آئون ڏاڍي در دعاگو آهيان ته شال رب ڪريم پروفيسر فدا حسين ”فدا“ صاحب جي ان ڪيل تحقيقي ڪم تي ڪين جزاء خير عطا فرمائي ۽ سندن ڪاوشن ڪوششن کي شرف قبوليت  عطا فرمائي يا رب العالمين.

**طالب دعا**

**قمر الدين عطاري**

**سلطان ڪوٽ ضلع شڪارپور**

**28 جمادي الوليٰ 1442ھ**

**11 جنوري 2021ع بروز دو شنبہ**

# ادب جو خاموش خدمتگار، استا فدا حسين فدا

چون ٿا تہ ڪارل مارڪس(1883،1818) جڳ مشهور جرمن فلاسفر جڏهن پنهنجو ڪتاب Das Kapital لکيو پئي تہ سندس ملازم اچي ٻڌايو تہ توهان جو مري ٿو پيو جنهن تي ڪارل مارڪس وراڻيو تہ ڀلي مري وڃي مان هاڻي هڪ اهڙي پٽ کي جنم ٿو ڏيان جيڪو ڪڏهن بہ نہ مرندو اهڙي طرح مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايونيءَ ”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا“ جهڙيءَ ڪافيءَ کي جنم ڏئي سنڌي ادب کي اڻ مٽ تحفوڏنو آهي.

جيئن تہ عالمي ادب جي اصول مطابق خاص ڪري شاعري جي ڪا بہ صنف جيڪا ڪنهن نظريي ڪنهن عقيدي يا ڪنهن مت ڀيد جي اصول تي تخليق ڪئي ويندي آهي سا ديرپا ثابت نہ ٿي سگهندي آهي ليڪن ڏنو وڃي تہ مولانا عبدالغفور همايونيءَجي هن ڪافيءَ عالمي اصول کي ڪنهن قدر شهہ ڏني آهي چو تہ ڪافي هر مڪتب فڪر جي اديبن شاعرن وٽ پنهنجي مڃتا ماڻي آهي. جنهنڪري امداد حسينيءَ مولانا همايونيءَ هن سڄي ڪافيءَ کي سون ۾ تورڻ لاءِ لکيو آهي وڏيڪ هن مان اندازو ڪري سگهون ٿا تہ هن ڪافيءَ جي تتبع تي 80 کان مٿي شاعرمتاثر ٿي طبع آزمائي ڪئي آهي ليڪن خان بهادر محمد صديق ميمڻ چواڻي تہ مفتون جي درجي تائين ڪوبہ شاعر پهچي نہ سگهيو آهي.

پوفيسرفدا حسين جي لاءِ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هن بغير ڪنهن ڏيک جي سنڌي ادب جي خاموش خدمتگاريءَ جو ثبوت ڏيندي نظم توڙي نثر جا هن وقت تائين 5 ڪتاب ڏئي پاڻ کي سرخرو ڪيو آهي. ان لئہ چيو ويندو آهي تہ فڪر جون منزلون انهن ماڻهن جي حصي ۾ اچن ٿيون جيڪي ماٺ ۾ مطالعو ڪن ٿا پروفيسر فدا حسين مگڻهار جو هي ڪتاب تحقيق ۽ تاليف تي مشتمل آهي جنهن ۾ هن تحقيق واري حصي ۾ مولانا عبدالغفور ”مفتون“همايونيءَ جي سوانح عمريءَ ۾ جيڪي مطالعي وقت ڪيس کي جهول نظر آيا آهن انهن کي سائنسي تحقيق جي بنياد تي مڪمل سنوارڻ سڌارڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندي مختلف اديبن جي لکڻين جا حوالا ڏنا آهن تاليف واري حصيءِ لڳ ڀڳ 84 شاعرن جو ڪلام ۽ انهن جي سوانح عمري لکي آهي جيڪا مطالعيءِ محنت کان سواءِ لکي نٿي سگهجي هن قسم جي تحقيق توڙي تاليف اهي ماڻهو ڪري سگهندا آهن جن جي جيون ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جو جنون لڪيل هوندو آهي هن ڪتاب لکڻ لاءِ پروفيسر فدا حسين کي چڱي جاکوڙ ڪرڻي پئي آهي جنهن لاءِ مختلف ڪتب خانن سان گڏوگڏ شاعرن ۽ اديبن جا دروازا کڙڪائڻا پيا هوندا جنهن کان سواءِ تحقيق ۽ تاليف جو ڪم ڪرڻ ناممڪن آهي منهنجي دعا آهي تہ پروفيسر فدا حسين صاحب جي قلم ۾ الله تعاليٰ اجان بہ وڌيڪ سگهہ ڏي ۽ صحت ڪامل رکي تہ جيئن ايندڙ نسلن لاءِ بهتر کان بهتر ڪتاب ڏيندو رهي آمين.

**ربنواز مير بحر**

**رٽائرڊ اِي ڊي او (اجوڪيشن) سکر**

**پنوعاقل22 اپريل 2021ع**

# پنهنجي پاران

بـــنـــده پـــروردگـــار امـــت احـــمـــد صـــ نـــبـــي
دوســـت دارِ چـــار يـــارم، تـــاب اولاد عـــلـــي
مـــذهـــب حـــنـــفـــي دارم، امـــت حضـــرت خـــلـــيـــل
خـــاكـــپـــائـــي غـــوث اعـــظـــم زيـــر ســـايـــہ هـــر ولـــي

سڀ تعريفون ان مالڪ حقيقيءَ لاءِ آهن جيڪو سڀني جهانن جو پالڻهار آهي سوين صلواتون ۽ سلام سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذات مقدس تي جيڪي رسولن جا سردار ۽ خاتم الانبياء آهن.

حضرت علامہ مفتي اعظم مولانا عبدالغفور ”مفتون“ همايوني بزرگ همہ گير شخصيت جا مالڪ آهن سندس ڪمالات جو جڳ معترف رهيو آهي.پاڻ علمي ادبي روحاني فقهي ۽ طبي ميدان ۾ نهايت شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون اٿائون. سندس زندگيءَ جي هر پهلو تي لکڻ لاءِ دفتر درڪار آهن. هر طبقي جو فرد عقيدت ۽ احترام سان پنهنجو ناتو ساڻن ڳنڍيون اچي ٿو آئون بہ نهايت سڪ منجهان پنهنجي هيءَ ادنيٰ ڪوشش پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان جنهن ۾ سندن زندگي مبارڪ جي ٻن پهلوئن ڪي پنهنجي بحث جو موضوع بڻايو آهي پهريون سندن والد بزرگوار خليفي حضرت محمد يعقوب همايوني رحہ جي وفات کان پوءِ سندن رهيل تعليم جنهن ۾ سندن والد بزرگوار جي شاگرد سلطان محمود سيتپوريءَ کان علاوه سندن والد محترم جي هڪ ٻئي شاگرد مولانا عبدالله سومراٽي واري عرف (محمد يعقوب) جو نالو بہ شريعت سوانح نمبر ۾ ملي ٿو اهڙي طرح مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو نالو بہ آيو آهي ان تي مون پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

ٻي ڳالهہ اها جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ خليفي محمد يعقوب همايوني صاحب پاٽ شريف جي بزرگ ميان محمود پاٽائيءَ کان خلافت جو خرقو حاصل ڪيو ان کان علاوه بزرگ مولانا عبدالغفور”مفتون“ همايوني صاحب لاءِ اهو بہ لکيو ويو آهي تہ پاڻ شعرجي اصلاح ساڳئي بزرگ ميان محمود پاٽائيءَکان ورتائون ان ڪري انهن روايتن تي بہ تاريخي نقطي نگاه کان روشني وڌي وئي آهي. ان کان علاوه مولانا ”مفتون“ رحہ جي تعليمي سلسلي ۾ استاد الکل حضرت علامہ حافظ عبدالحليم ڪنڊوي جي حالات تي بہ تفصيل سان لکيو ويو آهي. جنهن ۾ سندن سوانح جي ڪجهہ نيون حقيقتون سامهون آيون آهن ان لاءِ مولانا حافظ عبدالحليم ڪنڊوي جي مدرسي ”ڪنڊي“ کان شروعات ڪئي وئي آهي پوءِ ”مدرسو همايون“ ۽ ”مدرسوشهداد ڪوٽ“ جو ذڪر ڪري روايتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي وئي آهي. منهنجي هيءَ دعوي بلڪل ڪونہ آهي تہ جيڪي ڪجهہ بحث هيٺ آندو ويو آهي اهو ڪو حرف آخر آهي بلڪ اڃا بہ وڌيڪ جستجو سان نيون راهون کلي سگهنديون جن تي وڌيڪ لکي ۽ سوچي سگهبو ڪتاب جو ٻيو حصوبزرگ حضرت علامہ عبدالغفور ”مفتون“ همايوني بزرگ جي شاهڪار

ڪافي”تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا. زندان هزارين مان نه رڳو“ جون مختلف پڙهڻيون، شهرت ۽ مقبوليت ادبي جائزو ۽ انهيءَ جي تتبع تي سندن همعصر ۽ پوءِ جي شاعرن ڪانئن متاثر ٿي جيڪا طبع آزمائي ڪئي آهي. انهن مان جن شاعرن جو ڪلام راقم الحروف ڪي ملي سگهيو آهي ان ڪي سڪ سان سهيڙيو آهي.

مون ڪي جنهن به شاعر جو ڪلام جهڙيءَ طرح مليو آهي ان ڪي مون جيئن جو تيئن پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي پنهنجي طرفان ان ۾ ڪابه گهٽ وڌائي نه ڪئي آهي ان جي هيٺان حوالو به ڏنو آهي ته هيءَ ڪافي ڪٿان ملي آهي. حضرت مولانا تاج حمود امروٽي رحه جي ڪافي ڊاڪٽر سيد محمود شاه بخاري جي ٻن ڪتابن(1)وطن جي آزادي جو امام(پي ايچ ڊي ٿيسز) ۽ عرفان امروٽي عرف ڪليات حسن ۾ درج ٿيل آهي ٻنهي ڪتابن ۾ بندن جون پڙهڻيون مختلف آهن مون عرفان امروٽي عرف ڪليات حسن جي پڙهڻيءَ ڪي اختيار ڪيو آهي.جيڪا پهرئين ڪتاب جي پيٽ ۾ موزون آهي. مون حتي المقدور ڪوشش ڪئي آهي ته ڪلام ڪي پڙهي پرجهي خبرداريءَ سان لکان جيئن شاعر جو ڪلام سان هٿ چراند نه ٿئي. جيڪڏهن پڙهندڙن ڪي ڪٿي ڪا گهٽ وڌائي نظر اچي ته اها ناقل جي چئبي جنهن وٽان ڪلام دستياب ٿيو البته گهڻو ڪلام شاعرن جي رسالن تان ڪنيو ويو آهي پوءِ به انسان خطا جو گهر آهي ان لاءِ اڳوات معافي جو طلبگار آهيان. ڪجهه شاعرن جو ڪلام ”مفتون صاحب“ واري ڏنل رديف تي نه آهي ليڪن خيال ملندڙ جلندڙ آهي، انڪري انهن جو ڪلام به ڏنو ويو آهي مولانا مفتون همايوني صاحب جي انهيءَ لازوال ڪافيءَ ” تنهنجي زلف جي ڪمند وڏا زندان هزارين مان نه رڳو“ جون مختلف پڙهڻيون شهرت ۽ مقبوليت ادبي جائزو ۽ انهيءَ جي تتبع تي سندن همعصر ۽ پوءِ جي شاعرن ڪانئن متاثر ٿي جيڪا طبع آزمائي ڪئي آهي ان هن مان جن شاعرن جو ڪلام راقم الحروف ڪي ملي سگهيو آهي ان ڪي سڪ سان سهيڙيو ويو آهي.

مون ڪي جنهن به شاعر جو ڪلام جهڙيءَ طرح مليو آهي ان ڪي مون جيئن جو تيئن پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي.پنهنجي طرفان ان ۾ ڪابه گهٽ وڌائي نه ڪئي آهي ان جي هيٺان حوالو به ڏنو آهي ته هيءَ ڪافي ڪٿان ملي آهي. حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رح جي ڪافي ڊاڪٽر سيد محمود شاهه بخاري جي ٻن ڪتابن(1) وطن جي آزادي جو امام(پي ايچ ڊي ٿيسز) ۽ عرفان امروٽي عرف ڪليات حسن۾ درج ٿيل آهي ٻنهي ڪتابن ۾ بندن جون پڙهڻيون مختلف آهن مون عرفان امروٽي عرف ڪليات حسن جي پڙهڻيءَ ڪي اختيار ڪيو آهي جيڪا پهرئين ڪتاب جي پيٽ ۾ موزون آهي.مون حتي المقدور ڪوشش ڪئي آهي ته ڪلام ڪي پڙهي پرجهي خبرداريءَ سان لکان جيئن شاعر جي ڪلام سان هٿ چراند نه ٿئي. جيڪڏهن پڙهندڙن ڪي ڪٿي ڪا گهٽ وڌائي نظر اچي ته اها نافل جي چئبي، جنهن وٽان ڪلام دستياب ٿيو البته گهڻو ڪلام شاعرن جي رسالن تان ڪنيو ويو آهي پوءِ به انسان خطا جو گهر آهي ان لاءِ اڳوات معافي جو طلبگار آهيان ڪجهه شاعرن جو ڪلام ”مفتون صاحب“ واري ڏنل رديف تي نه آهي ليڪن خيال ملندڙ جلندڙ آهي. ان ڪري انهن جو ڪلام به ڏنو ويو آهي. مولانا ”مفتون“ همايوني صاحب جي انهيءَ لازوال ڪافيءَ جي تنقيدي جائزي ۾ محترم شيخ اياز۽ هڪ ٻئي وڏي عالم۽ علم عروض جي ڄاڻوشاعر مولانا عبدالرحمان ضيائي صاحب جي ڪيل تنقيد ڪي به پيش ڪيو ويو آهي. شيخ اياز جي تنقيد تي مشهور نقاد مرحوم قربان بگٽي صاحب پنهنجو رايو ڏنو آهي حيرت هن ڳالهه جي آهي ته مفتون صاحب جي اها جڳ مشهور ڪافي شهرت جي بلنديءَ تي پهتل آهي. وقت جي وڏن وڏن عالمن اديبن محققين نقادن ۽ شاعرن ان ڪي دل کولي داد ڏنو آهي ۽ تحسين جي نگاهه سان ڏنو آهي. ان جي هر هڪ بند ۾ معنيٰ جا موتي ۽

وڏوسون سمايل آهي ٻولي ۽فن جي پختگي ٻه آهي.عالم سگورا پنهنجي واعظن ۾ ۽ مداحي حضرات مسجدن ۾ اها ڪافي خوش الحانيءَ سان پڙهندا آهن. "مفتون" جو سڄو ڪلام پنهنجو مٽ پاڻ آهي جنهن ۾ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمدﷺ جن سا ڪمال عقيدت جو اظهار آهي. سندس ڪلام پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان هڪ درد مند انسان بي قابو ۽ بي اختيار ٿي وڃي ٿو ليڪن خبر نہ آهي تہ شيخ اياز مرحوم اها راءِ ڪهڙي بنياد تي ڏني آهي!

ان جي ڪابہ وضاحت ٿيل نہ آهي بهرحال اها سندس شخصي راءِ ۽ بيجا تنقيد چئبي اهو ڪافيءَ جو اثر ئي چئبو جو پاڻ بزرگ "مفتون" صاحب جي انهيءَ ڪافيءَ جي پر ان جو تتبع ٻہ ڪيو اٿائين.

بزرگ "مفتون" همايوني صاحب جي انهيءَ تتبع تي چيل ڪلام کي ڪن ليکڪن پنهنجن ڪتابن۽ مضمونن ۾ گڏ ڪري شايع ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي.اهو وچور هن ريت آهي ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب "سنڌي زبان نعتيہ شاعري" جنهن جو پهريون ڇاپو 1980ع ۾ سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻي پاران شايع ٿيو جنهن ستن شاعرن جو ڪلام ڏنل آهي. ماهوار نئين زندگي رسالي جي مئي جون 1999ع واري شماري ۾محترم محبوب اخترپناڻ صاحب پنهنجي ليک "واصف ۽ شعراءِ سنڌ" ۾ پنجن شاعرن جو ڪلام ڏنو محترم عبدالجبار"عبد" سال 2001ع "حيران هزارين" ڪتاب ۾ 22 شاعرن جو ڪلام الحاج رحيم بخش قمر کي ڇڏي جو ان رديف تي نہ آهي سهيڙي هڪ سني ڪوشش ڪئي. ٿماهي مهراڻ رسالي سال 2017ع واري شماري ۾ محترم مجاهد سولنگي صاحب 12 شاعرن جو ڪلام ڏنو الحاج رحيم بخش قمر جي ڪلام ڪان علاوه محترم اورنگ زيب "عاجز" مهر صاحب پنهنجي ڪتاب زلف جي بند ڪمند وڏا) ميان عبدالغفور "مفتون" همايوني احوال ۽ ڪلام ۾ 16 شاعرن جو ڪلام ڏنو جيڪو مزمل پبليڪيشن عبدو پاران سال 2019ع ۾ منظر تي آيو آهي. جنهن ۾ 16 شاعرن مان 14 شاعرن جو ڪلام عبدالجبار عبد صاحب واري "حيران هزارين" ۾ اڳ ئي اچي چڪو آهي. سنڌ ڏرتي پروڊڪشن جي ڪيسٽ واليوم نمبر 42 ۾ اٺن شاعرن جو ڪلام حاجي امداد الله قلپوٽي صاحب جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل آهي تازو جامع الفاروقيہ مدرسي ڪراچي جي ربيع الاول جي پرچي "الفاروق" ۾پڻ انهي تتبع تي ڪجهہ شاعرن جو ڪلام ڇپيوآهي. اهڙيءَ طرح انهن مٿين سيني تذڪرن جملي شاعرن جو تعداد 33 بيهي ٿو جيڪي راقم الحروف جي سهيڙيل مجموعي ڪان اڳ منظر تي اچي چڪا آهن.

هيءُ ڪتاب جيڪو اوهان صاحبن جي هٿن ۾ آهي انهيءَ جملي شاعرن جو تعداد 84 آهي جنهن ۾مٿين ذڪر ڪيل 33 اڳ آيل شاعرن جو ڪلام بہ شامل آهي باقي 51 شاعرن جو ڪلام نئون آهي جيڪي اڳين تذڪرن۾ شامل ڪونہ آهن. پڙهندڙن جي سهولت خاطر اهڙن نون شاعرن جي نالن مٿان " ستاري" جو نشان لڳايو ويو آهي تہ جيئن پڙهندڙ سمجهي سگهن تہ انهن شاعرن جو ڪلام اڳ آيل نہ آهي. جن شاعرن جا ٻہ ٻہ ڪلام شامل آهن انهن ۾ سيد محمد اسحاق شاه نقوي محترم سيد رفيق احمد شاهہ امروٽي محترم علي اڪبر اسير قريشي مهيسر خادم رفيقي محترم محمد ياسين ڪنير ۽ راقم الحروف اچي وڃن ٿا. مرحوم شيخ اياز مرحوم درگاهي ميراڻي صاحب ۽ نذير سنڌي صاحب جا قومي ڌارا تحت ساڳئي گهاڙيٽي تي سرجيل ڪلام بہ شامل آهن. شاعر حضرات جيڪي رديف استعمال ڪيا آهن اهي هن ريت آهن.

"هزارين مان نہ رڳو، لکين مان نہ رڳو،ڪروڙين ما نہ رڳو هزارين مان ڇاهيان، حيران ٿيا هزارين هزارين آئون نہ هڪو ۽ هزارين پيا ٿيندا وغيره

پڙهندڙن جي سڌ لاءِ عرض آهي ته انهيءَ سلسلي ۾ حضرت مولانا بزرگ ”مفتون“ همايوني صاحب جي ٻن همعصر نامور عالمن سڳورن مان هڪ سندن قريبي دوست ۽ درگاهه مخاديم کهڙا شريف جي نامور هستي محترم مخدوم الهه بخش عاصي کهڙوي ۽ ٻيو بزرگ ”مفتون“ صاحب جو شاگرد رشيد مولانا عبدالعزيز قريشي جيڪو پوءِ دارالعلوم ديوبند ۽ سهارنپور بہ پڙهڻ ويو. اتان موٽي واگهه(ضلعو جيڪب آباد) ۾ اچي مدرسو کوليائين پوءِ پنهنجي مرشد چشموي بزرگ جي مشوري سان علي پور (نور واه لڳ پنگرن جي ڳوٺ) ۾ مدرسو جاري ڪيائين پوءِ اتان ڇڏي پنهنجي سالن وٽ فيملي لائين جيڪب آباد ۾ رهيو ۽ اتي بہ پڙهائيندو رهيو انهن ٻنهي انهيءَ تتبع تي پنهنجون ڪافيون جوڙيون ليڪن افسوس جو گهڻي ڪوشش جي باوجود سندن ڪلام هٿ اچي نہ سگهيو مولانا عبدالعزيز قريشي جي پوين سان رابطي رکڻ تي معلوم ٿيو تہ سال 2010ع واري مهاٻوڏ سندن ڪتب خانو ۽ مولانا صاحب جي شاعريءَ وارو نوٽ بوڪ ضايع ٿي ويا. مخدوم الهه بخش عاصي کهڙوي مرحوم جي ڪافي لاءِ درگاه مخاديم کهڙا شريف جي سجاده نشين مخدوم نديم احمد هاشمي صاحب جن سان بہ رابطو رکڻ جي باوجود سندس ڪافي هٿ اچي نہ سگهي جو سندن چوڻ هو تہ ”بياض“ اها ڪافي نٽي ملي. ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب ”مولود“ مان خبر پوي ٿي تہ کهڙن جي بزرگ مخدوم پير محمد جي ڏينهن ۾ ” خواجن جي مولودين“ جي ٽولي مشهور هئي جن وٽ مخدوم الهه بخش عاصي کهڙن واري جا ۽ ٻين شاعرن جا مولود قلمبند ٿيل هئا. جيڪڏهن ڪو ادبي ذوق رکندڙ دوست جاکوڙ ڪري اهو ڪلام هٿ ڪري سگهي تہ بنده ڏانهن ڏياري موڪلي تہ انشاء الله ٻي ايڊيشن ۾ سندس شڪريي سان اهو ڪلام شامل ڪيو ويندو.

آخر ۾ انهن مهربان بزرگن ۽ دوستن جا نالا ڳڻائڻ ضرور سمجهان ٿو جن هن سلسلي ۾ پنهنجا پال پلايا آهن انهن هستين ۾ آئون درگاه همايون شريف جي سجاده نشين جناب حضرت ميان عبدالباقي صاحب جن جو تهدل سان شڪر گذار آهيان جو پاڻ ڪمال مهرباني فرمائي ڪتاب لاءِ پنهنجي خيالن جو اظهار فرمايائون ۽ دعائون ڏنائون محترم علي نواز شوق صاحب جيڪي علم و ادب جي ميدان جا شهسوار ناليوارا اديب، دانشور ۽ محقق آهن. تن وڏا وڙ فرمائي منهنجي مسودي جو اکر اکر اکرڪري پڙهيو ۽ ڪتاب بابت بہ اکر بلڪ چڱا اکر لکي پنهنجا عالمانہ ويچار ونديا.ان ڪان علاوه پنهنجي نيڪ مشورن سان بنده جي رهنمائي ڪرڻ فرمائي. ان ڪان علاوه محترم سيد محمد اسحاق شاه جيلاني عرف غلام علي شاه نقوي صاحب جا هن تتبع تي بہ نادر ڪلام پڻ بنده ڏانهن ڏياري موڪليا جيڪي هن مجموعي ۾ شامل ٿي هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويا. آئون سندن لاءِ دعاگو ۽ ممنون آهيان.

ڳڙهي ياسينوي بزرگ عالمن سڳورن جي چشم چراغ محترم صاحبزاده ميان محمد سالم جان هاشمي صاحب جن پنهنجي بزرگ حضرت مولانامحمد ابراهيم ناظم“ ڳڙهي ياسينويءَ جو ڇپريون ترتيب ڏنل رسالو ”ديوان مفتون“ جيڪو شيام سندر پريس شڪارپور مان شايع ٿيو هو سو ڪمال مهرباني فرمائي بنده جي ڳوٺ قدم رنج فرمائي هٿئون هٿ ڏنائون. ان ڪان علاوه مولانا ”ناظم“ ياسينوي بزرگ جو انهيءَ تتبع تي چيل ڪلام بہ فراهم ڪيائون ۽ ڪتاب بابت ”تقريظ“ پڻ لکيائون جنهن لاءِ سندن ٿورا وساري نٿو سگهان. محترم مهربان ساٿي ۽ هردلعزيز شخصيت جناب قمر الدين عطاري صاحب سلطان ڪوٽ ضلعي شڪارپور واري جو بہ بيحد شڪر گذار آهيان جو مولانا مفتون همايوني بزرگ جي سوانح تي لکيل ڪتاب” هما همايوني“ ۽ ” تذڪره مشائخ ڪتبار شريف“ تحفتا موڪلي ڏنا ۽ ڪتاب بابت پنهنجا تاثرات قلمبند ڪيا. پنهنجي راڻي رفيق ۽ دلبر دوست محترم ربڏني

ميربحر صاحب سابق اِي ڊي او ايجوڪيشن ۽ حال پرنسيپال روشن تارا اسڪول پنوعاقل جن به پنهنجو پراڻو ساٿ نباهي پنهنجا تاثرات لکيا روهڙي شريف جي سڃاڻ ليکڪ ۽ ناليواري اديب ۽ موسيقي جي ڄاڻو محترم اختر درگاهي صاحب جن به مهرباني ڪئي جو پنهنجي نامور والد مرحوم درگاهي ميراڻي صاحب جن جي ڪلام جي عنايت ڪرڻ فرمائي. پنهنجي هڪ ٻئي ڪرم فرما دوست نعت گو شاعر ۽ سيرت اڪيڊمي شهداد ڪوٽ جي روح روان جناب پروفيسر سيد گل محمد شاهه بخاري جن جو به احسانمند آهيان جو پنهنجو ڪلام واٽس ايپ ڪيائون. مجاهد سولنگي صاحب ليڪچرر آءِ بي اي نوابشاهه جن جو به ٿورائتو آهيان جو مولانا عبدالقادر ”عبدي“ سولنگي صاحب جو ڪلام موڪلي ڏنائون. نامياري شاعر ۽ اديب محترم ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي صاحب جا گڻ ڳائڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهانجو انهيءَ تتبع تي پنهنجا به ڪلام ۽ محترم رياض احمد چنجڻي جو ڪلام ڏياري موڪليائون. جاتي ضلعي سجاول جي اديب شاعر ۽ ڪتاب” نتو صدين ڪان“ جي مصنف محترم رسول بخش تميمي صاحب جن به پنهنجا پال پلايا جو پنهنجي شاعريءَ جو ڪتاب” طرب وطن“ بنده راقم ڏانهن ڏياري موڪليو. جنهن مان انهيءَ تتبع تي سندن ڪلام مليو جيڪو هن ڪتاب جي زينت بڻيل آهي راڻيپور جي جاڪوڙي جوان ورڪداپ مڪينيڪل انجنيئر ايريگيشن محترم بشير احمد ڪلهوڙي جا ٿورا به وسارڻ جهڙا نه آهن جو مرحوم الحاج رحيم بخش قمر لاڪي صاحب جي انهيءَ تتبع تي چيل ناياب ڪافي وٽنئس ئي دستياب ٿي سگهي ان ڪان سواءِ پاڻ تڪليف وٺي بنده جي عرض ڪرڻ تي مخدوم الهه بخش عاصي کهڙوي جي مٿي ذڪر ڪيل ڪافي لاءِ کهڙا شريف ويوو ۽ اتان جي اديب دوستن سان مليو ليڪن مذڪوره ڪافي نه ملي سگهي. ”چنهياڻي لئبريري ڪنڊياري“ جي مالڪ ۽ علم ادب سان چاهه ۽ چاڻ رکندڙ شخصيت محترم محمد عثمان صاحب جن به ادب دوستيءَ جو ثبوت ڏيندي مولانا مفتون جي سلسلي جي شاعر ۽ سندن فرض يافته صوفي حضرت محمد بخش قرڙي جي ڪافي واٽس ايپ ڪري موڪلي جنهن لاءِ آئون سائين جن جو به احسان مند آهيان محترم مولانا محمد رمضان مهيري صاحب جن جا به وڏا قرب جو انهيءَ سلسلي جي هڪ نامور لاڙ جي عالم دين مولانا علي محمد مهيري جي سوانح تي لکيل ڪتاب ”تن پنهوارن پچار“ ۽ مولانا صاحب جا ڪجهه ٻيا ڪتاب ۽پنهنجو لکيل ڪتاب تاريخ گولاچي“ ارسال ڪيائون جنهن لاءِ سندن شڪريو ادا ڪرڻ پنهنجي لاءِ واجب ٿو سمجهان پنو عاقل جي شاعر حضرات مان مولوي ثناءُ الله جتوئي صاحب ۽ محترم محمد بچل سميجي جو ڪلام مشهور ۽ سريلي نعت خوان محترم محمد يوسف سومري صاحب جي وساطت سان موصول ٿيو پنوعاقل جي ڄاتل سڃاتل شاعرن محترم بيخود بلوچ ۽ اسد چاچڙ محترم محمود مخمور ملڪ ۽ محترم حافظ عبدالجبار جتوئي انهن سيني صاحبن به مهرباني فرمائي پنهنجو ڪلام بنده ڏانهن عنايت ڪرڻ فرمايو.

صوفي بزرگ حضرت لعلڻ سائين ”درگاهه لعلڻ سائين مست بخاري جي فرزند محترم سائين غلام ميران شاهه صاحب جن به پنهنجا پال پلائي پنهنجي والد بزرگوار جي سرائيڪي ڪافي ڏياري موڪلي جيڪا هڪ بيش بها اضافو آهي.

پنوعاقل جي ڳوٺ سلطان پور جي نوجوان ۽ بهترين نعت و شاعر ۽نعت جي ڪيترن ئي ڪتابن جي ليکڪ محترم محمد ياسين ڪنير جو جيڪڏهن ذڪر نه ڪيان ته ڳڻ چور ٿيندس جو پاڻ فراخدليءَ جو مظاهرو ڪندي ڊرتي پروڊڪشن ڪيسٽ واليوم 42 حاجي امداد الله قلپوٽي صاحب مشهور نعت خوان جي آواز ۾ رڪارڊ ڪيل شاعرن ڪان علاوه ڪجهه ٻين شاعرن جو ڪلام ۽ مولانا عبدالله ”عبد“چانڊئي جي تصوير فراهم ڪيائون. جنهن لاءِ سندن وڏا وڙ ۽ احسان سمجهان ٿو مشهور

نعت خوان حاجي خان محمد چاچڙ صاحب جا بہ وڏا قرب جو "عبدالجبار "عبد" جو ڪتاب حيران هزارين ڏنائون پنهنجي پراڻي رفيق ۽مهربان دوست محترم مير مرتضيٰ ڪلوڙ صاحب ليڪچرر سنڌي هميشہ وانگر منهنجو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو ماهوار نئين زندگي رسالي جو مئي جون 1999ع وارو شمارو آڻي ڏنائين جنهن ۾ محترم محبوب اخترپناڻ صاحب واري ليک ۾ انهيءَ تتبع تي پنجن شاعرن جو ڪلام مليوسندن فرزند مزمل حسين جو بہ سهڪار شامل حال رهيو جو انٽر نيٽ تان متعلق مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۾ راقم الحروف جي مدد ڪئي. ڪتاب جي ڪمپوز محترم ساجد حسين آچراڻي نهايت محبت ۽ جان فشانيءَ سان راقم جي اڳين ڪتابن جيان هن ڪتاب جي بہ سهڻي ڪمپوزنگ ڪئي. جنهن لاءِ آئون ان جو بہ ٿورائتو آهيان. ڪتاب جي هر مرحلي جي نگراني توڙي سهڻي ڇپائيءَ جو سِهرو اڳ جيان مانواري سڄڻ محترم شوڪت چاچڙ صاحب جي سِر تي سونهين ٿو جنهن صاحب پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي پنهنجو ڪم سمجهي پنهنجي فني مهارت سان ڪتاب کي پاييہ تڪميل تي پهچايو سنس شڪريي ادائي لاءِ مون وٽ اهڙا لفظ ئي نہ آهن جو قرطاس تي آڻيان. بس پلائيءَ جا پاڙا ڏٺي ڪيس ڏيندو.

آخر ۾ هن ڳالهہ جو ذڪر ڪندو هلان تہ منهنجي چاچي مرحوم استاد غلام محمد محمدي جن کي هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جو شدت سان انتظار هو پاڻ هر لمحي راقم الحروف کان ان بابت پڇندا ۽ معلومات وٺندا رهيا تہ ڪتاب ڪڏهن ٿو ڇپجي؟ آئون ان بابت ڪين آگاهہ ڪندو رهندو هوس تہ سڄو مواد ڪمپوز ٿي ماهرن ڏانهن راين لاءِ موڪليو آهي. اهو ٻڌي ڪين اطمينان حاصل ٿيندو هو پاڻ بزرگ همايوني رحہ جي تتبع تي سيد محمد اسحاق شاه نقويءَ جي چيل ڪافيءَ کان ڏاڍو متاثر هئا ان جي بند ٻڌڻ جي اڪثر فرمائش ڪندا هئا.

الحمد رکي هڪ لام بطن، ڪير مخفي فاتحہ نام سڄڻ
ان احمد تي گلفام چڪن، چڪچور هزارين مان نہ رڳو

جيئن تہ پاڻ سچا عاشق رسول الله ﷺ هئا اهو بند ٻڌڻ سان سندن اکيون اشڪبار ٿي وينديون هيون ۽ چوندا هئا تہ بزرگ همايوني جي ڪافي تہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي ليڪن هن شاعر بہ ڪمال ڪيو آهي. افسوس جو هيءُ ڪتاب پريس ڏانهن وڃي رهيو هو تہ سندن حياتيءَ جو ماڻ پرجي آيو ۽ اسان کي جدائي جو داغ ڏيئي اجل جي پيغام کي لبيڪ چوندي 1 جنوري 2021ع مطابق 16 جمادي الاول 1442هہ بوز جمعت المبارڪ صبح صادق جو 4:30 وڳي پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليا( انا لله وانا اليہ راجعون)

دعا آهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ سندن درجات بلند فرمائي. آمين مون کي اميد آهي تہ منهنجو هيءُ ادنيٰ پورهيو سنڌي ۽ اسلامي ادب توڙي تصوف ۾ هڪ اهم اضافو ثابت ٿيندو.

**خاڪپاءِ اولياء**

**پروفيسر فدا حسين فدا**

**ڳوٺ دادلوء**

**127پريل 2021ع**

**14 رمضان المبارڪ 1442هہ**

www.sindh salamat.com books.sindhsalamat.com

# حضرت علامہ الزمان عبدالغفور ”مفتون“ همايوني رحہ جو مختصر احوال

حضرت مولانا عبدالغفور”مفتون“همايوني بزرگ جو نالو ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي سندس بزرگي ۽ علميت جو ڏاڪو هنڌين ماڳيين وينل آهي. پاڻ هڪ ئي وقت عالم عارف مفتي فقيہ حڪيم شاعر ۽ صاحب دل بزرگ هئا. سندس والد خليفو محمد يعقوب همايوني بلوچستان جي ناڙي علائقي جي ”ڇٽ“ جو وينل هو. جنهن وٽان وڏن وڏن عالمن علم پرايو خليفو صاحب ذات جو پيچوهو هيو جيڪي ابڙن جي لڇ مان آهن. نياز همايوني سندس ولادت 1261 هہ مطابق 1844ع ڄاڻايو آهي.جڏهن تہ ”فتاويٰ همايوني“ جي مترجم مفتي سيد فهيم احمد شاهہ راشدي 1261هہ مطابق 1845ع لکيو آهي. سندن ولادت با سعادت ضلعي شڪارپور جي شهر ”همايون“ ۾ ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب وٽان حاصل ڪيائي. والد صاحب جي وفات وقت سندس عمر 13 سال هئي. ان ڪري وڌيڪ تعليم پنهنجي والد بزرگوار جي شاگرد علامہ سلطان محمود سيتپوري وٽان حاصل ڪيائون. جنهن همايون ۾ رهي ڪين تڪميل ڪرائي. مولانا مفتون همايوني صاحب هڪ عالم باعمل پير طريقت وڏو شاعر حاذق حڪيم اعليٰ مدرس سياست ڪان ڪناره ڪش ۽ وڏي پيري مريديءَ وارو هو.

آخري ڏينهن۾ بزرگ صاحب تي حال جو غلبو هو ان ڪري استغراق واري ڪيفيت مٿن طاري رهندي هئي. جنهن ڪري اڪثر گوشہ نشين گذاريندا هئا ۽ تدريس جو ڪم ڇڏي ڏنائون البتہ ڪن خاص شاگردن کي پڙهائيندا هئا. جيڪي بہ سائل فتويٰ جي سلسلي ۾ وٽن ايندا هئا. شريعت مطهره جي روشني ۾ انهن مسئلن کي حل فرمائيندا هئا. ان وقت پاڻ بيدار مغز نظر ايندا هئا.

اعليٰ حضرت پير سائين پاڳارا پير حزب الله شاهہ ”مسڪين“ تخت ڌڻي پير پاڳارا حضرت شاهہ مردان شاهہ (اول) پير سيد رشدالله شاهہ راشدي.پير جهنڊي وارو سيد غلام محي الدين شاهہ جيلاني (والد صاح پير سيد صالح محمد شاهہ جيلاني راڻيپوري) سخي قبول محمد(ثاني) فاروقي درازي مخديم محمد امين ”ثالث“ پڪن ڌڻي پير رفيع الدين سرهندي شڪارپوري مخدوم الهہ بخش عاصي کهڙوي مولوي غلام محمد مهيسر ڪماليديرائي فقير محمد محسن بيڪس حافظ محمد صديق پرچونڊي شريف مولانا سيد تاج محمود امروٽي خواجہ محمد حسن جان سرهندي ٽنڊو سائين داد،مولانا پير حسن لنواري شريف محمد عمر جان چشموي نقشبندي مولانا بهائوالدين بهائي مولانا محمد ابراهيم پيو سرحدي مولانا عبدالغفار مهر خانڳڙهي مولانا محمد يعقوب عرف عبدالله رستماڻي مولانا عبدالستار رستمي مولانا عبدالرحمان سڪروي مولانا عبدالقادر انيڙ پنهواري مولانا گل محمد شهدادڪوٽي مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي مولانا حسن الله پاٽائي، مولاناعطاءُ الله فيروزشاهي مخدوم غلام محمد ملڪاڻي مولانامحمد هاشم ڳڙهي ياسينوي مولانا مخدوم محمد صالح پاٽائي ميان غلام حيدر ڪٽباري مولاناتاج محمدڪٽباري مجذوب محمد سيوهاڻي مير علي نواز علوي مير امام بخش خان ٽالپور والي رياست خيرپور سيد رڪيل شاهہ فتح پورسيد فيض محمد شاهہ عرف فيض درياہ انباہ شريف ٻڍل فقير حڪيم محمد صادق راڻيپوري مولانا محمد حسن حيدرآبادي مولانا حامد الله ميمڻ ٻيلوي شمس العلماء مرزا قليچ بيگ ميان محمد علي انيڙ (قبو جامي درگاہ) مولوي قادر بخش گولو (صحبت پور) مولوي عبدالقادر سولنگي مولوي محمد صديق سيتائي ولي محمد ڪاتياري شاهہ نصير الدين نوشهرو فيروز مولوي محمد عاقل عاقلي خواجہ عبدالرحمان ٽڪڙائي ۽ مير عبدالحسين خان سانگي.

**حضرت مولانا مفتون رحہ جا شاگرد:**

سندن شاگردن جي هڪ ڊگهي لسٽ آهي جن ڪانئن دين جو علم پڙهيو ۽ خلق خدا جي خدمت ڪئي. هن بزرگ جا ڪيئي عالم شاعر ۽ حڪيم شاگرد هئا.

**مولانا صاحب جون تصنيفون**

بزرگ همايوني صاحب هڪ جيد عالم دين هو. تفسير حديث فقهہ تصوف رياضي طب ۽ ٻين علمن ۾ وڏو درڪ حاصلو هوس. خاص ڪري فقهہ ۾ وڏي مهارت رکندا هئا. محترم نياز همايوني موجب پاڻ سنڌي فارسي سرائڪي هندي ۽ عربي ٻولين ۾ شاعري ڪئي اٿائون.

**مطبوعہ ڪتب:**

1. فتاويٰ همايوني (فارسي 2 جلد) علامہ مفتي محمد قاسم ڳڙهي ياسيني جي ڪوشش سان 1331هہ مطابق 1913ع ۾ لاهور مان پهريون دفعو شايع ٿيو. مفتي محمد ابراهيم ياسيني پهرئين جلد جو ٻن حصن سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو ڇپبو رهيو آهي مفتي سيد فهيم احمد شاهہ راشدي ”فتويٰ همايوني“ فارسيءَ جو اردو زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. جنهن جو جلد اول 2020ع ۾ شايع ٿيو آهي.
2. فرهنگ همايوني( تحقيق فقير عبدالغفور همايوني (ترتيب نياز همايوني سنڌي لئنويج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ سال 2004ع ڇاپو پهريون)
3. ديوان مفتون (سنڌي) هيءُ ديوان پهريون دفعو مولانا محمد ابراهيم ناظم ياسينوي ترتيب ڏنو جيڪو شيام سندر پريس شڪارپور پاران شايع ٿيو هو. پوءِ نياز همايوني صاحب مرتب ڪيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ٻہ دفعا شايع ڪيو آهي.

**غير مطبوعہ ڪتب:**

1. ديوان مفتون فارسي
2. الفوائد الملهمت في رد ازالت الشبهت( احتياط ظهر جي مسئلي تي)
3. الدر المنثور في رد منڪري الا ستمداد من اصحابہ القبور (سماع موتيٰ جو اثبات)
4. التنبيہ المعظم للمولوي فيض الڪريم
5. اثنا عشريہ منجي المومنين جي رد ۾
6. جواب فتويٰ مولوي عبدالغني ڪڏهري (احتياط ظهر جي منع جي جواب ۾)
7. السراج الهندي في تحقيق خراج السند (سنڌ جي زمين خراجي آهي. انهيءَ موضوع تي آهي
8. مجربات همايوني
9. رسالہ حساب هندسہ
10. بهار عشق (پارسي مثنوي) ٻيا بہ ڪافي رسالہ هئا جن جو پتو نتو پوي محترم نياز همايوني فرهنگ همايوني ۾ لکن ٿا تہ مولانا جن پنهنجي والد محترم محمد يعقوب همايوني جي لکيل تفسير يعقوبي پڻ ترتيب ڏني هئي جنهن جو ناياب نسخو هڪ ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.

مولانا صاحب جي مريدن ۽ معتقدين ۾ مسلمان هندو عالم فاضل پير فقير سرڪاري ڪارندا رياست جا وزير قومن جا سردار ۽ نواب مطلب تہ هر طبقي جا ماڻهو شامل هئا. مولانا صاحب جي سجع جيڪا پاڻ فتويٰ جي آخر ۾ مهر طور هڻندا هئا ان تي هي الفاظ لکيل هئا.

اگرچہ پرز عصيان وقصورم_ بحمد الله ڪہ من عبدالغفورم

# بزرگ "مفتون" همايوني جو مشرب

فتاويٰ همايوني (فارسي) جي مترجم مولانا مفتي فهيم احمد راشدي پنهنجي ترجمي ڪيل فتاويٰ همايوني ۾ ڪين حنفي قادري لکيو آهي. هي به منقول آهي ته پاڻ ننڍڻ ۾ پنهنجي والد خليفي محمد يعقوب همايونيءَ کان قادري سلسلي ۾ بيعت هئا. هڪ روايت هي به آهي ته ڪين اويسي فيض حاصل هو. سندن قادري سلسلي جي لاءِ مهراڻ سوانح نمبر ۾ حاجي شير محمد چغدي جي هيءَ روايت وزندار آهي جنهن ۾ هو صاحب پنهنجي خود نوشت سوانح عمريءَ ۾ لکي ٿو ته "هي بندو نوڪريءَ جو وچ وارو عرصو همايون تعلقي شڪاپور ۾ هيڊماستر ٿي رهيو جنوري 1910ع ۾ همايون آيس جتي حضرت مولانا عبدالغفور همايوني جن رهندا هئا. اتي رهڻ سان اهڙي بزرگ جي روزاني زيارت ته حاصل ٿيندي رهندي هئي. پر آءٌ سندن دست بيعت به قادري طريقي ۾ ٿيل هوس"

حاجي شير محمد چغدي جا وڏا ديري غازي خان لڏي آيا هئا سندس پڙڏاڏو خيرپور ميرس ۾ رهيو جنهن بعد سندس اولاد شڪارپور اچي سڪونت پذير ٿيو. حاجي شيرمحمد جو وطن شڪارپور هو پاڻ هڪ استاد هو. سندس مٿين روايت پڪي ۽ پختي آهي جنهن مان خبر پئي ٿي ته بزرگ مفتون همايوني صاحب قادري سلسلي جو بزرگ هو.

**هڪ غلط فهميءَ جو ازالو:**

"ديوان مفتون" جو مرتب نياز همايوني پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته" مولانا همايوني سياست کان اجنبي ۽ ناواقف هئڻ جي ڪري ڪيترن نا عاقبت انديش مُلن ۽ پيرن هن جي سادگيءَ مان ناجائز فائدو وني ڪانئس ڪن فتوائن تي ڪيئي پيرا صحيحون ڪرايون جن مان انگريزن طرفان حجاز جي نام نهاد حڪمران ابن شريف جي مقرري ۽ تائيد واري تحريڪ عام مشهور آهي"

هتي نياز همايوني صاحب ڳالهه کي وچڙائي گول مول ڪري ويو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته پهرئين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ 1919ع ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي. الوحيد اخبار 1919ع ۾ جاري ٿي. هن اخبار خلافت تحريڪ کي زور وٺائڻ شروع ڪيو. تاريخ 23 نومبر 1919ع ۾ دهليءَ ۾ پهرئين خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي ان کان اڳ ۾ تاريخ 17 اڪٽوبر 1919ع تي سڄي هندوستان وحيد الدين جي خلافت جي بقا لاءِ دعائون گهرايون ويون. اهو خلافت تحريڪ جو پهريون ڏينهن هو.حڪومت جي طرفان الوحيد اخبار کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ اخبار "سچائي" نالي جاري ڪئي ۽ شهرن ۾ "امن سڀا" ڪاميٽيون قائم ڪيون.

انگريزن سنڌ ۾مولوي فيض الڪريم نارو شاهي جون خدمتون حاصل ڪيون جيڪو مولوي عيسيٰ ساندن واري جو فرزند هو. هن حجاز جي شريف حسين جي فائدي پنهنجو ڪتاب" تحقيق الخلافت" لکيو. جنهن ترڪي جي خليفي وحيد الدين کي جڙتو ثابت ڪيائين ۽ شريف حسين کي خلافت جو حقدار قرار ڏنائين. انهيءَ جي رد ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي صلاح سان مولانا دين محمد وفائي مرحوم هڪ رسالو "اظهار الڪرامت" لکيو جنهن ۾ وحيد الدين جي خلافت کي حق تي قرار ڏنو ويو ۽ شريف حسين کي خليفو نه پر باغي سڏيو ويو.

مولانا "مفتون" صاحب اڳ ۾ 1918ع ۾ هيءُ جهان ڇڏي چڪو هو. ليڪن حڪيم نياز حسن صاحب ان فتويٰ جي تائيد ۾ مولانا همايوني بزرگ صاحب کي به شامل ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي.

جيڪو تاريخي حقائق جي ابتڙ آهي.

## حضرت خليفي محمد يعقوب همايوني ۽ بزرگ علامہ مولانا مفتون متعلق هڪ ٻي غلط روايت جو جائزو

محترم نياز همايوني پنهنجي مرتب ڪيل ديوان مفتون مقدمي ۾ رقم طراز آهي تہ:

1. مولانا محمد يعقوب همايوني، مولانا عبدالحليم ڪنڊوي ڪان فارغ التحصيل ٿيو. ان ڪان پوءِ پاٽ شريف جي روحاني پيشوا ميان محمود کيس خلافت جي خلقت عطا ڪئي.
2. ڊاڪٽرميمڻ عبدالغفور سنڌي بہ" سنڌي شخصيتون ۾ نياز همايوني صاحب جي تقليد ڪندي لکي ٿو تہ"خليفو محمد يعقوب همايوني مولانا ڪنڊوي وٽان پڙهي پوءِ سنڌ ۾ وڏي پاٽ مان آخوند ميان محمود وٽان خرقہ خلافت ڊڪيائين.واپس وطن وري جهڻ پٽ ۾ پنهنجو مڪتب کوليائين.
3. نياز همايوني صاحب ساڳئي ڪتاب ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ " همايون جي زميندار ميان غازي خان سومري جي استدعا ۽ ميان محمود جي هدايت تي خليفو صاحب همايون ۾ آيو ۽ 30 ورهين جي ڄمار ۾ هڪ علمي اداري جو پايہ وڌائين.
4. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي صاحب بہ ساڳئي مضمون خليفي صاحب متعلق نياز همايوني واري ڳالهہ ڪئي آهي. لکي ٿو تہ" ڳوٺ همايون جا ميان غازي خان سومرو ۽ وڏيرو مسو خان سڏايو وٽس لنگهي آيا پهريائين تہ پاڻ انڪار ڪيائين پر پوءِ ميان محمود پاٽي جي چوڻ تي باقبائل لڏي اچي همايون ۾ آستانو اڏيائين. 25 ذوالقعد 1253 ھ مطابق 17 جون 1837ع تي راهہ رباني ورتائين پنيان هڪ پٽ ۽ بہ نياٽيون ڇڏيائين.
5. انسائڪلو پيڊيا سنڌيا جلد ٻارهين بزرگ مولانا عبدالغفور همايوني جي احوال ۾ آيو آهي تہ مولانا صاحب شاعريءَ سان بہ وڏو شغف هو ميان محمود پاٽائي ڪان شاعريءَ جي اصلاح ورتائين."
6. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي صاحب بہ مٿي بيان ڪيل مضمون ۾ اها ساڳي حڪايت آندي آهي لکي ٿو،" مولانا صاحب کي شاعريءَ سان بہ وڏو شغف هو هن سلسلي ۾ميان محمود پاٽائيءَ جي رهبري حاصل هيس.

ميمڻ عبدالغفور سنڌي ۽نياز همايوني جي روايتن ۾ مٿي آيو آهي تہ " همايون جي زميندارن ميان غازي خان سومرو ۽ وڏيرو مسو خان سڏايو وٽس لنگهي آيا. انهن جي استدعا ۽ ميان محمود پاٽائي جي هدايت تي خليفي صاحب 30 ورهين جي عمر ۾ هڪ علمي اداري جو پايو وڌائين."

- غازي خان سومرو ۽ مسو خان سڏايو سنئون سڌو خليفي صاحب وٽ ڪونہ ويا بلڪہ ان وقت 1822ع ۾مولاناعبدالحليم ڪنڊوي"مدرسي ڪنڊي" کي خير باد چئي جيڪب آباد جي ڳوٺ"آباد" ۾ اچي مدرسو کوليائين جتي خليفو صاحب بہ ساڻن گڏ هو.همايون جا اهي زميندار مولانا عبدالحليم ڪنڊوي وٽ عرض ڪٽي ويا مولانا ڪنڊوي صاحب سندن استدعا تي 1825 ۾اچي همايون شريف ۾ مدرسي جو بنياد رکيو. جتي خليفو صاحب نائب مدرس جي حيثيت ۾ پنهنجي استاد سان گڏ پڙهائڻ لڳو.
- محمود پاٽائي جنهن کي خليفي صاحب جو مرشد ڄاڻايو ويو آهي اهو بحث اڳتي اچي ٿو. ان جي هدايت تي همايون شريف ۾ خليفو صاحب ڪونہ آيو بلڪہ محمود پاٽائي جو انهن

ڏينهن ۾ اسان کي وجود ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي. اها روايت ڪٿان آندي وئي آهي ان کي تفصيلي بحث هيٺ آڻجي ٿو.

**مولانا خليفي محمد يعقوب همايوني بزرگ لاءِ اهومشهور آهي تہ هوقادري سلسلي جو بزرگ هوءِ پنهنجي استاد مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جو دست بيعت هو.**

هما همايوني جي ليکڪ مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسيني ”خليفي“ لقب لاءِ لکيو آهي تہ مولانا محمد يعقوب همايوني پنهنجي استاد جي نظر ۾ خاص پيار هوندو هو. پاڻ سيني شاگردن ۾ هوشيار بہ هو انڪري مولانا ڪنڊوي ڪيس پنهنجي مدرسي جي سيني شاگردن مٿان”خليفو“ ڪري رکيو.

خليفي محمد يعقوب همايوني پنهنجي استاد ۽ مرشد مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ کان ظاهري ۽ باطني فيض حاصل ڪيو اهو ئي سبب هو جو پاڻ آخري ڏينهن ۾ ”همايون جومدرسو“ سندس حوالي ڪري پاڻ روهڙيءَ ۾ قاضين وٽ اچي رهيو.

مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جو خليفي محمد يعقوب همايوني متعلق اهو چوڻ آهي تہ” اسان وٽ جيڪا بہ امانت هئي سا خليفو صاحب ڪٽي ويو. اهو انهيءَ ڳالهہ جو دليل آهي تہ پاڻ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جو قادري سلسلي جو دست بيعت بہ آهي.

هاڻي اچون ٿا انهيءَ ڳالهہ تي تہ اهو بزرگ محمود پاٽائي ڪيرآهي ۽ سندس زمانو ڪهڙو آهي؟ جنهن کي مٿين روايتن ۾ خليفي محمد يعقوب همايوني جو مرشد ڄاڻايو ويو آهي ۽ بزرگ علامہ عبدالغفور ”مفتون“ همايوني صاحب جي احوال ۾ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي جلد 12 ۾ آيو آهي تہ مولانا مفتون همايوني ڪانئس شاعريءَ ۾ اصلاح ورتي.

علامہ مخدوم محمود صديقي پاٽائي متعلق هينئين ڪتابن جو مطالعو ڪيو ويو جنهن ۾ پاٽ شريف تاريخ جي آئيني ۾ ليکڪ گلزار احمد ڪلهوڙو صاحب مهراڻ سوانح نمبر جو مضمون ميان محمود پاٽائي مضمون نگار مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي ۽ مقالات قاسمي ليکڪ علامہ غلام مصطفیٰ قاسمي ۽ ڪلام فضل الله پاٽائي ليکڪ عبدالجبار صديقي انهن سيني تذڪرن ۾ ميان محمود پاٽائي متعلق وضاحت سان لکيل آهي جنهن جو لب لباب هن طرح آهي:

مخدوم محمود صديقي ولد مخدوم محمد صالح جي ولادت پاٽ ۾ ٿي. شروعاتي تعليم حاجي حسن الله پاٽائي کان حاصل ڪرڻ بعد ٽونڪ ۽ ان بعد اجمير ۾ مولانا معين الدين وٽ پڙهيو. علامہ قاسمي صاحب مقالات قاسمي ۾ ۽ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ پاٽائي بزرگن جي احوال ۾ هن طرح مذڪور ملي ٿو. ميان محمود مولانا حاجي حسن الله پاٽائي جو شاگرد هو مخدوم فضل الله (وفات 1290هہ) کي هڪ پٽ مخدوم نظام الدين هو جنهن کي ڪوبہ نرينہ اولاد نہ ٿيو. ڪيس نياڻيون هيون جن مان هڪ مولانا حاجي حسن الله پاٽائي جي عقد نڪاح ۾ هئي ۽ ٻي هڪ نياڻيءَ جو فرزند ميان محمد صالح پاٽائي هو مخدوم نظام الدين جي وفات ڪا پوءِ مسند نشيني تي مولانا حسن الله ۽ محمد صالح جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو جنهن کي نبيرڻ لاءِ مخدوم محمد سيوهاڻي مجذوب (مخدوم بصر الدين سيوهاڻي جو ڏاڏو) آيو جنهن ميان محمد صالح جي حق ۾ فيصلو ڏنو. ان ڏينهن کان پوءِ اهو خاندان مسند نشين ٿيندو آيو آهي ميان محمد صالح کان پوءِ ان جو فرزند صاحبزادو محمود مسند نشين ٿيو.

مولانا عبدالقادر لغاري جي روايت آهي تہ ميان محمود پاٽائي پير جهنڊي جي مدرسي ۾ مولانا عبيد الله سنڌي کان بہ پڙهيو 50 ورهين جي عمر ۾ 1351هہ مطابق 1932ع ۾ وفات ڪري ويو.

مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي جيڪو سندس شاگرد بہ آهي ان بہ مهراڻ سوانح نمبر ۾

ساڳيو ئي احوال تفصيل سان قلمبند ڪيو آهي. مولانا دين محمد فيروزشاهي به سندس وفات جي باري ۾ لکي ٿو ته" علامه محمود پاٽائي 50 ورهين جي عمر ۾ آچر ڏينهن 29 جمادي اللآخر 1351ھ سج جي لهڻ وقت هي علم و عرفان جو سج هميشه لاءِ لهي ويو. سندس ماده تاريخ "غفرله" ۽ "غفره الله" آهي."

مولانا عبدالقادرلغاري ۽ مولوي دين محمد اديب فيروزشاهي جي مصدقه روايتن موجب 1351ھ ۾ وفات وقت ميان محمود پاٽائي جي عمر 50 سال آهي ته پوءِ سندس ولادت 1301ھ ٿي آهي ته علامه محمد يعقوب همايوني بزرگ جي وفات 1273ھ مطابق 1856ع آهي يعني خليفو محمد يعقوب همايوني ميان محمود پاٽائي کان 28 سال اڳ ۾ وفات ڪري ويو آهي ته پوءِ ڪانئس ڪيئن خرقه خلافت حاصل ڪيائين؟ ۽ سندس هدايت تي همايون ۾ مدرسو کوليائين. مولانا عبدالغفور مفتون همايوني بزرگ لاءِ به ايترو لکڻ ڪافي آهي ته ميان محمود پاٽائي ڪانئس چاليهه سال عمر ۾ ننڍو آهي. سندس والد ميان محمد صالح پاٽائي مفتون صاحب جو همعصر آهي. ٻيو ته علم ۽ عرفان ۾ به مولانا عبدالغفور همايوني بزرگ جو درجو نهايت بلند هو ٽين ڳالهه اها ته ميان محمود پاٽائي جو احوال مان اهو به ثابت نه آهي هو ڪوشاعر به هو. پر جيڪڏهن شعر چيو به اٿائين تڏهن به اها ثابتي ڪانه ٿي ملي ته بزرگ همايوني ڪيس اصلاح لاءِ پنهنجو شعر موڪليندو هو ان لاءِ ٻنهي بزرگن جي وچ ۾ اهڙي ڪنهن به قسم جي خط و ڪتابت ڪانه ٿي ملي خليفي محمد يعقوب همايوني ۽ مولانا عبدالغفور مفتون همايوني بزرگن جي زماني ۾ انهيءَ ذڪر ڪيل محمود پاٽائي کان سواءِ ٻيو ڪو محمود پاٽائي جي نالي سان بزرگ ڪونه ٿي گذريو آهي البته همايوني بزرگن کان گهٽو اڳ پاٽ جي بزرگن ۾ محمود پاٽائي بزرگ جو نالو پاٽ جي شروعاتي بزرگن ۾ ملي ٿو.

نياز همايوني هڪ ته پاڻ سجاڻ ليکڪ هو. ٻيو ته سندس والد قائم الدين همايوني بزرگ مفتون همايوني جي خدمت ۾ به رهي آهي ۽ سندن پاڙيسري به هو خبر نه آهي ته اها روايت ڪٿان آندائين جنهن جي تقليد پوءِ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي صاحب به ڪئي آهي بس انهيءَ روايت جو بگردان راوي آهي.

## بزرگ علامہ حضرت مولانا عبدالغفور ”مفتون“
## همايوني صاحب جي ڪرامت

هونئن تہ بزرگ صاحب جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن ليڪن تبرڪ خاطر هڪڙو واقعو درج ڪيان ٿو. ڊگري ڪاليج گهوٽڪي جي ساٿي پروفيسر ۽ سابق پرنسپال محترم سائين عبدالقيوم شاهہ جيلاني راقم الحروف کي ٻڌايو تہ سندس ڏاڏي بزرگوار سيد علي اڪبر شاهہ جيلاني هي خيال دل ۾ رکي بزرگ مولانا عبدالغفور همايوني صاحب سان ملڻ ويو تہ ڪانئس پنهنجو قلب جاري ڪرايان. جڏهن همايون شريف پهتو تہ در تي دربان بيٺل هو جيڪو سوالين ۽ زيارتين کي واري واري سان ملائيندو پئي ويو. جڏهن ڪجهہ وقت گذريو تہ ڏاڏي صاحب دل ۾ هيءُ ٺل ڪئي ۽ وڏي آواز سان چوڻ لڳو تہ جو عاشق رسول ﷺ آهي مان سيد کي هيتري دير انتظار ڪرايو اٿائين ائين چئي اتان موٽڻ لڳو هوڏانهن بزرگ صاحب مڪاشفي جي ذريعي سندس دل جو راز معلوم ڪري ورتو ۽ ٻاهر نڪري پڇا ڪيائين تہ سيد سڳورو ڪيڏانهن ويو؟ دربان ڪيس سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي. ڏاڏي صاحب کي ويندو ڏسي بزرگ صاحب ڪيس واپسي موٽي اچڻ جو اشارو ڏنو تہ ڏاڏو واپس ورڻ لڳو جڏهن سندس ويجهو آيو تہ بزرگ همايوني صاحب کي چيائين تہ قلب جاري ڪر تہ ايندس نہ تہ وڃان ٿو. بزرگ صاحب ڪيس ويجهو اچڻ لاءِ فرمايو ۽ ڪيس ڀاڪر ۾ جهلي ڪجهہ زور ڏنو. ڏاڏو چوندو هو تہ ڀاڪر وجهڻ شرط منهنجو قلب جاري ٿي ويو. بزرگ صاحب جون ڪرامتون بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن

هيءُ باڪمال بزرگ 11 رمضان المبارڪ1336هہ مطابق 1918ع تي جمعي جي رات لاڏاڻو ڪري ويو. سندن جنازي نماز مولوي محمد قاسم ڳڙهي ياسيني پڙهائي. سندن جسد خاڪي کي جمعي جي ڏينهن جامع مسجد همايون لڳ پنهنجي نامور والد بزرگوار جي پرسان سپرد خاڪ ڪيو ويو جتي سندن مزار شريف مرجع خلائق آهي. سندن شخصيت جو احاطو هنن چند سٽن ۾ ڪري نٿو سگهجي.ان لاءِ دفتر درڪار آهن.ڪين نرينہ اولاد ڪونہ هو انڪري سندن ڏوهٽو مولوي عبدالباقي گادي نشين ٿيو. هن وقت ميان عبدالباقي (ثاني) سجاده نشين آهن.

# مولانا "مفتون" همايوني جي والد جي وفات بعد سندس رهيل تعليم جي تڪميل

انهيءَ سلسلي ۾ جيڪي روايتون ملن ٿيون انهن جو هتي ذڪر ڪجي ٿو.

1. شريعت سوانح نمبر ص 245 تي مولانا قاضي محمد ابراهيم ڪارڙائيءَ جي حوالي سان ڄاڻايل آهي ته مولانا گل محمد شهدادڪوٽيءَ جو والد مولانا نور محمد ڪجهه مولانا محمد يعقوب همايونيءَ وٽ پڙهيو. مولاناهمايونيءَ جي وفات بعد مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي تعليم لاءِ مولانا محمد يعقوب جي فاضل شاگردن مان مولانا عبدالله سومراٽي واري مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي ۽ ٻين ڪجهه وقت همايون ۾ رهي حق استادي ادا ڪيو. پوءِ مولانا سيتپوري مستقل رهي مولانا کي پڳ ٻڌائي.
2. شريعت سوانح نمبر صفحي 129 هن طرح آهي ته مولانا محمديعقوب همايوني وٽان چار شاگرد گڏ فارغ ٿيا. مولانا عبد الله(يعقوب) سومراٽي وارو مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي ۽ مولانا عبدالرحمان سکر ۽ مولانا عبدالقادر انڍڙ پهنواريءَ وارو. اڳي دستور هوندو هيو ته دستار بندي ٻڌڻ مهل استاد پنهنجي شاگرد کي چوندو هو ته هن وقت تنهنجي لاءِ هڪ دعا ضرور قبول پوندي ٻڌاءِ ته تنهنجي لاءِ ڪهڙي دعا گهرون.مولانا عبدالله چيو سائين اسان جي خاندان علم ۽مدرسي جو شوق باقي رهي. مولانا نور محمد چيو ته الله تعاليٰ حق گوئي جي توفيق ڏئي. مولانا نور محمد چيو ته اسان جي فتويٰ جي شهرت چوٽ چڙهي وڃي. مولانا عبدالرحمان چيو ته عمليات مهارت ٿئي. مولانا محمد يعقوب همايونيءَ جي وفات کان پوءِ مولانا عبدالله همايون ۾ رهي مولانا عبدالغفور کي پڙهايو. انهيءَ پس منظر ۾ مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب ساڳئي ڪتاب جي صفحي 131 تي هن طرح رقمطراز آهي ته مولوي در محمد خاڪ الرحيم جي مشاهير ۾ مولانا عبدالله ۽ مولانا عبدالستار کي مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو شاگرد لکيو آهي. سومراٽي جي خانداني روايتن ۽مولانا وفائي ۽تذڪره مشاهير سنڌ جي روايت موجب مولانا نور محمد آخري طرح دستاربندي مولانامحمد يعقوب همايونيءَ وٽ ڪئي آهي. بلڪ مولانا عبدالله وارن سان گڏ فارغ ٿيو آهي. تنهنڪري خاڪ صاحب جو بيان صحيح نظر نه ٿو اچي.
3. مولانا دين محمد وفائي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ حضرت مولانا خليفي محمد يعقوب صاحب جي شاگردن ۾ مولانا نور محمد شهداد ڪوٽيءَ جو نالو آندو آهي. (تذڪره مشاهير سنڌ ڀاڱو پهريون ص 265 سنڌي ادبي بورڊ سال 1985ع)
4. مخدوم الحاج شفيع محمد عرف عبدالخالق هاشمي پنهنجي تاليف تاريخ و تذڪره بزرگان سنڌ ۾ به لکيو آهي ته مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي ظاهري علم جو فيض خليفي محمد يعقوب کان پرايو.
5. محمد قاسم ڳڙهي ياسيني مهراڻ سوانح نمبر ۽ هما همايونيءَ ۾ مولانا عبدالغفور مفتون جي احوال ۾ لکيو آهي ته خليفي محمد يعقوب جي مدرسي همايون مان مولانا نور محمد شهدادڪوٽي پڙهيو آهي.

مٿين روايتن مان مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جو شاگرد هجڻ ظاهر ٿئي ٿو. ان کان علاوه اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته خليفي صاحب جي وفات کانپوءِ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي به مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ کي پڙهايو آهي.

**مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جو خليفي محمد يعقوب همايوني وٽ پڙهڻ ۽ همايون جي مدرسي ۾ مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ کي پڙهائڻ وارين مٿين روايتن جي ڇنڊڇاڻ**

انهن ٻنهي روايتن جي پرک لاءِ خليفي صاحب محمد يعقوب همايوني ۽ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي جي حصول تعليم ۽ سندن زندگيءَ جي ابتدائي حالات تي نظر رکڻي پوندي ته جيئن اهو ڦورو ڦولجي پوي ۽ ڇنڊڇاڻ ٿي سگهي. ان لاءِ مدرسي ڪندي کان شروعات ڪجي ٿي. جتان هي ٻئي عالم سڳورا پڙهي نڪتا آهن.

## مدرسو ڪندو:

بلوچستان جي قلات ڊويزن جي ٻاڳ ناڙي علائقي ۾ "ڪندو" ۽ "تنبو" ڳوٺ آهي. جن کي ڳڏي ڪندو تنبو به چوندا آهن. اتان جي رهاڪن کي ٻاڳي يا ناڙي وال سڏيو ويندو آهي. مولانا ڪندوي صاحب هالاڻي جي مدرسي مان سيد محمد عاقل شاهه وٽان دستار فضيلت ٻڌڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڪندي ۾ سن 1800ع ۾ هي مدرسو قائم ڪيو جتي 22 سال درس و تدريس جو ڪم سٺي نموني هليو.ٻهراڙي جي هن درسگاهه برک عام سنا مدرس ۽ وڏا مبلغ پيدا ڪيا. علامه ڪندويءَ جي سنڌ ۾ اچڻ جو مذڪور هن طرح آهي ته آبڙ جو وڏيرو حيدر خان مگرا ٽي بلوچستان جي حاڪم مير نصير خان وڏي کان ڪنهن ڳالهه تان ناراض ٿي پنهنجي لاڳاپي رکندڙ ماڻهن سميت ناڙيءَ کان لڏي سنڌ ۾ جيڪب آباد جي پرسان ڳوٺ "آباد" ۾ اچي رهيا. مولانا عبدالحليم صاحب به پنهنجي شاگردن سميت گڏ هوس. وڏيرو حيدرخان مير نصير خان جي زور پرڻ تي موٽي ناڙي ويو ۽ مولانا صاحب جا پائيٽا مولوي عطا محمد ۽ مولوي تاج محمد به واپس ڪندي ويا. ليڪن مولوي عبدالحليم صاحب هتي رهي پيو ۽پنهنجي شاگرد خليفي محمد يعقوب همايونيءَ سان جيڪب آباد جي ڳوٺ آباد ۾ مدرسو کولي 1822 کان 1825ع) تائين ٽي سال ديني تعليم ڏنائون. انهن ڏينهن ۾ همايون ڳوٺ جا ٻه نيڪ ۽ پلا ماڻهو غازي خان سومرو ۽ مسو خان سڏايو اتي پهتا ۽ کين راضي ڪري همايون وٺي آيا. مدرسي ڪندي مان هينيان شاگرد مولانا عبدالحليم ڪندويءَ وٽان پڙهي نڪتا.

مفرسي جا مشهور شاگرد:

(1) خليفو مولانا محمد يعقوب همايوني (2) مولانا نور محمد شهدادڪوٽي (3) مولانا تاج محمد (پائيٽو) (4) مولانا عطا محمد (پائيٽو) (5) مولانا محمد حسن ڪٽباري (6) حامد حضوري تنيو ميروخاني ( 1798_1873ع) ڊاڪٽر همت علي سانگي آباد واري مدرسي جي شاگردن ۾ علامه سلطان محمود سيتپوري (پنجاب جو وينل) ۽ مولانا عبدالڪريم جوڻيجو ( ٽل رتوديرو) جا نالا به ڏنا آهن. جيڪڏهن مولانا سلطان محمود سيتپوري ( جيڪو خليفي محمد يعقوب همايوني صاحب جي فرزند فخر العلماء حضرت مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ جو استاد آهي) آباد مدرسي ۾ پڙهي فارغ ٿيو آهي جيئن ته آباد مدرسو ڪل ٽي سال هليو ۽ پوءِ همايون منتقل ٿيو ته پوءِ خليفو صاحب همايوني آباد جي مدرسي ۾ نائب مدرس هئڻ ڪري علامه سلطان محمود سيتپوريءَ جو استاد آهي جيئن سيني تذڪره نگارن

ڇاڙايو آهي.

## خليفو محمد يعقوب همايوني:

خليفي صاحب. جي ولادت 1795ع ۾ اباڻي ڳوٺ ڇٽ ۾ ٿي سندس والد جو نالو محمد مبارڪ پيچوهو هو. پيچوهو ابڙن جي لچ مان آهن. سندن اباڻو ڳوٺ ياڳناڙي ۾ ڇٽ هو. ڇٽ کي "جهٽ" به لکن ٿا پر اهوان علائقي جو نالو جهٽ پٽ آهي. خليفو صاحب مدرسي کنڊي ۾ ئي علامہ عبدالحليم کنڊوي جي رهبريءَ ۾ ديني نصاب پورو ڪري فيضياب ٿيو. خليفو محمد يعقوب همايوني مدرسي کنڊي جي 1822ع ۾ بند ٿيڻ سان پنهنجي استاد مولانا کنڊويءَ سان گڏ سنڌ آيو ۽ جيڪب آباد جي ڳوٺ آباد ۾ 3 سال ۽ پوءِ اهو مدرسو بند ڪري همايون ۾ اچي 1825ع مدرسو کوليائين جنهن ۾ 1838ع تائين(مولاناعبدالحليم کنڊويءَ جي وفات کان ٿورو اڳ جو مولانا کنڊويءَ تدريس جو ڪم ڇڏي مدرسوخليفي صاحب جي حوالي ڪري روهڙيءَ ۾ قاضين وٽ رهيو ۽ اتي 1838ع ۾ وصال ڪري ويو. خليفو صاحب نائب مدرس جي حيثيت ۾ سندس ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. انهيءَ سڄي سفر ۾ خليفو صاحب پنهنجي استاد مولانا کنڊوي سان گڏ هو. خليفي صاحب همايون شريف ۾ عالي شان مسجد شريف جوڙائي جيڪا سن 1253هه مطابق 1837ع ۾ جڙي راس ٿي.

خليفي صاحب جي وفات 1273هه مطابق 1856ع ٿي. سندس وفات جي تاريخ "چراغ دوجهان" مان نڪري ٿي.

خليفي صاحب جي مزار همايون شريف ۾ سندس مسجد شريف جي پرسان پنهنجي نامور فرزند عبدالغفور مفتون همايونيءَ سان گڏ آهي. جتي متن الاهي انوار وسندا رهن ٿا.

## مدرسو همايون:

مدرسي کنڊي جي 1822ع ۾ بند ٿيڻ وقت سندس خليفي صاحب جي عمر 27 سال، ٽي سال آباد ( جيڪب آباد ضلعو) جي مدرسي ۾ ٿيا 30 سال سال 1825ع ۾ همايون ۾مدرسو کوليائين پنهنجي استاد مولانا کنڊويءَ سان همايون ۾ نائب مدرس جي حيثيت 1825ع کان1838ع تائين 13 سال پوءِ کنڊوي مدرسوسندس حوالي ڪري روهڙي ويو مدرسي جو ٻيو دور 1838ع کان خليفي صاحب جي وفات 1856ع تائين 19 سال(پهرئين ۽ ٻئي دور همايون مدرسو) جا 32 سال ٿيا. اتان ناميارا عالم پڙهي نڪتا جن جو ذڪر اڳتي ايندو.

### مولانا نور محمد شهدادڪوٽي:

پروفيسر سيد گل محمد شاهه بخاري پنهنجي ڪتاب " شهداد ڪوٽ جا قلمڪار ۽ شاعر" ۾ لکي ٿو ته" نور محمد شهدادڪوٽي بلوچستان جي علائقي ناڙي جي ڳوٺ کنڊي ۾ 1206هه مطابق 1792ع ۾ ڄايو. سندس والد جو نالو ميان غلام محمد بن ميان محمد توڪل هو ڊاڪٽر غلام علي سانگي سندس والد جو نالو ميان غلام محمد ميڪڻ لکيو آهي. جڏهن ته شريعت سوانح نمبر جي ص 246 تي سندس نالو عيسيٰ بن توڪل لکيو آهي."

پاڻ پنهنجي ڳوٺ کنڊي تنبو ۾ سموري تعليم پنهنجي استاد ۽ مامي استاد العلماء مولانا عبدالحليم کنڊوي صاحب وٽان حاصل ڪري ڪمال حاصل ڪيائين. مولانا در محمد خاڪ سندس باري ۾ الرحيم مشاهير نمبر ۾ لکي ٿو ته " سندس علمي غلغلو ايڏو ته مشهور ٿيو جو قلات جي والي خان اعظم خدا داد خان کيس گهرائي پنهنجي علائقي جو قاضي القضاء مقرر ڪرڻ فرمايو ۽ کيس جاگير به عطا ڪيائون جتي عمر عزيز جو چڱو حصو گذاري آخر ڪنهن شرعي مسئلي جي مخالفت ٿيندي ڏسندي عهدي تان استعفا ڏيئي پنهنجي ڪٽنب ۽ خاندان سميت 1272هه مطابق 1855ع

۾ پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏي لاڙڪاڻي ضلعي جي ميروخان جي بزرگ عالم حضرت ميان حامد حضوريءَ جو اچي مهمان ٿيو( جيڪو ڪنڊي واري مدرسي ۾ ساٿس گڏ پڙهيو هو.) خان آف قلات کي پوءِ پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ ساڳئي عهدي جي آڇ ڪئي پر شهدادڪوٽي بزرگ واپس نه ويو شهدادڪوٽ جي زميندار خان بهادر پير بخش خان کهاوڙ جي اصرار تي مولانا صاحب ميروخان مان لڏي اچي شهدادڪوٽ ۾ مقيم ٿيو.

## مدرسو شهدادڪوٽ:

مولانا نور محمد شهدادڪوٽ ۾ سال 1272هه مطابق 1855ع ۾ مدرسو قائم ڪري درس و تدريس جو ڪم شروع ڪيو.ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپور به پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“ ۾ شهدادڪوٽ جي مدرسي جي قيام جو سال ساڳيو 1272هه مطابق 1855ع ڄاڻايو آهي. هن مدرسي مان به وڏا وڏا عالم پڙهي نڪتا جن سڄي سنڌ کي خصوصا سنڌ جي مٿئين ڀاڱي کي پنهنجي فيض سان رڱي ڇڏيو.

مولانا نور محمد شهدادڪوٽي قادري سلسلي جي بزرگ مولانا ميان محمد حسن ڪٽباري (1198هه1274هه) جا دست بيعت هئا. سندس وفات 1296هه مطابق 1880ع ۾ ٿي. الرحيم مشاهير نمبر ۾ 1296هه مطابق 1878ع ۽ سيد گل محمد شاهه بخاري 1298هه لکي آهي شهدادڪوٽ ۾ درگاهه صديقيه ۾ هميشه لاءِ آرامي آهن.

**<u>مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جو مدرسي ڪنڊي کي ڇڏڻ ڪانپوءِ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي جو ان مدرسي ۾ رهي تدريس جو سلسلو جاري رکڻ</u>**

مهراڻ سوانح نمبر ۾ منظور احمد حليمي لکي ٿو ته” ميان گل محمد صاحب 21 رجب 1249هه ۾ شهر ڪنڊو تحصيل ڀاڳ ۾ تولد ٿيا. علامه ميان گل محمد صاحب ڪجهه تعليم ڪنڊي بلوچستان ۽ ڪجهه شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي. سمورو علم پنهنجي والد مولانا نور محمد کان حاصل ڪيائون 22 سالن جي عمر ۾ فارغ التحصيل ٿيا.“

جيئن ته مولانا گل محمد صاحب جي ولادت 1240هه ۾ ٿي آهي. 22 سالن ۾ فراغت وقت سال 1262هه بيهي ٿو. جڏهن ته شهدادڪوٽ وارو مدرسو 1272ه ۾قائم ٿيو آهي ته پوءِ ڪجهه تعليم شهدادڪوٽ ۾ ڪيئن پڙهيا؟ مدرسي ڪنڊي ۾ ئي فراغت ڪيائون بلڪ 10 سال اتي پڙهايو به اٿائون. شهدادڪوٽ ۾ سندن والد وٽ پڙهڻ ثابت نٿو ٿي.

البته ميان غلام صديق شهدادڪوٽي سندن مولانا گل محمد صاحب جو ننڍو ڀاءُ آهي. ان جي ولادت ڪنڊي شهر ۾ 1260هه ۾ ٿي آهي اهو صاحب شروعاتي تعليم ڪنڊي ۾ ٿي والد صاحب وٽ پڙهيو ۽ پوءِ جڏهن 1272هه ۾ اتان لڏي اچي شهدادڪوٽ ۾ هيا ۽ مدرسو کوليائون پوءِ به جيڪڏهن هڪ روايت موجب 13 سالن جي عمر ۾ سندن فراغت تسليم ڪجي ته به پنهنجي والد بزرگوار ۽ وڏي ڀاءُ مولانا گل محمد صاحب شهدادڪوٽ ۾ پنهنجي والد وٽ تحصيل نه ڪئي آهي. بلڪ ڪنڊي واري مدرسي ۾ پڙهيو آهي جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي.

مولانا گل محمد شهدادڪوٽي کان علاوه ميان غلام حيدر ۽ ميان تاج محمد ڪٽباريبزرگ جيڪي ميان محمد حسن ڪٽباري جا فرزند ۽ مولوي نور محمد شهدادڪوٽي جا مرشد زادا هئا. اهي به مدرسي ڪنڊي ۾ وٽس پڙهيا.

”تذڪره مشائخ ڪٽبار“ جي ضميمي ۾ آهي (جيڪو ميان تاج محمد ڪٽباري جي پوٽي ميان عبدالحي ڪٽباري جو لکيل آهي) ته مولوي ميان محمد حسن ولد ميان تاج محمد وڪد ميان محمد

حسن اول) 3 مهينا ميان گل محمد شهدادڪوٽي وٽ پڙهيوجيڪو ان وقت منڙي شهر ۾ سردار محمد اسد الله خان جي طرفان قاضي جي عهدي تي فائز هو.“

جيئن تہ مولوي محمد حسن جي پيدائش 1283هہ ۽ وفات 1350هہ آهي 1272هہ ۾ مولانا گل محمد شهدادڪوٽي پنهنجي والد ۽ سموري اهل و عيال سان وطن جا وڻ ڇڏي پهريائين ميروخان ۽ پوءِ شهدادڪوٽ ۾ مدرسو کولي تدريس جي ڪم ڪي لڳي ويا تہ پوءِ مولوي ميان محمد حسن مولانا گل محمد وٽ ڪيئن پڙهيو هوندو! البتہ اها ڳالهہ تحقيق طلب آهي تہ مدرسي شهدادڪوٽ ۾ پڙهائڻ دوران انهن سالن ۾ يعني تيرهين صدي هجري جي آخري سالن ۾ مولانا گل محمد شهدادڪوٽيءَ سردار محمد اسد الله خان جي طرفان منڙي شهر ۾ قاضي مقرر هو يا مدرسي شهدادڪوٽ ۾ درس ڏيندو هو

مٿئين سڄي مذڪور مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

- خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جي ولادت 1795ع ۾ ٿي.
- مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَجي ولادت 1791_92ع ۾ ٿي.
- مدرسو ڪنڊوقائم ٿيو 1800ع ۾جتان اهي ٻئي بزرگ مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ وٽان پڙهي فارغ ٿيا.
- مولانا نور محمد شهدادڪوٽي، خليفي محمد يعقوب همايونيءَ کان ڪجهہ سال عمر ۾ وڏو آهي ۽ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي ( سندس استاد) جو پاٽيجو ۽ هڪ ئي ڳوٺ ڪنڊي جا وينل آهن.
- مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ڪنهن شرعي مسئلي تان ناراض ٿي پنهنجي عهدي تان سبڪدوش ٿي ڪٽنب ۽ خاندان سميت 1272هہ مطابق 1855ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ميرو خان ڳوٺ ۾ ميان حامد حضوريءَ جو مهمان ٿيو ۽ ساڳئي سال يعني 1855ع ۾ شهدادڪوٽ ۾ اچي مدرسو کوليو مدرسي کولڻ کان پوءِ 1856ع ۾ يعني هڪ سال اندر خليفو محمد يعقوب همايوني وصال فرمائي ويو.
- مهراڻ سوانح نمبر ۾ ۽ الرحيم مشاهير نمبر ۾ آهي تہ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي علم جي تحصيل پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي ۾ مولانا عبدالحليم جي درسگاهہ ۾ڪئي. سمورو علم مولانا ڪنڊويءَوٽ پڙهيو.ڪن سوانح نگارن مولانا شهدادڪوٽيءَ کي مولانا ڪنڊويءَ جو پهريون شاگرد تسليم ڪيو آهي. جو خليفي صاحب کان اڳ ۾ فراغت ڪيائون.
- مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جڏهن ڪن سببن ڪري1822ع ۾ مدرسو ڪنڊو بند ڪري بلوچستان کي خير باد چئي سنڌ ۾ جيڪب آباد ضلعي جي ڳوٺ آباد ۾ اچي مدرسوکوليو جيڪو 1825ع تائين ٿي سال هليو تہ ان سفر ۾ خليفو صاحب بہ پنهنجي استاد مولانا عبدالحليم ڪنڊوي سان گڏ هو ۽ آباد توڙي همايون واري مدرسي ۾نائب مدرس طور ڪم ڪيائين جڏهن تہ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ساڻن گڏجي ڪونہ آيو ۽ اتي ئي رهي پيو جو قلات جي والي خان اعظم خداداد خان ڪيس پنهنجي علائقي جو قاضي القضاء مقرر ڪيو ۽ ڪيس وڏي جاگير بہ ڏنائين جتي مولانا نور محمد شهدادڪوٽي عمر جو وڏو حصو گذاريو.

مٿين سڄي روئداد يعني مدرسي ڪنڊي جي بند ٿيڻ 1822ع کان وٺي 1838ع همايون مدرسي جي دور تائين مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ساڻ گڏ نظر ڪونہ ٿو اچي بلڪہ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي بلوچستان ۾ ئي پنهنجي استاد جي مدرسي ڪنڊي ۾ ئي مدرس طور پڙهائڻ لڳو ۽ قضا جو منصب بہ سنڀالڻ لڳو سندس وڏو فرزند مولانا گل محمد شهدادڪوٽي مولانا غلام صديق کان

علاوه ميان غلا حيدر ۽ ميان تاج محمد ڪٽباري جيڪي سندس مرشد ميان محممد حسن ڪٽباريءَ جا فرزند هئا ۽ سندس مرشدزادا هئا. سي وٽس اتي پڙهيا. آخرڪار اتي ڪنهن شرعي مجبوري سبب قضا جي عهدي تان سبڪدوش ٿي پنهنجي اهل و عيال سميت 1272هه مطابق 1855ع مدرسو قائم ڪري تدريس جي ڪم ڪي لڳي ويو.سنڌ ۾ شهدادڪوٽ ۾اڄڻ ڪان اڳ پورا پنجاهه سال بلوچستان ۾ قضا ۽ درس جو ڪم سرانجام ڏيندا رهيا.

انهيءَ سڄي مذڪور مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ مدرسي ڪندي مان ئي پنهنجي استاد ۽مامي مولانا عبدالحليم ڪندويءَ وٽان خليفي محمد يعقوب همايونيءَ سان گڏ فراغت ڪئي اٿائين.آباد يا همايون جي مدرسي ۾ ڪونہ آيل ٿو ڏسجي بلڪہ پاڻ بلوچستان ۾ ئي هي پيو ۽ ڪندي مدرسي ۾ ئي پڙهائڻ لڳو ۽ قاضي القضاء بڻيو جي اتي سندس وڏي ناماچاري ٿي. جڏهن خليفي صاحب سان گڏ فراغت لڌي اٿائين بلڪہ اجا بہ ڪانئس ڪجهہ وقت اڳ تہ پوءِ خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جو شاگرد ڪيئن ٿيو؟ ۽ڪڏهن اچي مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ کي اچي پڙهايائين جو خليفي صاحب وارو استاديءَ جو حق ادا ڪيائين اهو پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿو.

هاڻي اڃجي ٿو، روايت جي انهيءَ حصي تي شريعت سوانح نمبر ۾ ص245 تي آهي تہ مولانا خليفي محمد يعقوب همايونيءَ وفات بعد مولانا عبدالغفور همايوني جي تعليم لاءِ مولانا محمد يعقوب جي فاضل شاگردن مان مولانا عبدالله سومراڻي واري، مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ۽ ٻين ڪجهہ وقت همايون ۾ رهي حق استادي ادا ڪيو. پوءِ مولانا سميت پوري مستقل رهي مولانا کي پڳ ٻڌائي.

- علامہ قاسمي صاحب مقالات قاسميءَ ۾ هڪ هنڌ سنڌ جي همايوني استادن جي هڪ شاخ جي سلسلي ۾ لکي ٿو تہ” مولانا محمد يعقوب سومراڻي واري کي استاد جي نالي ڪري عبدالله سڏيندا هئا. خليفو محمد يعقوب (عبدالله) کي وصيت ڇئي هئي مولانا وصيت مطابق مفتي عبدالغفور صاحب کي پڙهائي فارغ ڪيو.“

مولانا مفتون همايوني جي تعليم جي حوالي سان اهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ خليفي صاحب جي وفات وقت مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي عمر 13 سال هئي ۽ ڪي مٿيان ڪتاب رهيل هيس جو سندس والد جي شاگرد علامہ سلطان محمود سيتپوري هڪ سال همايون ۾ رهي ڪيس پڙهايو 14 سال سالن جي عمر(1858ع) ۾ فراغت ڪرايائينس. جيڪڏهن صرف هڪ سال ۾ رهيل ڪتاب پورا ڪري تحصيل ڪيائين تہ پوءِ مولانا عبدالله سومراڻين واري ۽ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ڪڏهن ڪيس همايون۾ پڙهايو؟ ڇاڪاڻ تہ مولانا مفتون همايوني جي فراغت ڪان اڳ ۾ مدرسو شهدادڪوٽ 1855ع ۾ قائم ٿي چڪو هو ۽ مولاناشهدادڪوٽي اتي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو هو. ان ڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ مولانا سيتپوري ئي ڪيس بقايا ڪتاب پورا ڪرايا. جڏهن تہ مٿي سڄي مذڪور مان مولانا شهدادڪوٽيءَ جو آباد جي مدرسي توڙي همايون جي مدرسي ۾ ڪٿي بہ ذڪر ڪونہ ٿو ملي.

## مولانا محمد يعقوب همايوني ۽ مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جا شاگرد

هاڻي اچون ٿا بزرگن عالمن سڳورن جي شاگردن جي نالن تي جيڪي اسان ڪي ٻنهي عالمن سڳورن وٽ مشرڪ طور ملن ٿا.

مختلف تذڪرن ۾ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ۽ خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جي شاگردن جا نالا مشترڪ ملن ٿا آئون فقط اهي نالا ڄاڻايان ٿو جن جي باري ۾ اڪثر جاين تي ڪثرت سان آيو آهي ته اهي ٻنهي بزرگن مان ڪنهن وٽ پڙهيا آهن. هونئن ته لسٽ ڊگهي آهي پر طوالت جي باعث مشهور شاگرد لکان ٿو.

مثلا الرحيم مشاهير نمبر ۾ خليفي مولانا محمد يعقوب همايوني صاحب جي شاگردن ۾ ميمڻ عبالحميد سنڌي صاحب،حضرت مولانا محمد هاشم ياسينوي مولانا حسن الله پاٽائي،مولانا عطاءُ الله فيروزشاهي جا نالا ڏنا آهن جيڪي مولانا نور محمد شهدادڪوٽي جا شاگرد آهن.

اهڙي طرح مولانا درمحمد خاڪ مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ جي شاگردن ۾ هي نالا ڄاڻائي ٿو.

مولانا عبدالرحمان سکر وارو، عبدالله صاحب ۽ سندس پاءُ مولانا عبدالستار رستمي مولانا عبدالقادر انيڙ پنهواري وارو وغيره ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي به لاڙڪاڻي ماضي حال ڪتاب ۾ ساڳيا نالا لکيا آهن. هما همايوني جي ليکڪ مولانا عبدالغفار خانڳڙهيءَ ڪي مولانا عبدالقادر پهنوايءَ جو شاگرد لکيو آهي..

مولانا عبدالغفار خانڳڙهي مولانا عبدالقادر انيڙ واري جو شاگرد نه بلڪ هم درسي آهي ۽ ٻئي بزرگ خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جا شاگرد آهن

ميان رياض ميڪڻ لکي ٿو ته مولاناعبدالرحمان سکر وارو، مولانا عبدالحليم ڪندوي جي وصال سبب آخري ڪتاب سندس شاگرد اول ميان نور محمد شهدادڪوٽي وٽ مڪمل ڪيا. شاگردن جي اها فهرست به منجهائيندڙ آهي. ان لاءِ وري مٿا ڪٽ ڪرڻي پوندي ۽ تاريخ جو سهارو وٺڻو پوندو ته عقدو حل ٿي ويندو. هتي خليفي صاحب جي شاگردن مان مولانا عبدالقادر انيڙ پنهواريءَ واري ۽ مولانا محمد يعقوب (عبدالله) سومراڻي واري جي عمر جو تعين ڪجي ٿو. مولانا عبدالقادر انيڙ پنهواري وارو ولادت 1208ھ مطابق 1790ع وفات 1330ھ

شهدادڪوٽ جو مدرسو جيئن ته 1855ع۾ قائم ٿيو همايون جو مدرسو گهٽو اڳ ۾ پهريائين آباد ۾ 1822ع ۾ پوءِ همايون جو مدرسو هاڪارو هو. جو وقت جا جيد علماء خود استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪندوي ۽ خليفو صاحب اتي پڙهائيندا هئا. ٻيو ته شهدادڪوٽ جي مدرسي وقت سندن عمر 65 سال ۽ همايون جي مدرسي وقت 32 سال ٿئي ٿي. عمر جو حساب به ان ڳالھ ڪي ڪونه ٿو مڃي ته شهدادڪوٽ پڙهيا هجن. ائين به نه ٿو ٿي سگهي ته همايون جو مدرسو جيڪو ٻنهي عالمن مولانا عبدالقادر انيڙ ۽ مولانا محمد يعقوب (عبدالله) سومراڻين واري ڪي ويجهو هو. اهو مدرسو ڇڏي مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ وٽ ڪنڌي جي ڳوٺ پاڳناڙي(بلوچستان) ۾ وڃن جيڪو شهدادڪوٽ مدرسي جي ايام ڪان اڳ ۽ مولانا عبدالحليم ڪندوي بزرگ جي ڪنڌي ڳوٺ ڇڏي اچڻ ڪان پوءِ اتي

ئي ڪنڊي ڳوٺ ۾ پڙهائيندو هو ها ڳالھ بہ بعد از قياس آهي.

اهڙي طرح مولانا محمد ابراهيم پيو سرحدي(وفات 1303ھ) ۽ مولانا عبدالغفا مهر خانڳڙهي بہ مولانا عبدالقادر انيڙ پنهواريءَ ۽ مولانا سومراڻي واري جا هم عمر آهن خليفي صاحب جا شاگرد آهن. ميان رياض ميڪڻ مولانا عبدالرحمان ساڪرو متعلق لکي ٿو تہ مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جي وفات سبب آخري ڪتاب مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ وٽ مڪمل ڪيا.

مولانا عبدالرحمان ساڪرو متعلق امور عالم دين مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب جي ڪتاب ” من جي مالا“ ۾ لکن ٿا تہ (1895_96) جي طاعون جي بيماريءَ سبب 70 سالن کان مٿي جي عمر ۾ وفات ڪري ويا. جيڪڏهن سندن عمر 75 سال شمار ڪجي ٿي تہ پوءِ سندس ولادت 1830ع سال مجبي.حافظ عبدالحليم ڪنڊوي بزرگ جي وفات 1838ع آهي.ان وقت مولانا عبدالرحمان ساڪرو 18 سال جو هوندو سندس زندگيءَ جو شروعاتي احوال هن طرح آهي تہ پنهنجي والد مولوي ڪمال الدين سان گڏجي بلوچستان مان اچي درياءَ بندر (سکر) ٽي رهيو. سنڌ جي مشهور عالم خليفي محمد يعقوب همايونيءَ کان ديني علمن جي دستار بندي ڪيائين. سندس والد خود مولوي هو.ان وچ ۾ ڪٽي پڙهيو. ان جو ذڪر ڪونهي ٿي سگهي ٿو تہ ابتدائي تعليم والد صاحب وٽ پڙهيو هجي. ان وقت مولانا عبدالقادر ۽ مولانا رستمي ڪانئس عمر ۾ وڏا آهن. همايون جي مدرسي ۾ جيڪڏهن 15 سال جي عمر ۾ آيو هجي تہ ان وقت1835ع سال بيهي ٿو. ۽ صدر مدرس مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب آهن. 1838ع ۾ مولانا ڪنڊوي صاحب مدرسو پنهنجي شاگرد خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جي حوالي ڪري روهڙي آيو تہ پوءِ تحصيل خليفي صاحب وٽ ڪئي هوندائين جيئن مٿي مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب جن لکيو آهي تہ خليفي محمد يعقوب همايوني صاحب کان ديني علمن جي دستاربندي ڪيائين. ڏاڏا استاد پوءِ بہ استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب جن آهن.

مدرسو شهدادڪوٽ (قيام 1855ع) جي فيض يافتہ عالمن مان علامہ حسن الله صديقي پاٽائي ولادت(1836) علامہ گل محمد شهدادڪوٽيءَ کان 1865ع ۾ سنڌ ورتائين سندس نامور عالمن ۾ علامہ محمد صصديق سولنگي سيتائي ، علامہ مخدوم بص الدين سيوهاڻي، غلام عمر جتوئي، سوني جتوئي وارو (مولانا دين محمد وفائي جو استاد مشهور آهن علامہ عطاءُ الله فيروزشاهي ولد مولانا خير محمد(1262ھ برابر 1847ع) ڳوٺ فيروشا، تعلقي ميهڙ وارو بہ علامہ گل محمد شهدادڪوٽي جو شاگر آهي. سندس شاگردن جو وڏو سلسلو آهي. جنهن جو ذڪرعلامہ قاسمي مقالات قاسمي ۾ شجري جي صورت ۾ ڏنو آهي. مولانا حامد الله بيلائي مشهور ۽ اعلي پايي جو عالم علامہ عطاءُ الله فيروزشاهيءَ جو شاگرد آهي جنهن جو شاگرد علامہ علي محمد مهيري آهي جن لاڙ پٽ ۾ فيض جي پالوٽ ڪئي. علامہ محمد هاشم ڳڙهي ياسينوي اصل شهدادڪوٽ جو رهواسي هو. جنهن جي ولادت 1259ھ ۾ ي. سندس والد جو نالو محمد بخش سومرو هو. سموري ديني تعليم شهدادڪوٽ جي مدرسي ۾ مولانا نور محمد شهدادڪوٽيءَ وٽ پڙهيو پير ۾ مدرسي تعلقي ميروخان ۽ مدرسي ڪٽبار بلوچستان ۾ پڙهايائين. آخر ڳڙهي ياسين اچي مدسو ڪوليائين انهيءَ نسبت سان پاڻ کي ڳڙهي ياسينوي سڏائڻ لڳو.سندس فرزند علامہ محمد قاسم ۽ مولانا محمد ابراهيم مشهر عالم ٿي گذريا آهن. جيڪي سندس شاگرد بہ هئا. مفتي اعظم سنڌ علامہ صاحب داد جمالي مدرسي قاسميہ جي پيداوار هو. جيڪڏهن سيني شاگردن جو ذڪر ڪبو تہ طوالت جو باعث ٿيندو.

ائين ٿي سگهي ٿو تہ هڪ استاد جي وفات سبب ٻئي استاد وٽ تحصيل لاءِ وڃبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن استاد ۽ شاگرد جي عمر ۾ ايترو فرق نہ هوندو آهي. بلڪہ شاگرد جي عمر استاد کان وڏي

هوندي آهي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ علم جي ڪنهن شاخ (شعبي) جي تشنگيءَ لاءِ ٻئي استاد وٽ تحصيل ڪبي آهي. اهي سڀ ڳالهيون پنهنجيءَ جاءِ تي ليڪن انهن سڀني شين کي نظر ۾ رکي تاريخ تي بہ نظر رکڻي پوندي آهي.

مٿيون سمورو بحث فقط تاريخي نقطي نگاهہ جي لحاظ سان ڪيو ويو آهي تہ جيئن مواد کي ڇنڊي ڇاڻي آڏو آڻجي تہ جيئن حقيقتون عيان ٿين. ورنہ اهي ٻئي بزرگ(همايوني ۽ شهدادڪوٽي) هڪ ئي مدرسي (ڪنڊي) ۾ هڪ ئي ڪامل استاد علامہ عبدالحليم ڪنڊوي بزرگ جا شاگرد رشيد آهن. جيڪڏهن اتر ۾ خليفي صاحب فيض جا واهڙ وهايا تہ ڏکڻ ۾ شهدادڪوٽيءَ بزرگ جي فيض جو اثر آهي. سنڌ جي اڪثر علماء جي استادي سلسلي جي ڪڙي انهن ٻنهي بزرگن سان ملي ٿي مولانا عبدالحليم ڪنڊوي تي اچي ٿي. اڄ بہ انهن مدرسنمان قال قال جا آواز بلند آهن الاهي رحمت جا انوار مٿن وسندا رهن ٿا.

# علامہ حافظ عبدالحليم ڪندوي رح

حضرت علامہ مولانا عبدالغفور مفتون همايوني جي استادي سلسلي ڪي نظر ۾ رکندي استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪندوي متعلق سر دست جيڪا معلومات ميسر ٿي سگهي آهي ان کي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪجي ٿو.

مولانا عبدالحليم ڪندوي صاحب جي وڏن جي احوال ۾ ذات متعلق مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب پنهنجي ڪتاب من جي مالا ۾ چٽائي ڪئي آهي. مولانا صاحب ساڳئي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ مولاناعبدالحليم پاڳناڙي بلوچستان علائقي جي ڪندي ڳوٺ پيدا ٿيا.

سندس ولادت جو سن ۽ تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي آهي. تذڪره مشاهير سنڌ (تيرهين صدي جا علماء) رسالي الرحيم ۾ بہ ولادت جو سن ڪونہ ڄاڻايل آهي البتہ وفات جو سال 1254ھ آيو آهي. سندس والد جو نالو احمد هو ڊاڪٽر غلام علي همت علي سانگي صوفي احمد دين ڄاڻايو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي همت علي سانگي پنهنجي ڪتاب لاڙڪاڻو سيپيتا سندس نالو ۾ مولانا ڪندويءَ جي ولادت جو سال1191ھ برابر 1777ع ڄاڻايو آهي. ميان رياض ميکڻ مولانا ڪندوي جي وصال جو سن 1254ھ مطابق 1838ع ڄاڻايو آهي. عمر 91 سال لکي آهي تہ پوءِ سندن ولادت جو سال 1163ھ بيهي ٿو.

تعليمي سلسلو: مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحبؒ شريعت سوانح نمبر جي صفحي 64 تي لکي ٿو تہ:

6.مولانا عبدالحليم ڪندوي مولوي نظام الدين پٽي جو شاگرد هو جيڪواوباوڙي جو وينل هو. ڪيس ٽي پٽ هئا نور الله، ضياءُ الله ۽ خدا بخش وڏيڪ لکي ٿو تہ مولوي خدا بخش مولانا عبدالغفور همايوني سان ملڻ ويو ان کي چيائين تہ مان مولوي نظام الدين جو پٽ آهيان. مولوي همايوني ڪانئس پڇيو تہ اهو ڪنهن جو پٽ هو؟ چيائينس تہ اهو مولانا عثمان جو پٽ هو اهڙيءَ طرح مفتون همايوني صاحب ٽي پيرا مولوي صاحب کان پڇيو پوءِ پنهنجي خليفي کي چيائين تہ مولوي خدا بخش اسان جي استادي گهراڻي جو عالم آهي. جيتري تائين هتي آهي مصلو ان جو آهي.

7. پير حسام الدين شاه راشدي تذڪره مشاهير سنڌ جي حاشيہ ۾ لکن ٿا تہ هيءَ روايت قاضي جان محمد روهڙي واري جي زباني منهنجي برادر محترم علي محمد شاه راشدي نقل ڪئي آهي. مولانا عبدالحليم صاحب ڪندوي نزديڪ (بيل پٽ) جا باشندا هئا. وڏا عالم فقير ۽ حافظ هئا. طريقو سندن قادري سروري هو. محمد پور پنوعاقل (گهوٽڪي تعلقي) جي بزرگن جا شاگرد هئا. محمد پور واري بزرگ جو نالو محمد صديق ذات سيهڙ هو بيعت بہ انهن جي هٿ تي ڪيائين. جن جو سلسلو حضرت سلطان باهو سان ملي ٿو.

راقم الحروف ڪي درگاھ مخدوم محمد صديق سيهڙ رح جي موجوده سجاده نشين حضرت ميان نثار احمد مخدوم جن جي فرزند مخدوم زيد احمد صاحب جن ٻڌايو تہ مولانا عبدالحليم ڪندوي بزرگ حضرت ميان محمد صديق سيهڙ جن کان شير واري ڪڏ واري (تعلقو گهوٽڪي) واري مدرسي مان ديني تعليم حاصل ڪئي ۽ دست بيعت بہ مخدوم محمد صديق سيهڙ جن کان هو. مخدوم محمد ڪامل ڪتباري بہ مخدوم محمد صديق جو فيض يافتہ هو. مخدوم محمد صديق سيهڙ کي غلطي چان لکندڙ مهيسر لکيو آهي. حقيقت اها آهي تہ سندس درگاھ قبو شريف مهيسر ريلوي اسٽيشن

(تعلقو گهوٽڪي) آهي. سجاده نشين ۽ ٻيو خاندان ڳوٺ محمد پورتعلقي گهوٽڪي ۾ رهائش پذير آهي باقي مهيسر جا ذات آهي. مهيسر ريلوي اسٽيشن جو نالو انگريز سرڪار مهيسر سردار جي خوشنودي خاطر رکيو هو.

8. مولانا عبدالحليم جو ٽيون استاد مولانا محمود پاڳناڙي وارو هو جنهن وٽ ابتدائي تعليم پاڳ واري مدرسي ۾ پڙهيو.

9. مشهور عالم قاضي محمد ابراهيم مير پوراني هو. جنهن وٽ رياست قلات جي شهر ميرپور ڪافيہ تائين پڙهيا. جن جي سفارش تي آريجا ڳوٺ تعلقي ڏوڪري جي وڏي عالم مخدوم محمد صاحب آريجوي ڏانهن پڙهڻ لاءِ ويا. جنهن ڪانئن پڙهيل علم مان ڪي ڏکيا مقام(سوال) پڇيا جن جو پاڻ با صواب جواب ڏنائون. مخدوم محمد آريجوي ڏاڍو خوش ٿيو پوڙهي هجڻ جو چئي پنهنجي شاگرد عاقل شاهہ هالائي واري ڏينهن خط لکي ڏنائون.(هيءُ پير سائين محمد راشد (روضي ڌڻي) بادشاهہ جو هم درس هو) ان وچ ۾ مخدوم محمد آريجوي وفات ڪري ويو جو سيد عاقل شاهہ پنهنجي استاد جي تعزيت لاءِ آريجن ۾ آيو. استاد جو لکيل خط ڏسي مولانا عبدلحليم کي پاڻ سان گڏ هالائي وٺي ويو. جتان فراغت حاصل ڪيائين.

10. سيد عاقل شاهہ هالائيءَ وارو سندن پنجون استاد آهي.

مولانا عبدالوهاب چاچڙ صاحب جن اهو اهو ڪونہ ڄاڻايو آهي تہ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب مولوي نظام الدين پٽي جو ڪڏهن ۽ڪٿي شاگرد ٿيو ۽ وٽس ڪيترو علم پڙهيو؟

مٿي اسان ڏسون ٿا تہ سندن ابتدائي استاد مولانا محمد پاڳ وارو هو. جيڪو ڪين ويجهو بہ هو پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ مخدوم محمد صديق سيهڙ واري جي مدرسي ڏانهن رخ ڪيائون. ٿي سگهي ٿو تہ اتان پوءِ مولوي نظام الدين پٽي ڏانهن اوٻاوڙي ويا هجن جتان پوءِ مشهور عالم قاضي محمد ابراهيم ميرپورائي( بلوچستان) وٽ عربي نصاب ڪافيہ تائين پڙهيا جنهن سندن ذهن ۽ ذڪاءُ کي ڏسي وقت جي وڏي عالم مخدوم محمد آريجوي صاحب ڏانهن آيا ۽ سندس شاگرد سيد محمد عاقل شاهہ هالائي وٽ فراغت ڪيائون.

**مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جو استادي سلسلو:**

مولانا دين محمد وفائي ۽ مولانا عبدالوهاب اچڙ صاحب شريعت سوانح نمبر ۾ هن طرح ڏنو آهي،" مولانا عبدالحليم ڪنڊوي شاگرد آهن مولانا سيد محمد عاقل شاهہ هالائي واري جا، اهي مولانا نور محمد(محمد) آريجوي جا، اهي محمد دائود آگري جا،اهي مولانا عاقل احمد جن جا، اهي ٻنهي والد مولانا عبدالله لبيب کان ۽ ان پنهنجي والد مولانا علامہ عبدالحڪيم سيالڪوٽيءَ کان پڙهيو.

ٻيو سلسلو هن طرح آهي مولانا عبدالحليم ڪنڊوي شاگرد آهي مولانا سيد محمد عاقل شاهہ هالائيءَ واري جو اهو علامہ مخدوم نور محمد(محمد) آريجوي بزرگ جواهو شاگرد هو مخدوم شهاب الدين مگڙئي جو (ولادت1110هه برابر 1698ع) وفات1751ع اهو شاگرد هو مشهور بزرگ ڪامل ولي ۽ علامہ مخدوم محمد اسماعيل پريالوي جو.

**بيعت:**

(1 پير حسام الدين شاهہ راشدي تذڪره مشاهير سنڌ جي حاشيي ۾لکن ٿا تہ هينين روايت قاضي جان محمد روهڙي واري جي زباني منهنجي برادر پير علي محمد شاهہ راشدي نقل ڪئي آهي تہ "مولانا عبدالحليم ڪنڊوي، محمد پور واري بزرگ حضرت مخدوم محمد صديق سيهڙ جو شاگرد بہ هو ۽ سندس هٿ تي بيعت بہ ڪئي هئائين."

مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب جي سلوڪ جي حوالي سان سندس مرشد مخدوم محمد صديق سيھڙ محمد پور تعلقي گهوٽڪي واري جو نالو مٿي سندن استادن ۾ سيدحسام الدين شاه راشدي جي حوالي سان آندو ويو آهي جيڪو سندن مرشد هئڻ کان علاوه استاد به هو. هڪ ٻي روايت پير حسام الدين شاه راشدي ساڳئي تذڪريءَ پير تراب علي شاه راشدي قنبر واري جي حوالي سان آندي آهي. پير تراب علي شاه مولانا نور محمد شهدادڪوٽي جي فرزند متبحر عالم ۽ غوث زمان مخدوم غلام صديق شهدادڪوٽيءَ جو شاگرد ۽ نياٽو به هو. مخدوم غلام صديق شهدادڪوٽي بزرگ جو والد مولانا نورمحمد شهدادڪوٽي جيڪو مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جو شاگرد هو سو ميان محمد ڪامل ڪٽباري(1150هه_1239هه) جي فرزند ميان محمد حسن ڪٽباريءَ جو مريد هو. ميان غلام صديق شهدادڪوٽيءَ جو شاگرد ۽ خاص خليفو علامه غلام محمد مهيسر ڪمال ديرائي هو.

(2) پيرتراب علي شاھ جي روايت آهي ته استاد العلماء حافظ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي ميان محمد ڪامل ڪٽبارن واري جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي.

(3) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب مقالات قاسمي لکي ٿوته” روايت آهي ته مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب جيڪي ميان صاحب وڏن ميان محمد ڪامل ڪٽباري جا مريد هئا سي ميان صاحب جي وفات کانپوءِ سندس فرزند ميان محمد حسن وٽ توجه ۽ تلقين جا طلب ٿيا. ميان محمد حسن جي توجه تلقين جو مٿن اهو اثر ٿيو جو گهڻي عقيدت مان فرمايائون ته الحمد لله جو ميان محمد ڪامل جوفيض اجا تائين هلندواچي ٿو.“

مٿين روايتن ۾ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جي سلوڪ جي سلسلي ۾ ٻن بزرگن جا نالا آيا آهن.

پهرين روايت جو راوي پير علي محمد شاه راشدي آهي جنهن قاضي جان محمد روهڙي واري جي زباني بيان ڪئي آهي جن وٽ مولانا ڪنڊوي صاحب آخري ڏينهن ۾ مدرسو همايون خليفو محمد يعقوب همايوني جي حوالي ڪرڻ وٽن اچي رهيو هو ۽وفات به اتي ڪئي هيائين جو مدفن به روهڙي اٿس. ان کان علاوه مخدوم محمد صديق سيھڙ بزرگ جي خاندان جي مشاهيرن ۾ اها روايت پڻ متواتر هلندي اچي ٿي. انڪري اها روايت به نهايت پڪي ۽ پختي آهي.

**ٻي روايت**

ٻي روايت جا راوي پير تراب علي شاھ راشدي ۽ تذڪره مشائخ ڪٽبار شريف جو مصنف مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسينوي صاحب تڪبير جن آهن ٻيو تراب علي شاھ راشدي علامه الزمان عارف بالله حضرت مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي بزرگ جا شاگرد رشيد ۽ نياٽا آهن مولانا غلام صديق جو والد مولانا نور محمد شهدادڪوٽي مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جو شاگرد آهي. ان کان علاوه مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي بزرگ به ميان محمد ڪامل ڪٽباري جي پوٽي ميان غلام حيدر ڪٽباري جو دست بيعت پڻ آهي. اجا به ڏسون ٿا ته مولانا نور محمد شهداد ڪوٽي ميان محمد ڪامل جي فرزند ميان محمد حسن جو مريد نظر اچي ٿو. ٻئي پاسي تذڪره مشائخ ڪٽبار شريف جو ليکڪ مولانامحمد قاسم سومري جي نسبت شهدادڪوٽي بزرگن ۽ ڪٽباري بزرگن سان هن طرح آهي.

مولانا محمد قاسم سومرو پاڻ به هڪ جيد عالم دين هو. سندن والد مولانا محمد هاشم سموري تعليم ڳڙهي ياسين جي مدرسي مان مولانا نور محمد شهدادڪوٽي وٽان حاصل ڪئي آهي ته بيعت مولانا تاج محمد ولد غلام حيدر ڪٽباري کان آهن۽ پنهنجي مرشد مولانا تاج محمد ڪٽباري جي فرزند مولانا گل حسن سجاده نشين ڪٽبار شريف جا استاد به هئا. ان ڪري اها روايت به پنهنجي جاءِ

تي اهم آهي.

هتي مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسينوي جي روايت جو جائزو وٺجي ٿو. مولانا صاحب پنهنجي مذڪوره ڪتاب جي فصل ستين جي صفحي 44 تي هن طرح لکي ٿو ته” ڇيو وجي ٿو ته 32 علماء مولانا محمد ڪامل ڪٽبار شريف واري جا مريد هئا. انهن مان سڀ کان وڏو عبدالحليم (ساڪن ڪنڊو) هو جيڪو شروع ۾ سندن وڏو معتقد هو ليڪن آخري عمر ۾ ميان صاحب ان کان ڪنهن سبب ناراض ٿيو جنهن ڪري هو حضرت مخدوم صاحب ڏانهن هليو ويو.“

ساڳئي ڪتاب جي صفحي 82 تي هن طرح آيو آهي،” نقل آهي ته مولوي عبدالحليم صاحب ڪنڊي وارو جيڪو وڏي ميان صاحب(محمد ڪامل) جو مريد خاص هو ميان جي وفات ڪانپوءِ ميان محمد حسن وٽ حاضر ٿيو(هيءُ بزرگ ميان محمد ڪامل جو فرزند هو) توجه ۽ تلقين جي درخواست ڪيائي تلقين ڪانپوءِ مولانا ڪنڊوي ميان صاحب جي قدم بوسي ڪئي ۽ چيائين ته الله جو شڪر آهي جو ميان محمد ڪامل جو فيض اجا تائين جاري آهي.“

مولانا محمد قاسم اهو ڪونه ڄاڻايو آهي ته آخر اهوڪهڙو سبب هو جو مولانا عبدالحليم ڪنڊوي تي ايڏي ناراضگي! جو هڪ صادق مريد ۽ شريعت جو باڪمال استاد الڪل مرشد جي ناراض ٿيڻ تي ڪيس ڇڏي هليو وڃي. مولانا جي لکڻ موجب مولانا ڪنڊوي مخدوم صاحب(؟) ڏانهن هليو ويو. جيڪو ان وقت حيات هو.مولانا محمد قاسم ان مخدوم جو نالو ڪونه لکيو آهي اندازو اهو آهي ته ته اهومخدوم صاحب محمد صديق سيهڙ بادشاهه ڏانهن اشارو آهي.

مخدوم محممد صديق سيهڙ جي وفات جو سن 1233ھ آهي ۽ميان محمد ڪامل 1239ھ ۾ وفت ڪئي آهي يعني ميان محمد ڪامل مخدوم محمد سيهڙ( سندس مرشد) کان پوءِ فقط ڇهه سال حيات هو. جو سندس وفات کان پوءِ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي وري سندس فرزند ميان محمد ڪامل وٽان ئي هليو ويو ته پوءِ وري موٽي سندس پٽ وٽ اچڻ بعيد از قياس آهي.

اها ڳالهه ان وقت تسليم جوڳي آهي جڏهن هڪ طالب ڪنهن سلوڪ جي صاحب وٽ سلوڪ جي ابتدائي مرحلن ۾ هجي ۽ سندس مرشد وفات ڪري وڃي ته پوءِ ڪماليت تي پهچڻ لاءِ ٻيو مرشد وٺي سگهجي ٿو پوءِ ڪٽي سلسلو ئي ٻيو ڇو نه هجي ان ڪري اها روايت صحت جي درجي تي پهچي نٿي سگهي.

مٿين روايت مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جهڙي ڪامل استاد ۽ بزرگ جي شخصيت ڪي داغدار بڻائي ٿي جو ڪهڙي به ناراضگي ڇو نه هجي ۽ مرشد رهبر ڪي ڇڏي بيعت ٽوڙي ڇڏجي ۽ اتان هليو وڃجي. ڪوبه ڪامل مريد ائين ڪري نٿو سگهي. هتي ته عارف ڪامل مرد مجاهد استاذ العلماء مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جهڙو بزرگ آهي. ان ڪري اسان ڪي پهرئين روايت جنهن ۾ مولانا ڪنڊوي صاحب ڪي مخدوم ميان محمد صديق سيهڙ جو مريد ڏيکاريو ويو آهي. اها روايت معتبر آهي. جو مولانا ڪنڊوي صاحب مخدوم محمد صديق سيهڙ جي مدرسي شير واري ڪڏواري تعلقي گهوٽڪيءَ مان تعليم به حاصل ڪئي ۽ مخدوم صاحب وٽان ئي ڪيس فيض مليو جي رچي ريٽو ٿيو ۽ ڪيس ميان محمد ڪامل ۽ سندس فرزند ميان محمد حسن ڪٽباريءَ وٽان فيض حاصل ڪرڻ جي ضرورت ئي پيش نه آئي.

هيءُ بحث تحقيقي نقط نگاه کان ڪيو ويو آهي. بزرگ جو سلسلو ساڳيو ئي قادري آهي. ميان محمد ڪامل ڪٽباري بزرگ به مخدوم ميان محمد صديق سيهڙ جو مريد آهي ۽ سندن ئي ارشاد تي ڪٽبار شريف اچي وسايائين جتي مرشد جي نظر جي اثر سبب سندس شهرت ٿيڻ لڳي مٿئين حقيقت

جي روشنيءَ ۾ چٽي سگهجي ٿو تہ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي بزرگ ميان محمد ڪامل ڪٽباريءَ جو مريد نہ بلڪ پير پائي آهي.

وفات:

همايون واري ٻئي دور جي مدرسي جي پڄاڻي يعني 1838ع ۾ ٿي مدرسو خليفي صاحب جي حوالي ڪيائين ۽ روهڙيءَ ۾ قاضين رهيو تہ انهيءَ ئي سال وصال فرمائي ويو. تذڪره مشاهير سنڌ جي حاشيہ ۾ پير حسام الدين راشدي جي حوالي سان آيو آهي تہ (30_35) ورهيہ قاضِ غلام محمد بن قاضي جان محمد ثالث جي اوطاق ۾ رهيو اتي درس ڪونہ ڪرائيندا هئا پاڻ چوندا هئا تہ اسان وٽ جيڪا امانت هئي سڀ محمد يعقوب لُٽي ويو. ڪڏهن ڪڏهن ٻہ ٽي مهينا پنهنجي وطن ڪنڊي ڏانهن هليا ويندا هئا. ڪنڊي ۾ سندن پائرن جو اولاد آهي. ڪتاب جي هڪ ورق تي دل جي تصوير هٿ سان ڪڍي هئائون. جنهن ۾ تصوف جي اصولن مطابق محمد ﷺ جو نالو لکيو اٿائون. عمليات بہ ڪين دخل هوندو هو. سڄي عمر مجرد رهيا. ڊاڪٽرغلام علي سانگي سندن وصال جو سال 1254هہ برابر 1838ع عمر 63 سال ڄاڻائي آهي. ميان رياض ميڪڻ 5 محرم 1254هہ مطابق 1838ع عمر 91 سال ٻڌائي ٿو. انهيءَ حساب سان سندن ولادت جو سال 1163هہ بيهي ٿو سندن مزار روهڙي کان (سکر کوئيٽا) ريلوي لائين جي پل هينان جتان روهڙي کان سکر ٽريفڪ جو گذر ٿئي ٿو روڊ سان لڳو لڳ ڪاڇي پاسي ڏکڻ طرف پڪي واري پير سان مشهور آهي. فقير قادر بخش بيدل جي محبوب قاضي پير محمد جي مزار مولانا صاحب جي ويجهو آهي جنهن جي مٿان ڪچو ڪونو نهيل آهي اندر ٻيون بہ تربتون آهن.

الرحيم مشاهير نمبر مولانا ڪنڊوي جي وفات بابت لکيل آهي تہ سندس وفات پاڳناڙي جي ڳوٺ ڪنڊي ۾ ٿي هيءَ روايت صحيح نظر نٿي اچي ڇاڪاڻ تہ پاڻ روهڙيءَ ۾ قاضين وٽ رهيل هئا وفات بہ اتي ٿي ۽ مزار بہ روهڙيءَ ۾ اٿن.

## مفتي محمد ٻيرائي جو مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ
## کان تعليم حاصل ڪرڻ

جيئن ته مولانا عبدالحليم ڪنڊوي جي شاگردن ۾ مفتي محمد ٻيرائي جو نالو به آهي. ان ڪري انهيءَ تذڪري کي به بحث هيٺ آڻي ڪتاب جي هن حصي ۾ اختتام تي پهچائجي ٿو.

مفتي محمدٻيرائي جو مولاناعبدالحليم ڪنڊويءَ وٽ روهڙيءَ۾ پڙهڻ جو ذڪر ملي ٿو. مولانا قاسمي صاحب مقالات قاسمي ۾ مفتي محمد ٻيرائي بابت لکن ٿا ته ابتدائي تعليم کان پوءِ ڪيس سندس مامو استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جي خدمت ۾ هن کي روهڙي وٺي ويو. هن اتي نه رڳو ظاهري علم پرايو پر روايت آهي ته باطني فيض به مولانا عبدالحليم صاحب کان پرايائين مولانا مرحوم روهڙيءَ مان فارغ ٿي ڳوٺ پهتو.

مولانا محمد قاسم سومرو سوانح حيات حضرت سائين ٻير وارا ۾ لکي ٿوته مولانا عبدالحليم صاحب آخري عمر ۾ روهڙيءَ ۾ اچي رهيو. درس تدريس جو ڪم اتي ڪندا هئا.حضرت مولانا مفتي محمد ٻيرائي مولان عبدالحليم صاحب جن وٽان تعليم جي تڪميل سان گڏ باطني فيض جون منزلون به طئي ڪيائين مفتي صاحب روهڙيءَ مان فارغ التحصيل ٿي ڳوٺ پهتو.

<u>مفتي محمد ٻيرائي جي تعليم بابت ڇنڊڇاڻ:</u>

ڪتاب لاڙڪاڻو سيپتا سندو ناڻو ۾ ڊاڪٽر غلام علي سانگي صاحب جن لکن ٿا ته،" 29 ڊسمبر 1976ع تي قنبر تعلقي جي ڳوٺ ٻير ۾ مولانا عبدالڪريم قريشي سان سندن رهاڻ ٿي جنهن ڪيس ٻڌايو ته سندس وڏي ڏاڏي علامه محمد ٻيرائي مدرسي ڪنڊي بلوچستان ۾علامه حافظ عبدالحليم کان تعليم پرائي." ڊاڪٽر غلام علي صاحب هن معاملي جي هن طرح ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. علامه مفتي محمد ٻيرائي جو جنم 1158ھ برابر 1745ع قمبر سن جي حساب سان سندس عمر 115 سال ٻيهي ٿي جڏهن ته علامه عبدالحليم ڪنڊويءَ جي پيدائش 1191ھ برابر 1777ع ۽ لاڏاڻو 125ھ برابر 1438ع ان ليکي سندس عمر 63 سال آهي مذڪوره اپٽار ٻڌائي ٿي ته جڏهن استاد ڪنڊوي ڄائو تڏهن شاگرد ٻيرائي صاحب جي عمر 32 سال هئي. (جيڪڏهن ميان رياض ميکڻ موجب مولانا ڪنڊوي جي ولادت وارو سال (1163 هجري) مڃجي ته پوءِ مفتي محمد ٻيرائي صاحب( جنم 1158ھ) کانئس 5 سال عمر ۾ وڏو آهي(راقم الحروف) ساڳئي شاگرد ڪتاب المخزن الروايات 1236ھ برابر 1801ع ۾ لکي تيار ڪيو ته شاگرد ٻيرائي صاحب جي عمر 56 سال هئي. ان ڪٿا مان سندس استاد ڪنڊويءَ صاحب 23 ورهين جي عمر سان مدرسي هالاڻيءَ مان علامه سيد محمد عاقل شاهه جي رهنمائي ۾ پڙهي 1800ع ۾ سند ورتي ۽ ساڳئي سمي مدرسو ڪنڊو بلوچستان کوليو.

1800 ۾ مدرسو ڪنڊو جاري ٿيو جنهن ۾ 55 سالن جي شاگرد پيراڻي صاحب ديني علوم جي سکيا وٺڻ شروع ڪري ته ڪيس تعليم ۾ پرائڻ (تحصيل ڪرڻ ۾) 15 سال لڳي وڃن ان روءِ سان هو 70 سال جي ڄمار ۾ تحصيل ڪري وٺي. ايتري وڏي عمر واري کي جوان ته نه تسليم ڪيو ويندو."(ڊاڪٽر غلام علي سانگي)

راقم الحروف موجب جڏهن علامه ٻيرائي صاحب ڪتاب مخزن الروايات 1216ھ برابر 11801ع ۾ لکي تيار ڪيو جيڪو فقه ۽ فتوائن تي مشتمل آهي ان بياض جونالو آهي "مخزن الروايات في

تصحيح مسائل العبادات والمعاملات ته ان وقت مدرسي کنڊي جي شروع ٿيڻ کي سال ش گذريو هو علامہ مفتي ٻيرائي ان وقت بہ فتوائون صادر فرمائيندو هو ته پوءِ کيئن چئبو ته ابتدائي تعليم پوري ڪري وڏيڪ تعليم لاءِ مولانا ڪنڊوي جي مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو. مفتي صاحب فتوائن جي هيٺان پنهنجي مهر بہ ثبت ڪندا هئا. ڪن مهرن تي 1216ھ سن بہ لکيل آهي. مولانا محمد قاسم سومرو وڌيڪ پنهنجي ڪتاب ۾ هن طرح لکي ٿو ته،" مخدوم محمد عاقل صاحب فيصل ۽ توائن جي سلسلي ۾ ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر قنبر جي پرسان اچي لٿو چو تا ته پنهنجي معتقدن ۽ مريدن وٽ ڳوٺ ٻير ۾ لٿل هو. هن جي آمد جو ٻڌي مفتي محمد صاحب کي مولوين جي صورت ۾ڏسي مخدوم صاحب هن کان ڪي سوال پڇيا جنهن تي مفتي صاحب ٻرائي باصواب جواب ڏنا. مخدوم صاحب ڪڻ تان اٿي هن نوجوان مفتي محمد صاحب کي پٽ تان اٿاري پاڻ سان گڏ ڪٽ تي ويهاريو."

هتي ته 70 سالن جي عمر هوندي بہ کيس نوجوان سڏيو آهي. جيڪڏهن مفتي ٻيرائي جو مدرسي کنڊي نہ بلڪ مولانا قاسمي ۽ مولانا محمد قاسم سومري موجب روهڙيءَمان مولانا عبدالحليم ڪنڊوي کان علم پرائڻ مڃجي ته پوءِ معاملو اڃا بہ پري پوندو. ڇاڪاڻ ته مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب 1838ع ۾ مدرسو همايون پنهنجي شاگرد مولانا خليفي محمد يعقوب همايونيءَ جي حوالي ڪري پاڻ روهڙيءَ ۾ قاضين وٽ اچي رهڻ لڳو ۽ انهيءَ ئي سال يعني 1838ع ۾ وصال ڪري ويا. سندس وصال جي سال ۾ ڪوبہ اختلاف ڪونهي. انڪري مفتي محمد ٻيرائي جو مولانا عبدالحليم ڪنڊوي کان ڪنڊي واري مدرسي مان فراغت حاصل ڪر واري مولانا عبدالڪريم قريشي مرحوم واري روايت پروسي جوڳي نظر اچي ٿي.

**مولانا ڪنڊوي جي زندگي تي هڪ نظر:**

هاڻي غور ڪجي ٿو ته جڏهن علامہ عبدالحليم ڪنڊوي صاحب مولانا آريجوي وٽ خط ڪڻي پهچي ٿو ته ان وقت مولانا محمد آريجوي 80 سالن جو پوڙهو آهي. جو علامہ عبدلحليم ڪنڊوي کي پوڙهي هجڻ جو عذر پيش ڪري پنهنجي شاگرد عاقل شاھ هالاڻي واري ڏانهن خط ڏنائين. اجا مولانا ڪنڊوي اتي ئي خير محمد آريجا ۾ هو ته بزرگ آريجوي وفات ڪري ويو. ان وقت يعني 1210ھ مطابق 1796ع مخدوم آريجوي جي وصال وقت جڏهن مولانا ڪنڊوي وٽس پڙهڻ لاءِ آيو ته مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جي عمر لڳ ڀڳ 20 سل آهي پر جيڪڏهن سندس ولادت جو سال 1163ھ تسليم ڪجي ته پوءِ ان وقت سندس عمر 47 سال بيهي ٿي جڏهن اسان مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب جي تعليمي سلسلي تي نظر وجهون تا ته خبر پوي ٿي ته پاڻ علم جي حاصلات جي شوق ۾مختلف مدرسن جي اعليٰ استادن ڏانهن ويا آهن. ۽ مسلسل هو عمل جاري رکيو اٿائون تان جو انهيءَ ذوق ۾ علم جي پياس کين بلوچستان ۾ ويهڻ نہ ڏنو ۽ وڏا ڪشالا ڪاٽي آريجا جي مدرسي ۾ پهچن تا جنهن جي هاڪ سنڌ بلوچستان ۽ افغانستان تائين پهتل هئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته مدرسي آريجا ۾ پهچڻ وقت سندس عمر (ولادت 1163ھ) 47 سال هوندي يا 20 سالن جو نوجوان هوندو جو علامہ آريجوي ڪائنس امتحان وٺڻ لاءِ پڙهيل علم مان ڪي سوال پڇيا. علامہ قاسمي جي لکڻ موجب هن نوجوان جي ذهن ۽ ذڪاءَ کان مخدوم محمد آريجوي ڏاڍو متاثر ٿيو. انهيءَ تي هيٺ روشني وجهجي ٿي. هيءُ مونجهارو پوءِ بہ پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. جنهن ۾ تذڪره مشاهير سنڌ جي حاشيي ۾ اهو چيو ويو آهي ته مولانا عبدالحليم ڪنڊوي مرحوم 30_35 ورهيہ قاضي غلام محمد بن قاضي جان محمد(ثالث) جي اوطاق ۾ رهيو اتي درس ڪونہ ڪرائيندو هئا.

مولانا ڪنڊويءَ جو روهڙيءَ ۾ قاضين وٽ قيام واري زماني جو تعين ٿيل ڪونہ آهي ته

ڪهڙي عرصي دوران رهيو؟

مولانا دين حمد وفائي جي لکڻ موجب همايون ۾ ٿورو وقت رهي پوءِ مولانا ڪنڊوي اچي روهڙيءَ ۾رهيو. جڏهن ڊاڪٽر غلام علي سانگي جي بيان کي ڏسجي ٿو تہ مدرسي ڪنڊي کان وٺي همايون جي مدرسي واري دور(1838 ع تائين) کانپوءِ صرف ٿورو عرصو روهڙيءَ ۾ رهيا آهن جو انهيءَ سال 1838ع ۾ وصال فرمائي ويا.

مولانا عبدالحليم ڪنڊويءَ جي سوانح تي نظر وجهڻ سان چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ تعليم جي حصول جي سلسلي ۾ پنهنجي زندگيءَ جو چڱو عرصو گذاريو اٿائون جو بلوچستان جا وڻ ڇڏي سنڌ جي ڏورانهين حصي اوباوڙي تائين بہ ويا آهن. محمد پور (تعلقي گهوٽڪي) جي مشهور بزرگ مخدوم محمد صديق سيهڙ جي مدرسي ۾ بہ پڙهيا آهن ۽ سندن دست اقدس تي قادري سلسلي بيعت بہ ڪئي اٿائون.ان کان پوءِ وري پنهنجي ديس بلوچستان واپس وڃي قاضي محمد ابراهيم ميرپورائي وٽ رياست قلات جي شهر ميرپور کان ٿيندا وري سنڌ ۾اچي آريجن جي مدرسي (تعلقي ڏوڪري) پهتا آهن. جتان هالاڻي جي مدرسي مان سيد عاقل شاهہ هالاڻي واري وٽان دستار فضيلت ٻڌي واپس پنهنجي ڳوٺ ڪنڊي وڃي سال 1800ع ۾ مدرسو ڪنڊو جاري ڪيائون مدرسي ڪنڊي کان وٺي مدرسي همايون پنهنجي شاگرد خليفي محمد يعقوب صاحب جي حوالي ڪري روهڙيءَ ۾ وڃي قاضين وٽ رهيا. جتي جلدي وفات ڪري ويا. انهيءَ سڄي روئداد مان تذڪره مشاهير سنڌ واري روايت مان اهو اشڪال پيدا ٿئي ٿو تہ روهڙيءَ جي قاضين وٽ چاڻايل 30_35 سالن وارو عرصو مولانا صاحب جي زندگيءَ جي جدول سان نٿو نهڪي. چاڪاڻ تہ قيام وارو اهو عرصو مولانا صاحب جي درس و تدريس کان پوءِ جو ئي ٿي سگهي ٿو. راقم الحروف جو قياس بہ مولانا وفائي مرحوم واري روايت جي تائيد ڪري ٿو تہ پاڻ همايون ۾ ٿورو عرصو رهي پوءِ زندگيءَ جا آخري ڏهاڙا روهڙيءَ ۾ قاضين وٽ اچي شروع ڪيائين تہ پوءِ پنهنجي وفات واري عرصي يعني 1838ع تائين وقفي وقفي سان (مسلسل نہ) روهڙيءَ قاضين وٽ اچي ٿو ترسندا هجن جو اهي قاضي سندن شاگرد هئا. ٻيو تہ وار مبارڪ جي زيارت جي اشتياق ۾ اڪثر سندن اچڻ روهڙي شريف ۾ ٿيندو هو پوءِ ڪجهہ ترسي واپس تدريس جي ڪم ڪي لڳي ويندا هئا. استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪنڊوي صاحب بابت راقم کي جيڪي ڪجهہ معلومات مختلف تذڪرن مان هٿ اچي سگهي سا پڙهندڙن جي آڏو رکي ويئي آهي ٿي سگهي ٿو تہ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ سان اجا وڌيڪ معلوم ٿي سگهي ۽تحقيق جي ڪسوٽيءَ تي پرکي پوءِ ئي ڪا حتمي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي.

# مولانا عبدالغفور "مفتون" همايونيءَ جي ڪافي

## "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رڳو" جو مختلف پڙهڻيون"

حضرت مولانا عبدالغفور "مفتون همايوني رح جن هڪ زبردست عالم ۽ فقيہ هجڻ سان گڏ وڏ قادر الڪلام شاعر پڻ هئا. پاڻ سنڌي سرائڪي فارسي ۽ ٻين ٻولين ۾ بہ شعرچيو اٿائون.

ديوان مفتون پهرين دفعو حافظ محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني شيام سندر پريس شڪارپور (سنڌ) مان ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ 49 صفحا سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون (118) شامل آهن. ان ڪان پوءِ نيازهمايوني صاحب جو مرتب ڪيل ديوان مفتون جنهن ۾ سنڌيءِسرائڪي ڪافيون (جملي 116) سنڌي ادبي بورڊ طرفان سال 1973ع پهريون ڀيرو شايع ٿيو. جنهن جو ٻيو ڇاپو بہ سنڌي ادبي بورڊ سال 2000ع شايع ڪيو آهي. جنهن مان اول الذڪر بزرگ همايوني صاحب جو شاگرد مولانا محمد قاسم سومري جو ڀاءُ آهي؟ ۽ سندس ڏوهٽي ميان عبدالباقي جو استاد بہ هو. ۽ سندن ننڍو معاصر پڻ آهي. آخرالذڪر بزرگ همايوني جن جو ڳوٺائي هو سندس والد مولانا صاحب جي خدمت ۾ بہ رهيو هو.

مولانا مفتون همايوني جي انهيءَ مشهور ڪافي" تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا" جي ٿلهہ لان سواءِ ڇهہ بند آهن. جن ۾ مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني ۽ نياز همايوني صاحب جي مرتب ڪيل ديوان مفتون ۾ غلمان قافيو ڪونہ ڏنل آهي ٻيا قافيا بہ هيٺ مٿي ٿيل آهن.

هيٺ ديوان مفتون مرتب مولانا محمد ابراهيم ناظم ياسينوي نياز همايوني ڊاڪٽرميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو ۽ ٻين سجاڻ لکندڙن جي قافين وارن بندن جون اختلافي پڙهڻيون هيٺ ڏجن ٿيون. پڙهندڙن جي سڌ لاءِ لکجي ٿو تہ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي اهو غزل پنهنجي ڪتاب سنڌي زبان ۾ نعتيہ شاعريءِ۾ ڏنو آهي ڊاڪٽر عبدالخالق راز صاحب اهو غزل مير علي نواز جي ڪلام ڪليات علويءِ۾ڏنو آهي.مولائي شيدائي صاحب تاريخ سکر ۾علي محمد راشدي اهي ڏينهن اهي شينهن ۾ ۽ خانبهادر محمد صديق ميمڻ پڻ اوائلي سنڌي ليکڪ آهي جنهن پنهنجي سنڌي ادبي تاريخ۾ اهو ڪلام ڏنو آهي.

ڪافيءَجي بندن جون اختلافي پڙهڻيون:

- مفتي محمد ابراهيم ناظم ڳڙهي ياسينوي ۽ نياز همايوني

(1) ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا ڪيئي ناز مزيد مريد ڪيا

رڍءَ ناٽي خريد ڪيا قربان هزارين مان نہ رڳو

- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي داڪٽر عبدالخالق راز ۽ مولائي شيدائي ۽پير علي محمد راشدي

ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا ڪيئي ناز مزيد مريد ڪيا،

رڍءَ ناٽي خريد ڪيا سلطان هزارين مان نہ رڳو

مفتي ناظم ڳڙهي ياسينوي ۽ نياز همايوني جيڪي مٿي قافيو "قربان" ڏنو آهي. اهو قافيو ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي صاحب آخري بند ۾ "مفتون" جي جاءِ تي ڏنو آهي ۽ قربان جي جاءِ تي مفتون تخلص ڏنو آهي.

- مفتي ڳڙهي ياسينوي بزرگ ۽ نياز همايوني

(2) تنهنجي جلوي جمال جي عشوه گري ڪيا ملڪ مطيع وسيع وري

ڇا جن ملائڪ حور پري حيران هزارين مان نہ رڳو

- ڊاڪٽر صاحبان ۽ مولائي شِدائي

تنهنجي جلوي جمال جي عشوه گري ڪيا ملڪ مطيع وسيع وري

ڇا جن ملائڪ حور پري غلمان هزارين مان نہ رڳو

جن ملائڪ حور ۽ پري سان قافيو"غلمان" رطب ۾ ۽ ڪڙو ڪڙي سان ملي ٿو شعر ۾ انهيءَ صنعت کي تجنيس مرصع چئبو آهي يعني شعر ۾ شروع وارن لفظن کي ڏسي اندازي سان اڳواٽ سمجهي سگهجي تہ ڪهڙو قافيو ڪم ايندو.

- ٻڙهي ياسينوي بزرگ ۽ نياز همايوني

(3) ماهِ لقا محبوب مٺا تنهنجي ناز ادا تان جان فدا

ٿيا دامنگير امير گدا حيران هزارين مان نہ رڳو

- ٻڙهي ياسينوي بزرگ ۽نياز همايوني

(4) دلبر پيارا ڪر نور نظر تون تہ سرور عالم جن و بشر.

تو تان قربان تارا شمس و قمر "مفتون"هزارين مان نہ رڳو

انهيءَ آخري بند ۾ شاعر جيڪو تخلص ڪم آندو آهي انهيءَ متعلق نالي وارو اديب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ جلد ٻئي ۾ لکي ٿو تہ انهيءَ بند معنيٰ تہ صحيح آهي پر قافيو ترتيب موجب نہ آهي اهو مستان ئي ٿي سگهي پوءِ تخلص ٻي جاءِ تي آڻجي ها."

جوڻيجي صاحب جي راءِ وزندار آهي ڇاڪاڻ تہ قافيو هم وزن تہ آهي پر هم آواز نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪلام سهيڙيندڙن کان سهو ٿي ويئي هجي توڙي جو مرتب پاڻ بہ عالم اديب ۽ شاعر آهن پر لاشعوري طور ائين ٿي سگهي ٿو ٻيو تہ ڪلام جو قلمي نسخو بہ ناپيد هو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جي راءِ کي ڏسجي ٿو تہ پوءِ اسان ڏسون ٿا تہ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب ۽ ڊاڪٽر عبدالخالق راز صاحب انهيءَ بند قافيو صحيح صورت ۾ بيهاريو آهي.

**ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي ۽ عبدالجبار عبد**

دلبر پيارا ڪر نور نظر تون تہ سرور عالم جن بشر

تو تان "مفتون" تارا شمس و قمر قربان هزارين مان نہ رڳو

**ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو، پير علي محمد راشدي ۽ خانبهادر محمد صديق ميمڻ اهو آخري نالي وارو سند هن طرح ڏنو آهي.**

دلبر پيارا نور نظر سرور عالم "مفتون" سير،

ٿيا تو تان تارا شمس و قمر قربان هزارين مان نہ رڳو.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب ۽ راز صاحب جي قافين جي ترتيب بہ صحيح آهي تہ معنيٰ ۽ مفهوم ۾ بہ فرق نہ آهي بزرگ هڪ قادر الڪلام شاعر هو ۽ شعر جي فني نزاڪتن کان واقف هو.

جيئن تہ بزرگ جو نالو عبدالغفور آهي ان ڪري ڪن دوستن غفور کي ڏسندي ان کي غلطيءَ وچان تخلص سمجهيو آهي.

ڪيئي گهايل تنهنجي گهور سندا مخمور غفور سرور سندا

تنهنجي نور حضور ظهور سندا نگران هزارين ما نہ رڳو

مولانا صاحب جي انهيءَ نعتيہ ڪلام کي ڪن سڄڻن "ڪافي" تہ ڪن غزل جي صنف ۾ شمار ڪيو آهي تہ ورري غزل نما ڪافي سڏيو آهي تہ ڪن وري مولود شمار ڪيو آهي.

## ڪافيءَ جي شهرت ۽ مقبوليت

حضرت مولانا عبدالغفور مفتون همايوني رح جي انهيءَ شهره آفاق ڪافي ايتري تہ مقبوليت ماڻي جو سڄيءَ سنڌ ۾ ان جي ڌم مچي ويئي. ڪيترن ئي شاعرن ان کان متاثر ٿي پنهنجي طبع جا جوهر ڏيکاريا. انهن ڏينهن ۾ نہ ميديا جا اڄ جهڙا تيز ترين ذريعا هئا جو آواز جلدي ڪنهن تائين پهچي سگهي بس هڪ عاشق صادق جي دل جي دانهن هئي جيڪا فضا ۾ گونجي ۽ ماڻهن جي ڪنن تائين پهتي. جنهن دل ۽ دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪلام جو نفس مضمون ۽ قافين جو سٽاءُ اهڙو تہ بيهاريل آهي جو پڙهڻ ٻڌڻ سان دل ۾ رقت ۽ تڙپ پيدا ٿئي ٿي. دل کي راحت زبان مان واه واه ۽ سبحان الله جا آواز نڪرن ٿا ۽ اکين مان ڳوڙها لارون ڪري ڳلن تي ڳڙي پون ٿا. هڪ قسم جو قلبي ۽ روحاني سڪون ميسر ٿئي ٿو.

پير حسام الدين راشدي صاحب " هو ڏوتي هو ڏينهن" ۾ لکن ٿا تہ ڪافي جو تخليق ٿيڻ هو ۽ سڄي سنڌ ۾ باهہ ٻري ويئي. نئون خيال ۽ نئين طرز سُر سنو، لفظ چيدا ۽ تڪن مان تڪان. اهڙيءَ طرح بيٺل جڻ هيرن ۽ موتين جو جڙاءُ ٿيل آهي. انهيءَ جي جواب ۾ شاعرن پنهنجو ڪلام ناهيو مطلب تہ سڄيءَ سنڌ ۾ عجيب ڇهڇٽو ٿي ويو. انهيءَ ڪافي لاءِ تہ شاعر پاڻ ۾ گڏيا ۽ نہ مشاعرو ڪيائون ۽ نہ واه واه نہ مڪرر مڪرر جي ڌماچوڪڙي ٿي. ڪافيون هيون عوامي زبان عوامي جذبات سان ڀريل انڪري ماڻهن هٿئون هٿ جهٽي ورتيون ۽ فورا مشهور ٿي ويون."

امداد حسيني صاحب ٽماهي مهراڻ 1961ع واري شماري ۾ چوي ٿو تہ" همايوني صاحب جو اهو سڄو غزل سون ۾ تورڻ جهڙو آهي ان ڪلام کي سنڌ گير شهرت حاصل آهي شاعريءَ ۾ ان کي دائميت جو عنصر چئجي ٿو"

مشهور نقاد جناب قربان بگٽي صاحب مرحوم جي بہ ساڳي راءِ آهي تہ" مولانا صاحب جو اهو ڪلام شاعرانہ خوبين سن معمور آهي." خانبهادر محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ لکي ٿو تہ " هن تتبع تي ڪيترن ئي شاعرن ڪوششون ڪيون پر مفتون جي درجي تي اجا ڪوئي ڪونہ آيو آهي."

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب بہ پنهنجي ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو سنڌي ٻولي باختيار اداري حيدرآباد سنڌ سال 2005ع ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ "مولانا صاحب جي هڪڙي ئي ڪافي ڪيس سنڌ ملوڪ شاعر بنائي ڇڏيو. اها شاهڪار ڪافي اهڙي آهي جنهن جو ڪيترن شاعرن تتبع ڪيو."

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جي راءِ بلڪل صحيح وزندار آهي جو سوناري جا سو ڌڪ لوهار جو هڪڙوئي ڌڪ وارو مثال آهي. بزرگ جيڪو رنگ هن ڪافيءَ ۾ رکيو آهي. اهو ٻيو ڪو بہ ڀري نہ سگهيو آهي. سڄي ڪافي موسيقي ۽ سٽاءُ جي لحاظ کان انفرادي حيثيت رکي ٿي. توڙي جو بزرگ هڪ باشرع ديني عالم هو ۽ موسيقيءَ کان ڪوهين ڏور هو.

محترم مجاهد سولنگي ٽماهي مهراڻ جي نمبر 4 سال 2017ع واري پرچي جي پنهنجي ليک مفتون هزارين ۾ لکيو آهي تہ” اسان جو استاد علي ڏنو سانگي فائنل پاس اديب سنڌي سلور ميډل) راڳ جي راڻي عابده پروين سان ڳائيندو بہ هلندو هو ڪنڌ بہ هٽندو هو جڏهن ڪافي پوري ٿيندي هئي تہ آخر همايوني صاحب جي مذڪوره ڪافي ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي مدح بابت ضرور اظهار ڪندو هو تہ سنڌي ادب ۾ هي بہ تخيل مرٽا ئي نہ آهن.“

جهڙي طرح شيخ سعدي جي مشهور شعر”بلغ العليٰ بڪمالہ“ جون فارسي ۽ اردو ۾ گهڻيون ئي تضمينون چيون ويو آهن. ساڳئي طرح حضرت مولانا مفتون همايونيءَ جي هن مشهور ڪافي تي بہ سنڌيءَ جي ڪيترن ئي وڏن شاعرن تتبع ڪيو آهي.

# ادبي جائزو

حضرت مولانا عبدالغفور مفتون همايوني جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين تي مشتمل ديوان مفتون سنڌي ادب جو لازوال خزانو آهي. ڪافين ڪي جهونگارڻ سان هڪ عجيب ڪيفيت ۽ تڙپ پيدا ٿئي ٿي. منجهن سوز ۽ گداز ميناج رس ۽ رچاءُ سمايل آهي ٻولي نهايت سادي سلوڻي ۽ نج عوامي رنگ واري آهي. جنهن ڪري دل تي جلدي اثر ڪري ٿي. زير بحث ڪافي تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا، زندان هزارين مان نہ رکو“ جي ادبي حيثيت مسلم آهي. مولانا صاحب انهيءَ ڪافيءَ جو سٽاءُ فڪري اڏام ۽ مضمون سان نهڪندڙ قافيا اهڙا تہ بيهاريا آهن جو ڪافيءَ کي سون ۾ مڙهي جڙيو اٿائين.

جيئن تہ ڪافيءَ جو ٿلهہ مرڪزي حيثيت جو حامل هوندو آهي.

انهيءَ جا سپيئي بند ڪافيءَ جي ٿلهہ سان موافقت رکندا آهن. ۽ اهو ڳانڍاپو آخر تائين سلسليوار قائم رهندو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ سڄي ڪافيءَ ۾ شاعر جو مرڪزي خيال انهيءَ هڪ ئي نقطي (ٿلهہ) کر مرڪز هوندو آهي مولانا صاحب جي اها ڪافي انهن سيني ڳالهين تي پوري اچي ٿي ڪافيءَ ۾ ٿلهہ کان پوءِ ڇهہ بند آهن جيڪي سڀ جا سڀ مضون ۾ ٿلهہ سان سلهاڙيل آهن.۽ ڪڙي ڪڙي سان مليل آهي بزرگ جيئن تہ هڪ نامور جيد عالم دين هو فقهہ۽ فتويٰ ۾ سندس بلند مقام هو. اهڙي طرح سنڌي شاعريءَ جي مقبول صنف ڪافي ۾ بہ سندس شمار چوٽيءَ جي شاعرن ۾ ٿئي ٿو. انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبہ وڏائُہ آهي تہ پاڻ ڪافيءَ جا باڪمال ڪافي گو شاعر آهن. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم بہ شاعريءَ جي ميدان ۾ سندس بلند مرتبي جو معترف هو هڪ هنڌ پنهنجي شعر ۾ چوي ٿو:.

مٺ نہ ”مفتون“ سان ڪڏهن ٿيندين قليچ،
ناهي حاصل سا توکي طبع رواني جاني.

مولانا مفتون همايوني جي انهيءَ ڪافي لاءِ ڪجهہ سڄڻ پنهنجا رايا ڏنا آهن

شيخ اياز چوي ٿو تہ مفتون همايوني جي سڄي ڪافيءَ جي اها هڪ سٽ ئي پڙهڻ جهڙي آهي.

شيخ اياز جي ان راءِ کي رد ڪندي امداد حسيني صاحب ٽماهي مهراڻ 1961ع واري شماري ۾ پنهجي لکيل مضمون لفظ نہ آهن ڪيڏوٽا ۾ لکي ٿو تہ مفتون همايونيءَ اهو سڄو غزل سون ۾ تورڻ جهڙو آهي.“ ان ڪلام کي سنڌ گير شهرت حاصل آهي. اڄ بہ اهو ڪلام پڙهجي ۽ ٻڌجي ٿو هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي شاعريءَ ۾ ان کي دائميت جو عنصر چئجي ٿو ان جو گهاڙيٽو ٻولي خيال ۽ قافين جو سٽاءُ حيرت انگيز طور تي متوازن آهي اهي غير معمولي سٿون آهن وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اهو سڀ لاشعوري طور تي سر سٽ سريءَ ۾ پوئجي ويون آهن.

مشهور نقاد ۽ محقق محترم قربان بگٽي مرحوم بہ شيخ اياز جي مٿئين راءِ تي تنقيد ڪندي لکي ٿو تہ مولانا مفتون همايوني صاحب جو اهو سڄو ڪلام تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نہ رکو ڪلام ڪيڏو نہ شاعرانہ خوبين سان معمور آهي.“

راقم الحروف جي خيال موجب حضرت علامہ مولانا مفتون جي ڪافي تي شيخ اياز جيڪا راءِ ڏني آهي ان ۾ ڪوبہ وزن نہ آهي ان ڪري ان تي وڌيک تبصرو نٿو ڪجي.

♦مولانا عبدالرحمان ضيائي سعدي سنڌ مولانا بهائي جو فرزند سنڌي ۽ فارسيءَ جو سنو شاعر هو. ان صاحب بہ هن ريت پنهنجو ويچار ونديو آهي. دادا سنڌي لکي ٿو تہ هڪ دفعي ڪچهري ڪندي غزل جي ٽيڪنيڪي پهلو تي گفتگو ٿي مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي غزل:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نہ رڳو

جو ذڪر ڇڙيو مون ڪان پڇيائون تہ هن غزل ۾ نظري ۽ فڪري غلطي ڪهڙي آهي؟ جيتوڻيڪ فني ۽ ٽيڪنيڪي لحاظ ڪان اعليٰ آهي پر معنوي لحاظ ڪان ضعيف آهي مون چيو تہ قبلا اوهين ئي روشني وجهو چوڻ لڳا تہ محبوب جي هر شيءِ هر ادا بہ محبوب هوندي آهي ان جي ڪڙائي ۾ مناڻ ۽ جدائي ۾رمزو هوندو آهي محبوب جي قيد ڪي زندان سڏڻ ۽ زلف جي ڪمند ڪي بند سڏڻ نظري فڪري ۽ معنوي لحاظ ڪان گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر ۾ نيڪ نہ آهي.“

محبوب جي ڪڙائيءَ ۾ برابر مناڻ آهي. لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

پريان سندي پار جي مڙيئي منائي،

ڪانهي ڪڙائي چکين جي چت ڪري.

مولانا ضيائي جو اهو چوڻ تہ محبوب جي قيد زندان سڏڻ ۽ زلف جي ڪمند ڪي بند سڏڻ سندس نظر ۾ نيڪ نہ آهي.

سندس انهيءَ ڪلام جي لفظن(بند،ڪمند ۽ زندان) تي معنيٰ طلب لفظ:

- بند* بند ٿيڻ قيد ڪرڻ قابو ڪرڻ ٻڌجي وڃڻ باندي ٿيڻ داءُ پيچ ور وڪڙ داءُ يا وجهہ ۾ قابو ڪرڻ
- ڪمند: مضبوط رسو چمند( ڪاہر جو وٺيل رسو جيڪو ڪجيءَ تي چڙهڻ لاءِ چاڙهو چيلهہ سان ٻڌندو آهي) ڦاهيءَ جو ڦندو.
- زندان: بنديخانو قيد جيل عشق جو قيدي عشق جو گرفتار(فيروزاللغات)

شعر جي انهيءَ سٽ جو حاصل مطلب : مولانا صاحب پنهنجي انهيءَ ڪافيءَ جي تلهہ ۾ محبوب جي زلفن مبارڪن جو فڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ اي سهڻن زلفن وارا سائين تنهنجن انهن ڪارن ڪنڊيدارن زلفن مبارڪن مون ڪي اهڙو تہ ڪمند(رسي) سان مضبوط ٻڌي بند(سوگهو) ڪيو آهي جو مان انهيءَ بن جو باندي آهيان ۽ زندان ۾ آهيان يعني تنهنجي عشق ۾ گرفتار آهيان. انهيءَ زندان ۾ رڳو هڪ مان نہ پرمون جهڙا هزارين گرفتار آهن.

جيئن تہ بند لفظ جي ٻي معنيٰ داءُ پيچ ڏنگ ونگ داءُ يا وجهہ ۾ قابو ڪرڻ بہ آهي. انڪري هيءَ معنيٰ بہ نڪري ٿي. اي محبوب! تنهنجي ور وڪڙ زلفن مبارڪن اهڙو تہ داءُ يا وجهہ هڻي وڪڙ ۾ آندو آهي جو انهيءَ پريت جي پيچ ۾ ۽ نينهنن جي ناتي ۾ مون جهڙا هزارين زندان ۾ جڪڙيل آهن يعني باندي اسير يا گرفتار آهن.

هاڻي ڏسو تہ شعر جو مفهوم پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب ۾ڪيڏو نہ واضح ۽ چٽو آهي. ليڪن ضيائي صاحب ”بند“ لفظ جي معنيٰ جي مغالطي سبب زلف جي ڪمند ڪي بند سڏيو آهي.حالانڪ هتي بند فارسي لفظ جي ٻي معنيٰ پيچ داءُ ڏنگ ونگ ۽ ور وڪڙ بہ آهي.جيڪي زلفن جي بند ڪي عاشقن لاءِ ڪمند سڏيو آهي اهڙيءَ طرح زندان لفظ بہ ائين آهي تہ انهيءَ پريت جي پڪي پيچ ۾ڪيئي عاشق صادق جڪڙيل ۽ سوگها آهن يعني زندان ۾ آهن.

حاصل مطلب تہ انهيءَ شعر ۾ ڪي بہ علمي موشگافيون نہ آهن. اهو مولانا ضِيائي صاحب جو پنهنجو خيال آهي جو ڇڪي تاڻي وجي پنهنجي تاويل ڪئي اٿائين. حالانڪ ضيائي صاحب عربي

فارسي ۽ سنڌي زبانن جو وڏو عالم،شاعر ۽ علم عروض کان بہ پليءَ پٽ واقف هو ليڪن سندس ذهن زلف جي ڪمند کي بند سمجهڻ ۾ ٻئي پاسي هليو ويو آهي.

ساڳئي تتبع تي پير سيد ابو صالح شاهہ جيلاني پڻ ساڳي ڳالهہ ڪئي آهي. چوي ٿو”تنهنجي زلف جي پيچ اسير ڪيا“ خود مولانا ضِيائي حضرت مولانا مفتون جي پران پنهنجي ڪافي پڻ چئي آهي ان جي آخري بند ۾ چوي ٿو:

انهيءَ زلف دراز جي دام اندر ٿيا قيد ڪروڙين شام و سحر،

۽ مثل ضيائي خاڪ بسر، پريشان هزارين مان نہ رڳو.

هاڻي سندس انهيءَ بند جي لفظ دام تي راقم الحروف کي بہ اعتراض آهي (دام) لفظ جي معنيٰ آهي* پکين کي ڦاسائڻ لاءِ چوڻ وجهڻ، جاراڏڻ جار ۾ ڦاسائڻ، حرفت ۽ دوکي سان شڪار ڪرڻ ناحق بند ڪرڻ دام ۾ڦاسائڻ جو اصطلاح سنڌي ٻوليءَ ۾مٿين معنيٰ ۾ ئي استعمال ڪجي ٿو تہ پوءِ چا محبوب حقيقي جو حسن و جمال ۽ زلف مبارڪ عاشق صادق کي ڪوڙو ڏيک ڏيئي يا مجازي موهي پاڻ ڏانهن ڇڪين تا جو هو ويچارو ناحق ۽ اجايو انهيءَ جار يا قيد ۾ ڦاسي پوي ٿو.

مولانا ضيائي صاحب جي شعر جي معنيٰ بہ هتي سندس مقرر ڪيل اصول موجب ساڳي بيهي ٿي. جيڪا پاڻ سائين بزرگ همايوني صاحب لاءِ لاڳو ڪئي اٿائين. بلڪ ائين نہ آهي سندس حاصل مطلب هي آهي،

يعني اي محبوب! تنهنجي انهن سهڻن ڏنگن يعني ور وڪڙن وارن مبارڪن مون کي اهڙو تہ چار ۾ ڦاسايو آهي جو انهيءَ بند ۾ (دام ۾ ) چار ۾ ڪروڙين عاشق ويچارا قيد آهن يعني ڦاٿل آهن هتي دام مان ٻي معنيٰ بند بہ نڪري ٿي تہ پوءِ ائين چئي سگهبو تہ محبوب جي زلفنمبارڪن جا جيڪي قيدي آهن سي ناحق بند ۾ آهن. هر گز نہ.

غلام محمد شاهہ گدا جنهن کي سنڌي غزل جي بادشاه شاعر مير عبدالحسين خان سانگي پنهنجو استاد سڏيو آهي. ان جي هڪ غزل جي مصرع آهي.

اها ئي آرزو منهنجي اها ئي اشتياق آهي،

ڪريان آءٌ طوق گردن جو سنڌءِ زلف مسلسل کي

زلف مسلسل پيچيده زلف جيڪي محبوب جي ڳلن ۽ گردن تي پون ٿا انهن کي شاعر ڳچيءَ جو هار سڏي ٿو. جنهن کي گلوبند بہ چوندا آهن. محبوب جي خمدار زلفن مبارڪن جو ذڪر سپورنج سگهڙن کان وٺي عروض توڙي صوفي شاعرن پنهنجي پنهنجي ڪلام ۾ نهايت اعليٰ پيرايي ۾ ڪيو آهي. پر بزرگ علامہ مفتون همايوني جي هن بند ۾ جيڪا ڪشش بيان جي سگهہ ۽ قدرت آهي. اها سندس ئي حصي ۾ آئي اهي. محترم الطاف آثيم صاحب سابق ايڊيشنل ڊائريڪٽر سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور راقم الحروف کي نياز همايوني جي حوالي سان ٻڌايو تہ سندس (ناز همايوني جو) والد ٻڌائندو هو تہ اها ڪافي بزرگ همايوني صاحب بہ جهونگاريندا هئا. ان وقت سندن اکين مان ڳوڙهن جون قطارون وهي نڪرنديون هيون.

حقيقت هيءَ آهي تہ اسان جي مڙني شاعرن نعت شريف جي سيني لوازمات جو ادب ۽ احترام ملحوظ رکيوآهي ۽ پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. تشبيهون استعارا ۽ محاورا با مقصد بيان ڪيا آهن. هن مجموعي ۾ جن بہ شاعرن جو ڪلام آيو آهي. انهن مان اڪثر شاعر تہ وڏا عالم فاضل عربي فارسي ۽ سنڌي جا بلند پايہ شاعر آهن. هر هڪ جي شاعريءَ ۾ پنهنجو پنهنجو رس ۽ چس آهي. حاصل مطلب تہ بزرگ مفتون صاحب جي انهيءَ ڪافيءَ ۾ لفظن جي جڙاوت لفظن جو صحيح انتخاب

بندش توڙي بيان جو انداز مولانا صاحب جهڙو عارف ڪامل ۽ با ڪمال شاعر ئي ادا ڪري سگهي ٿو. هيءُ ڪلام سنڌي نعتيہ شاعريءَ منفرد ۽ اعليٰ مقام رکي ٿو. جو ڪو بہ شاعر مولانا صاحب جهڙو خيال پيش نہ ڪري سگهيو آهي. حق اهو آهي تہ ڪلام جي لفظي ۽ معنوي دلڪشي فڪر جي صحت تخيل جي بلندي ۽ انداز بيان جي ڪمال جي لحاظ کان هيءُ ڪلام پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

سيني شاعرن سرڪارِ دو عالم ﷺ جن جي شان ۾ مدح سرائي ڪندي پنهنجي علم ۽ ادراڪ جي ڪوتاهيءَ جو اعتراف ڪيو آهي ڇاڪاڻ تہ سندن ﷺ واصف خود رحمان آهي تہ پوءِ عاجز انسان سندن شان مبارڪ ڇا بيان ڪري سگهندو جنهن جو شان ورفعنا لک ذکرک آهي. بس هر هڪ پنهنجي فهم ۽فراست موجب مٿيءَ آهر هوڪو ڏنو آهي

بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر.

## بزرگ مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ جي شاهڪار ڪافي

هيءُ ڪلام عابده پروين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان رڪارڊ ڪرايو جيڪو سندس آواز ۾ پهريون رڪارڊ ڪيل ڪلام هو.هن ڪلام عابده پروين جي شهرت کي آسمان جي بلنديءَ تي پهچائي ڇڏيو. عابده پروين کان اڳ اهو ڪلام سوناخان بلوچ رڪارڊ ڪرايو هو پوءِ ڪجهه ٻين فنڪارن به ڳايو:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا زندان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي شاهي دستر خوان مٿي مهمان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي گهايل تنهنجي گهور سندا، مخمور غفور سرور سندا،
تنهنجي نور ظهور حضور سندا نگران هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا ڪيئي ناز مزيد مريد ڪيا،
ريءَ ناڻي ديد خريد ڪيا سلطان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي جلوي جمال جي عشوه گري ڪيا ملڪ مطيع وسيع وري
ڇا جن ملائڪ حور و پري غلمان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي نوڪر چاڪر ۽ اڪبر ڪيئي خادم خاقان هن نوڪر
سوين در تي دارا ۽ سڪندر دربان هزارين مان نہ رڳو.

اي ماه لقا محبوب مٺا تنهنجي ناز ادا تان جان فدا،
ٿيا دستگير امير گدا حيران هزارين مان نہ رڳو.

دلبر پيارا ڪر نور نظر تون تہ سرور عالم جن و بشر،
توتان "مفتون" تارا شمس و قمر قربان هزارين مان نہ رڳو.

## مختلف شاعرن جو تتبع

نوٽ جن شاعرن جي نالن اڳيان* نشان ڏنل آهي انهن شاعرن جو ڪلام پهريون دفعوهن مجموعي ۾ شامل آهي. اڳ شايع ٿيل ڪنهن به ڪتاب ۾ انهن جو ذڪر ڪونه ٿو ملي. اڪثر شاعرن جي ترتيب جنم جي سال مطابق رکي وئي آهي.

### • مولوي عبدالقادر عبدي

مولوي عبدالقادر عبدي سولنگي جو جنم 1846ع ۾ پنوعاقل جي مشهور ڳوٺ پنهواريءَ ۾ ٿيو. مولوي عبدالقادر پهريان چڪ جي شهر تعلقي لکي ۾ مولوي عبدالله وٽ پڑهيو پوءِ پنهواري جي وڏي عالم مولانا عبدالقادر انڍڙ وٽ تڪميل ڪيائين. درگاه پير ڳوٺ شريف جي پير سائين پاڳاري جناب حزب الله شاه تخت ڌڻي ڪان ذڪر ورتائين ۽ اتي ئي رهي پيو درگاه شريف جي مسجد جوپيش امام ٿيوپير سائين جن جي ارشاد موجب جماعت جي تنظيم لاءِ سڄي جماعت کي ٻارهن چونڪين ۾ قائم ڪيائين ۽ پاڻ گمهه چونڪيءَ جو پهريون مک اڳواڻ ٿيو ڪيس شاعريءَ جو شوق پيو سائين حزب الله شاه جن جي صحبت مان جاڳيو عبدي عالم شاعر آهي شعر ۾ عربي اصطلاح ۽ الفاظ سهڻي نموني ڪم آندا اٿائين فارسيءَ ۾ به سندس ديوان عبدي قلمي صورت ۾ موجود آهي سنڌي عبدي جو رسالو تحقيق ۽ ترتيب لياقت جوڻيجو خليفو عبدالحي جوڻيجو ميموريل ڪاميٽي عمر ڪوٽ پاران سال 2010 ع ۾ ڇپجي چڪو آهي مولانا صاحب 10 اگسٽ 1909ع تي وفات ڪري ويو. درگاه شريف جي قبرستان ماڪن شاه ۾ آرامي آهي.

منجهه عشق تنهنجي محبوب منا نالان هزارين آئون نه هڪو،
سي تيغ بره تو ڪيئي ڪنا غلطان هزارين آئون نه هڪو.
ڪئي چمن حسن اج گلزاري ٿيا بلبل نالان چوڏاري،
ڪئي ذات صفت ۾ اظهاري گردان هزارين آئون نه هڪو
ڪيو شمس شعاع ميان مظهر ڪئي نورتجلي منجهه گهر گهر،
بر شمع حسن تو اي دلبر پروان هزارين آئون نه هڪو.
منجهه درد فراق تنهنجي دلبر شب روز ڦرنڊڙ بحر و بر،
لک مجنون جهڙا ليلي پر ديوان هزارين آئون نه هڪو.
بر حسن حقيقي تو منور، اي پارس پير مغان پرور،
لک ڪهندا ارني شام و سحر مستان هزارين آئون نه هڪو.
منجهه نور تجلي روئي تو لک مست ٿيا ڏانهن بوئي تو،
سو غلطان اندر ڪوئي تو جو شان هزارين آئون نه هڪو.
سين مهر ملو اي منثار ڪر غور غريب جو غمخوارا،
شب روز وصل تو دلدارا جوبان هزارين آئون نه هڪو.
منهن منور محب لڪائين چو هن سڪندي کي تون سڪائين چو،
هن دردي کي تون ڏڪائين چو خواهان هزارين آئون نه هڪو.
گهنڊ ڪول حبيبان منهن ڏيکا تون وارث وهلو منهن ويڪا،
تون درسن دلبر اج ديکا قربان هزارين آئون نه هڪو.
لا غرضي اهڙي يار نه ڪر، سر پنهنجي خون هزار نه ڏر،
اج قتل ڪيا تو ساڻ خنجر،هزارين آئون نه هڪو.
منجهه سوز گداا مثل ”عبدي“ لک عريان عاشق اي احدي،
بر بي پروا در تو صمدي گريان هزارين آئون نه هڪو.
( عبدي جو رسالو محترم مجاهد سولنگي جي ٿورن سان)

# مير علي نواز علوي شڪارپوري

مير علي نواز علوي 1270ھ مطابق 1853ع شڪارپور شهر ۾ تولد ٿيو متس نالو پنهنجي ڏاڏي مير حفظ الله جو رکيو ويو پرپيار وچان ڪيس علينواز سڏيندا هئا.مير علي نواز جي والد جو نالو فخر الدين علوي هو.ميرعلي نواز ٽي شاديون پر ڪيس نرينه اولاد ڪونه ٿيو.مير صاحب هڪ وڏو حڪيم به هو. پاڻ منصف مزاج ۽ فياض طبيعت جو مالڪ هو.جيد عالم محقق حڪيمن جي صف ۾ مسيح الزمان ۽ شعر و سخن جي ميدان۾ استاد العمراء هو. پاڻ شڪارپور ميونسپالٽي جو وائيس پريزيڊنٽ به ٿي رهيو. مير صاحب 1338ھ مطابق 1920ع ۾ 68 سالن ي عمر ۾ وفات ڪري ويو. هيءُ ڪلام فقير عبدالغفور مرحوم ڳايو آهي.

تنهنجي حسن سچڻ حيران ڪيا، انسان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي شان برابر شاهه نه ڪو، تنهنجي سونهن سندو مٽ ماه نه ڪو،
تنهنجي خيال کان خالي ساه نه ڪو خواهان هزارين مان نه رڳو.

قرآن سراسر شان تنهنجو آهي واصف خود رحمان تنهنجو،
ٻيو ڪهڙو ڪري ته بيان تنهنجو حيران هزارين مان نه رڳو.

ٻڌا جاني جن ڪلام تنهنجا ڪن سهسين سڪ مان سلام تنهنجا،
ٿيا حلقه بگوش غلام تنهنجا سلطان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجا مادح ميڪائيل جهڙا، ڪيي عاشق اسرافيل جهڙا،
تنهنجي در تي جبرائيل جهڙا، دربان هزارين مان نه رڳو.

توتان پاڻ فدا ڪن شاه و گدا، ريءَ ناٽي ٻانها ٻول ٻڌا،
ٿيا خادم تنهنجي خلق سندا، خاقان هزارين مان نه رڳو.

ناهي ”علوي“ هڪ مفتون تنهنجو آهي عالم سڀ ممنون تنهنجو،
ٿيو جاني جڳ مرهون تنهنجو قربان هزارين مان نه رڳو.

# مولانا تاج محمود امروٽي

مولانا تاج محمود امروٽي ولد عبدالقادر عرف پورل شاھ جي ولادت خيرپور ضلعي جي پريالوءِ شهر ويجهو هڪ ننڍڙي ڳوٺ ديواني ۾ ٿي. سندن ولادت جي تاريخ بابت پڪيءَ طرح سان معلوم نہ آهي. ڪن روايتن موجب سندن تولد 1857_58ع ڌاري ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب پڙهيا. عربي علوم جي تحصيل لاءِ مولانا عبدالقادر انڍڙ وٽ پنهواريءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيا جتي فراغت حاصل ڪيائون. روحاني فيض لاءِ قادري سلسلي جي بزرگ حضرت حافظ محمد صديق پرچونڊي شريف واري جي هٿ تي بيعت ڪيائون.سندن ارشاد موجب امروٽ ضلعي شڪارپور ۾ اچي مدرسو کوليائون. ڪيترائي غير مسلم سندن هٿ تي مسلمان ٿيا. مسجدن جي شهيد ٿيڻ جي سلسلي ۾ انگريز سرڪار سان مهاڏو اٽڪايائون. قران شريف جو نثر ۾ بامحاوره سنڌي ترجمو بہ ڪيائون. مولانا صاحب جي ٺاهيل مثنوي يوسف زليخا عرف پريت نامو سنڌي موزون شاعريءَ ۾ هڪ بيش بها اضافو آهي. سندن شاعريءَ جو مجموعو عرفان امروٽي ڇپجي چڪو آهي. ڪين هڪ پٽ حسن شاھ نالي هو جيڪو ننڍپڻ وفات ڪر ويو جنهن سبب شعر ۾ پننهنجي پٽ حسن جو نالو تخلص طور اختيار اٿائون پاڻ 5 نومبر1929ع تي برقعو مٿايائون سندن درگاھ امروٽ شريف ۾ آهي.

تنهنجي جلوي جوت جمال مٺا موهيا خان لکين هڪ مان نہ رڳو،
تنهنجي نيڻ ناز ڪمال ڪيا حيران لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي محبت۾ مخمور وتن، درس ڏيان ڇڏي ديوانا ٿرن،
مجنون وانگي مستان ٿرن صنعان لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي عشق اتاريا خيال فڪر، سنسار سندي سامان ڪنان،
جند جان جٺو مڏيون مال سڄو قربان لکين هڪ مان نہ رڳو.

لکين لوڪ لقا جي لاءِ ڪنا، مشتاق ملڻ جي ڪاڻ مٺا،
جن ملڪ فلڪ حيوان سيئي انسان هزارين مان نہ رڳو.

جڏهن ذات اوهان جي ظهور ڪيو، هر مظهر ڪي پر نور ڪيو،
تڏهن عشق مونکي مخمور ڪيو پڙهن سبحان لکين هڪ مان نہ رڳو.

ويس صورت جي واھ واھ مٺا ماريون ٻڙڇيون برھ جون ڪان ڇٽا،
سوين سرواهين سوز جي آهن ڪٺا مرد ميدان لکين هڪ مان نہ رڳو.

جڏهن پرتئون پيچ "حسن" ڪي پيو. تڏهن محب ڪٺي من قيد ڪيو،
ويو هوش عقل اي عشق ويو ڪيا پريشان لکين هڪ مان نہ رڳو.

# ٻيدل فقير

ٻيدل يا ٻيڙو فقير عبدالواسع انڙ جي گهر شهيد الھ بخش اسٽيشن (لوڊرا) کان چار ڪلوميٽر اوڀر تي چوٿي شاخ جي ساڄي ڪپ سان بخشي انڙ جي ڳوٺ ۾ (هيئنر درگاھ ٻيدل فقير) 1865ع تي تولد ٿيو. هڪ روايت موجب سندس ولادت جو سال 57_1856ع بيهجي ٿو فقير ظاهري علم حاصل ڪونہ ڪيو ۽ ننڍي هوندي کان مال چارڻ شروع ڪيو پيرڳوٺ جي گادي نشين پير سائين پاڳاري پير حزب الله شاھ راشدي تخت ڌڻي جو دست بيعت ٿيو. فقير صاحب سنڌي ۽ سرائيڪي زبانن جو وڏو شاعر هو. شاعريءَ ۾ ٻيو ٻيدل ۽ ٻيڙو فقير ٿيئي نالا ڪم آندائين سندس همعصرن ۾ سيد رکيل شاھ درگاھ فتح پوري مولوي قادر بخش گولو صحبت پور بلوچستان ۽ مولانا عبدالغفور مفتون همايوني مشهور آهن. فقير صاحب 27 شعبان 1358ھ مطابق 12 اڪٽوبر 1939ع تي خميس جي ڏينهن وفات ڪئي پنهنجي مٿئين ڳوٺ ۾ درگاھ اٿس. جتي هر سال 26 27 ۽ 28 مارچ تي ميلو لڳندو آهي.

تنهنجي اکڙين جي اسرار حيران ڪيا

پير پغمبر شاھ سڪندر ڪلنگي دار موهي مستان ڪيا

انهن ڪجلين ڪيئي گهايا ابروءَ جي جهلڪار ڏتاري ديوان ڪيا

عشق مجني کي بر ۾ بيهاريو ولين ڪيس ولهار گوندر گهمسان ڪيا

عشق ٻيدل تي اوکو اٽانگو درد ڏڏڪار سورن سامان ڪيا

# مولانا حبيب الله شهدادڪوٽي

مولانا حبيب الله شهدادڪوٽي ملتان ضلعي جي ڳوٺ ڳاگن هٿا ۾ مولانا سعد الله اعواڻ جي گهر ۾ 21 فيبروري1869ع ۾ سومر جي ڏينهن ڄائو.شروعاتي تعليم پنهنجي والد وٽ حاصل ڪيائين وڌيڪ تعليم مدرسي ڳوٺ شاه همال تعلقو ديري غازي خان مدرسو ڳوٺ جهگڙ تعلقو جام پور ۽مدرسو ڳوٺ جهوڪ اتراهه ۾ مولانا فيض محمد مولانا محمد رمضان ۽ مولانا محمد مناظر کان حاصل ڪئي 1698ع ۾ درس نظامي کان فارغ ٿيو. مولانا مرحوم 1910ع پنجاب کي ڇڏي سنڌ جي شڪارپور تعلقي جي ڳوٺ ميان جي ڳوٺ کي سڪونت اختيار ڪئي سال 1927ع ۾ ميان جي ڳوٺ کي ڇڏي شهدادڪوٽ ۾ رهڻ لڳا. جتي درگاه صديقيه تي درس جو ڪم ڪندو رهيو ۽ درگاه شريف جي مسجد شريف ۾ جمعي جي خطابت به سرانجام ڏيندو رهيو. مولانا سڄي عمر شادي ڪانه ڪئي.مولانا پنهنجي آخري ڏينهن ۾ پنهنجي ڳوٺ ڳاگن منا موجوده ضلعو لوڌران ۾ جنوري 1992ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس اباڻي قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو سندس جنازي مولانا محمد يوسف ڪوسي پڙهائي.

تنهنجي حسن جي نظر عنايت سان ويران ٿيا معمور سوين،
درويش ٿيا سلطان سوين سلطان ٿيا مزدور سوين.

اي مرڪز حسن حقيقت نت ڪي پڇندا وتن تا نشان راه
تنهنجي نقشِ قدم ڳوليندا وتن، غلمان هزارين حور سوين.

پنهنجو پاڻ مثال تون نازن ۾ پنهنجو پاڻ نظر نيازن ۾،
تنهنجي خاڪ تي سر بسجود رهن سج چنڊ جيان ڪي نور سوين.

تنهنجي ريگستان جي هر ذري ۾ وادي ايمن مستور ڏٺم،
تنهنجي در و ديوار جي گرد سدا طواف ڪرن تا طور سوين.

هر ذلت کان محفوظ رهن تنهنجي خس خاني جا خاڪ نئين،
هر عزت کان محروم رهيا تنهنجي چائنٺ کان رهي دور سوين.

پر پيچ تنهنجو و منزل آ، سا بند سدا بي ساحل آ،
ائين ٻڏڻ ترڻ جي غوطن ۾، ٻيڙا غرق ٿيا پرپور سوين.

توکان منهن موڙي بي باڪ سوين ڳري خاڪ ۾ ٿي ويا خاڪ سوين،
ڪيئي سر ڦريل مغرور سوين مري ٿي ويا چڪنا چور سوين.

تنهنجي مشڪين خال جا شيدائي، صحراءِ ختن ۾ رلندا وتن،
تنهنجر زلف سياه جا سودائي برباد ٿيا ڪافور سوين.

اي ناقه سور آهسته هلاءِ ڪجهه بيهي پوئتي نهاري ڏس،
ڪيئي پيدل پند "حبيب"جيان رلندا تا اڇن معذور سوين.

# سيد ابو محمد صالح شاھہ جيلاني

پير ابو محمد صالح شاھہ جيلاني جي ولادت سن 1870ع ۾ ٿي. سنڌ جي مشهور درگاه راڻيپور جو پنهنجو والد غلام محي الدين جي وفات کان پوءِ سجاده نشين ٿيو. سنڌ ۽ بلوچستان اندر سندن لا تعداد مريد هئا. سندن درگاه کي دستگير جو دروازو سمجهيو ويندو آهي. پير صاحب شڪار جو شوقين هو. خيرپور جا مير بہ سندس قدردان هئا، پاڻ سياست ۾ بہ رهيوپير صاحب ڪافيءَ جو باڪمال شاعر هو. سندس شاعري سنڌي ۽ سرائڪي ۾ آهي. سندس ڪافين جو مجموعو ساعت ساعت راھہ نهاريان الطاف اثيم صاحب ڇپرايو هو. ڊاڪٽر عطا محمد حامي صاحب سندس وفات جو سن 1935ع ڄاڻايو آهي. جڏهن تہ ڪتاب يادرفتگان ۾ 1943ع درج ٿيل آهي. سندس مزار درگاه جيلانيہ راڻيپور شريف ۾آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. سائين صالح شاه جو هيءُ ڪلام سدا حيات فنڪار خانصاحب استاد منظور علي خان ڳايو آهي.

تنهنجي زلف جي پيچ اسير ڪيا عرفان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي حسن جي تعريف سهڻا سدا جن ملڪ حيوان ڪندا،
تابع تنهنجا شاه وگدا انسان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي محبت دل ۾ دام وڌو قابو ٿئڙس عام ٻڌو،
پيچ پريت جي قيد ڪيو، ملوان هزارين مان نہ رڳو.

ديدار سندءِ لئہ شمس و قمر ٿيا زير زبر ان جي اختر،
حيوان پرنده الڳ دلبر ديوان هزارين مان نہ رڳو.

تنهجي خاڪ قدم تان جان فدا دارا جهڙا در جا گدا،
مفتون "صالح" نيڪ هدي قربان هزارين مان نہ رڳو.

(ساعت ساعت راه نهاريان الطاف اثيم)

# مير علي نواز ناز ٽالپور والي رياست خيرپور

واليءِ رياست خيرپور مير علي نواز ناز تاريخ 9 اگسٽ 1884 تي ڪوٽ ڏيجي ۾ ڄائو وڏي ناز ۽ نعمت سان پليو. انهيءَ موقعي تي وڏا شادمانا ٿيا. سوالين کي دهرا دان مليا ۽ خزانن جا در کلي ويا. عيش ۽ خوشيءَ جون تقريبون مهينن تائين جاري رهيون. مخدوم الهه بخش عباسي عاصي ۽ مولانا شهاب الدين شاهه هالائي وارو سندس خاص استاد هئا. ولايت ۾ ويو ۽ لنڊن ۾ به تعليم حاصل ڪيائين. سڄي يورپ سان گڏ مصر، عراق ۽ ايران جو به سير ڪيائين. سندس والد مير امام بخش خان تاريخ 8 فيبروري 1921ع تي وفات ڪئي. پنجن ڏينهن کان پوءِ ڪيس برادري جي پڳ ٻڌرائي ويئي. جون 1921ع تي سرڪاري طور تي سندس تخت نشيني عمل ۾ آئي. گاديءَ تي ويهڻ شرط رياست ۾ وڏا وڏا سڌارا آندائين. رعايا تان چيڙ جي پراڻي مصيبت معاف ڪيائين. جيئن ته شاعر مزاج جو ماڻهو هو. ان ڪري لاهور جي هڪ ڳائڻي اقبال بيگم عرف بالي سان اک اڙجي ويس. جنهن سان شادي ڪيائين مير صاحب 25 ڊسمبر 1935ع تي وفات ڪري ويو. سندس لاش امانت طور ڪوٽڏيجي جي امام بارگاه رکيو ويو جتان 1937ع ڪربلا معليٰ موڪليو ويو.

توتي جن ملڪ انسان ٿيا حيران هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي اکڙين جا احسان ٿيا جن سورن جا سامان ڏنا،
تنهنجي پنبڙين جي پيڪان ڪيا قربان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي زلفن ڏاڍا زور ڪيا جڻ نانگ بشيهر شور ڪيا،
جن ڏنگ هڻي في الفور ڪيا بيجان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي حسن جا جلوا ڇا چئجن جيڪي تازو تا ايمان ڪرن،
جن تي دم دم تا صلوات پڙهن انسان هزارين مان نه رڳو.

.تنهنجي ”ناز“ گهڻا نروا ڪيا جيڪي تنهنجا تابعدار ٿيا،
تنهنجي نينهن جا نوڪر يار ٿيا سلطان هزارين مان نه رڳو.

( ڪليات ناز، ميرعلي نواز ”ناز“ از ڊاڪٽر عطا محمد حامي)

# مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسيني

حضرت مولانا محمد ابراهيم ولد علامہ محمد هاشم سومرو 1307هه برابر 1889ع ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتائين باقي تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ علامہ محمد قاسم سومرو وٽ پڙهي تحصيل ڪيائين. علامہ مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ جي وفات کان پوءِ سندس ڏوهٽي حضرت ميان عبدالباقي اول جي تعليم لاءِ ڪيس گهرايو ويو. جنهن کي تحصيل ڪرايائون. پنهنجي وڏي ڀاءُ علامہ محمد قاسم ياسينوي جي وفات کان پوءِ مدرسي قاسميہ جو صدر مدرس بڻيو. صدر مدرس جي حيثيت ۾ بہ ڪيتراي عالم فارغ التحصيل ڪيا. پاڻ مدرس هئڻ سان گڏوگڏ ليکڪ شاعر ۽ اديب بہ هو. هن جا ڪافي ڪتاب لکيل آهن. جن مان چار ڪتاب پارسي ۽ هڪ ڪتاب عربي ٻولي ۾ آهن. باقي ست ڪتاب سنڌي آهن. مولانا عبدالغفور مفتون همايوني بزرگ جو ڪلام ديوان مفتون سنڌي ڇپرائڻ جي سعادت سپ کان پهريائين کين نصيب ٿي. جنهن ۾ 118 ڪافيون آهن. پاڻ 12 ڊسمبر 1964ع تي وفات ڪري ويو.

تنهنجي نانءُ مٿان سردار سچا قربان هزارين مان نہ رڳو
تنهنجي محبت ۾ مخمور ٿيا مستان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي در جي مٿان خاقان ڪيئي ۽ ڪسري قيصر خان ڪيئي،
چمي چائنٽ تنهنجو سلام ڪرن، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي سهڻي ميهر مجنون جهڙا، سسئي پنهون هير رانجهن جهڙا،
.تنهنجي برهہ جي درد فراق ڪيا، ديوان هزارين مان نہ رڳو.

اي شاهہ عرب تون رحمت رب دل ساڻ فدا ٿيا تو تان سڀ،
تنهنجو قدر عظيم الشان ڏسي حيران هزارين مان نہ رڳو.

ڇا وصف بيان ڪري سگهندو هي هاشمي ادنيٰ امت جو،
تنهنجي مدح ثنا جي لاءِ ٿيا،حسان هزارين مان نہ رڳو.

( صاحبزاده محمد سالم جان هاشمي نگران مدرسہ قاسميہ ۽ ڪتب خانہ
ڳڙهي ياسين جي ٿورن سان)

# پير محمد معشوق شاهه راشدي

پير محمد معشوق شاهه راشدي قمبر پرسان گنهڙ جو وينل هو. سائين معشوق شاهه جهڙو صورت جو معشوق تهڙو سيرت جو معشوق ۽ تخلص به معشوق هيس. مولانا مفتون همايوني جي انهيءَ ڪلام جي تتبع تي پاڻ به ڪلام ٺاهيائين. جيڪو پڻ مشهور ٿيو پير صاحب سنڌي اردو ۽ فارسي ٻولين جو چڱو ڄاڻوهو. ۽ سٺو حڪيم به هو سندن پيري مريديءَ جو سلسلو هلندڙ هو ڪيس شاعريءَ سان به لڳاءُ هو. مولانا عبداالغفور مفتون همايوني جي تتبع تي سندس چيل ڪلام هيٺ ڏجي ٿو.

تنهنجي حسن مليح خداداد مٽي دلداد هزارين مان نہ رڳو

سو عاشق تنهنجي تصوير ڪيا، لک تابع تنهنجي تحرير ڪيا،
سر خمر تسليم ڪيا استاد هزارين مان نہ رڳو

تنهنجي زلف زنجير گلوگير اندر نخچير ڪثير اسير اندر،
بيدار زنخ هي بير اندر، افتاد هزارين مان نہ رڳو

ڪيا چاڪ فراق بي چاق اجا، منهن ماه لقا جا مشتاق اجا،
ڪن عرب عجم جا عشاق اجا، فرياد هزارين مان نہ رڳو

ڏس ”معشوق“ جي هن حال مٿي جنهن جو جيءُ جانب جمال مٿي،
تنهنجي شيرين محب مقال مٿي، فرهاد هزارين مان نہ رڳو

( سنڌي زبان ۾ نعتيہ شاعري ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)

## آغا غلام النبي)آغا صوفي)

آغا غلام النبي ”صوفي“ ولد آغا گل حسن سيپٽمبر 1889ع ۾ شڪارپور جي دراني قبيلي ۾ پيدا ٿيو،پاڻ مشهور شاعر ڊراما نويس ۽ سچل جو سوانح نگار ٿي گذريو آهي. سندس والد رياست جو نائب وزير هو، پاڻ جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ٿي ڏنائين تڏهن پيپرن جي سوالن جا جواب نثر بدران نظم ۾ ڏنا هئائين. سندس علمي قابليتن ڪي ڏسندي ميرن ڪيس رياست جي تعليمي ادارن جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ مستعفي ٿي لاهور جي طبيه ڪاليج ۾ وڃي داخل ٿيو ۽ اتان سندیافته ٿي شڪارپور ۾ اچي پنهنجو يوناني دواخانو کوليائين شاعريءَ ۾ تخلص پهريائين دراني پوءِ صوفي ڪم آڻڻ لڳو طب تي سندس ڪتاب طبي جواهر سچو شعر ۾ آهي پاڻ درازي درگاه جو مريد هو. سچل سرمست بالي هڪ ضخيم ڪتاب به لکيائين آغا صاحب 19 جولاءِ 1838ع تي وفات ڪري ويو.

تنهنجي زلف سياه خط خال مٿان قربان سوين هڪ مان نه مٿا

ٿا لات پکي ڏينهن رات لنون، تنهنجي ساره ملڪ بملڪ جون،
تنهنجي در تي نادر نات نون ٿا خان سوين هڪ مان نه مٿا

هڪ زلف اوهان جي ماهه لقا، ڪيا خادم خاقان شاه گدا،
تنهنجي در تي دارا دلربا، دربان سوين هڪ مان نه مٿا

تنهنجا عين مثل الماس بئي، سڌ سونهن سندي هر سو ۽ بئي،
تنهنجي الفت جا ٿا ڪن ڪيئي ارمان سوين هڪ مان نه مٿا

ڪيئي محبت ملهه خريد ڪيا، ڪيئي پاڪ پريت پليد ڪيا،
تنهنجي ديدن مست مريد ڪيا، سلطان سوين هڪ مان نه مٿا

ڪئي آه ”آغا“ هي خوب ثنا، وچ هوت اڳيان پره باد صبا،
ڪن صفت اوهان جي صل عليٰ انسان سوين هڪ مان نه مٿا

( سنڌي زبان ۾ نعتيه شاعري ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تان کنيل)

## صوفي محمد بخش قرڙو

صوفي محمد بخش قرڙو ڪافيءَ جو مشهور شاعر ولد ميان علي محمد قرڙو خانواهڻ تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ ۾ 1889ع ڌاري ڄائو. هوش سنڀالڻ ڪان پوءِ فقيري اختياري ڪرڻ وقت تلقين ۽ تربيت وقت جي وڏي بزرگ ۽ عالم مولانا عبدالغفور مفتون همايوني ڪان ورتائين 22ذوالقعد 1371هه مطابق 14 اگسٽ 1952ع ۾ وفات ڪيائين.

تنهنجي تاب حسن بي دست ڪيا، نگهوسار هزارين مان نہ رڳو

ڪئي جن جان فدا مئگون مدا دن رين مدا نئين نينهن وڌا
تيا فوج حسن ۾ شاه و گدا نروار هزارين مان نہ رڳو

تيا پار لقا ۾ محبوب مُڪا سي ڪين لڪا،
آيا عشق ۾ پيالا پي تہ چُڪا،لڪوار هزارين مان نہ رڳو

"محمد" ڪيئي مخمور تيا، منصور مڙيي مسرور تيا
تنهنجي نور ظهور ۾ جُور تيا، سردار هزارين مان نہ رڳو

( امواج محمدي ڪلام ۽ سوانح عمري صوفي محمد فقير قرڙو ياڱو
پهريون تان ورتل (محمد عثمان چنيهاڻي لئبريري جي مالڪ جي ٿورن سان)

# فقير امید علي دلگير

فقير امید علي دلگير جي ولادت 1890ع ڏاري روهڙي ۾ ٿي، تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڊڪ منشي ٿيو. نوڪريءَ دوران پير ڳوٺ ڪنڌرا صالح پٽ ۾ قيام ڪيائين پوءِ نوڪري ڇڏي بکر باقر شاھ جي قبر جي پرسان شيخ احمد جي مزار تي اچي وينو ۽ متولي بڻيو. روحاني فيض سخي قبول محمد ثاني کان مليس.مرشد جي ديدار لاءِ اڪثر درازن ويندو هو. سردارمحمد بخش ڪوجهي ڪيس گهڻو پيائيندوهو. ورهاڱي کان اڳ ڪيس هندستان جي سير تي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. سندس ئي صحبت ۾ شاعريءَ جو شوق ٿيس. پاڻ شاعر هئڻ سا گڏ موسيقي جو ماهر ۽ سنو ڳائڻو بہ هو،ڪڏهن ڪڏهن ڪوجهي سان گڏ بہ ڳائيندو هو.سال 1936ع ۾ طب جي ڊگري حاصل ڪيائين. سندس هٿ لکيل بياض ۾ ڪنڊڙي جي ڪلتار ۽ ٻين صوفين جو ڪلام موجود آهي.جيڪو هن 1920ع ۾ لکيو. فقير صاحب 2 ڊسمبر 1956ع ۾ پيالو ڪيو ۽ روهڙيءَ جي عيدگاہ واري قبرستان ۾ دفن ٿيو.

تنهنجي ديد سڄڻ خريد ڪيا سلطان هزارين مان نہ رڳو

نينهن جا نيزا روز نوان، مون ڪاهيو اچن ٿا سيني سنوارن،
ڪريو مهر جي بخشش مون تي اوهان قربان هزارين مان نہ رڳو

وجان آءٌ سخي ڏاتار ڏي هاٽي هلي، ڪندو مرشد منهنجي پاٽهي پلي،
اوسر تاج صاحب آهي ٻلي،انسان هزارين مان نہ رڳو

روز رڙان تي راڙو ڪري ويو دلڙي ڪسي يہ ڏاڙو ڪري،
من محب اچي مون لاڙو ڪري، حيران هزارين مان نہ رڳو

لڪي نينهن ڳنڍڻ آ اوڪو ادا. "دلگير" جيها اتي ڪيئي گدا،
اچي يار بره مون باري وڏا، ديوان هزارين مان نہ رڳو

(سر مست 14 ص 84_85 1994ع سخي قبول محمد ثاني جي سلسلي جا
شاعر ڊاڪٽر نواز علي شوق)

# محمد بخش واصف

محمد بخش واصف ولد محمدعثمان لوهار ڊسمبر 1892ع پنهنجي ناناڻڪي ڳوٺ راضي جتوئي تعلقي دولت پور صفن ضلعي نوابشاهه ۾ پيدا ٿيو.پاڻ هڪ استاد شاعر، خطاط ڪاتب ۽ مصور به هو. نه سخن سنج سخن فهم ۽ نقاد به هو سندس والد حيدرآباد جو رهاڪو هو. ان ڪري سندس ابتدائي تعليم ۽ پرورش حيدرآباد ۾ ٿي. پاڻ اديب عالم ۽ اديب فاضل هو. سنن زبانن يعني عربي فارسي سنڌي هندي سنسڪرت اردو ۽ انگريزي تي مهارت رکندو هو. 1911ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. شاعريءَ ۾ سندس استاد فقير محمد عاجز ۽ تخلص واصف هئس. پاڻ وطن دوست ۽ درد دل رکندڙ قومي شاعر هو. مشاعرن جو مور هو. صاحب تصانيف هو. 24 نوبر 1952ع تي وفات ڪيائين.

تنهنجي نيڻ نظر ڪري ناز ڪيا،مستان هزارين مان نه رڳو
انهيءَ ابروجي تکي تاب ڪيا، قربان هزارين مان نه رڳو

تنهنجا زلف اچيو ڪن قيد دليون وجهيو دام هٽن ڏاڍيون ڏنگيون،
گهٽي ڪاڪل ڪيا سيئي يار گهٽيون زندان هزارين مان نه رڳو

عارض جا هي انوار ٿيا، پڇي يار پتنگ نثار ٿيا،
اتي عاشق ڏس صدبار ٿيا، بريان هزارين مان نه رڳو

تنهنجو ماه منور نور فشان، خورشيد ڪيا ڪيئي زرد نشان،
انهيءَ ماه ملاحت دار مٿان حيران هزارين مان نه رڳو

تنهنجي حسن جڏهن ڪئي جلوه گري شيدا شوق ڪنان ٿيا حور پري،
وڌا ناز نشي جاني يار وري، جولان هزارين مان نه رڳو

ڪيئي دارا سندءِ دربان ٿيا خدام لکي خاقان ٿيا.
تنهنجي شان ڪنان جي شان ٿيا، ذي شان هزارين مان نه رڳو

لکين دوست ري اڄ بي تاب ڏسان، سوين سوز جگر ۾ ڪباب ڏسان،
لکين "واصف" بي خور و خراب ڏسان گريان هزارين مان نه رڳو

( ماهوار نئين زندگي مئي جون 1999ع محبوب اختر پناڻ)

# مولوي غلام الرسول جتوئي

مولوي غلام الرسول ولد بهاول خان جتوئي سن 1897ع ۾ ڳوٺ محرابپور تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي پيدا ٿيو پاڻ جيد عالم خطيب فاضل اديب ۽ مولود گو شاعر هو. پاڻ زميندار بہ هو وڏي رقم خير جي ڪمن ۾ صرف ڪندوهو. پنهنجي ڳوٺ ۾ديني درسگاه بہ قائم ڪيائين.مدرسي سان گڏ مسجد بہ ٺهرايائين مولوي صاحب ڪي پاڻ ڪريمن ﷺ جن سان بيحد محبت ۽ عشق هو. مولوي صاحب اسلامي مسئلا سمجهائڻ لاءِ نثر ۽ نظم ۾ خطبا بہ جوڙيا. جيڪي اڄ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جمعي ۽ عيد وارن ڏهاڙن تي مسجدن ۽ عيد گاهن ۾ پڙهيا وڃن ٿا. ڪيس شعر و شاعري سان بہ لڳاءُ هو. مولود مدح ۽ مناقبن جي صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين سندس ڪتابن ۾ديوان جتوئي گلش جتوئي جذبات جتوئي مولود جتوئي ۽ خطبات جتوئي وغيره شامل آهن مولوي صاحب 1957ع ۾ وفات ڪئي.

تنهنجي حسن صبيح متان حيران هزارين مان نہ رڳو
پير پيغمبر شاه و گدا قربان حيران هزارين مان نہ رڳو

تون نور خدا جو آهين عڪس تون آهين سراپا نور سندس،
ڏسي توکي ويا ٿي ڪئين بيوس، انسان حيران هزارين مان نہ رڳو

حسن تنهنجي جي هڪڙي جهلڪ ڏينهن رات قرن پريشان فلڪ،
حورون ديو پريون ۽ جن ملڪ مستان حيران هزارين مان نہ رڳو

ڏسي توکي ٿي شرمندي بجلي، جهلي ڪير سگهي تنهنجي تجلي،
ڪئين پتنگ مثل ويا جوان جلي، خود خان حيران هزارين مان نہ رڳو

تنهنجو شان وڏو ڪيو آهي خدا، توتئون ساري خدائي آه فدا،
تنهنجي در جا "غلام رسول" سدا سلطان هزارين مان نہ رڳو
(مولود ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

# مولانا عبدالرحمان ضيائي

مولانا عبدالرحمان ضيائي پٽافي 1318هه جي صفر مهيني 1899ع ۾ ڳوٺ مولوي بهائي تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلعو سکر (هن وقت ضلعو گهوٽڪي) ۾ ڄائو. پنهنجي والد جو نالو ڇهون نمبر پٽ هو. سندس والد فارسي زبان جو وڏو شاعر هو جو سنڌ جو سعدي سڏجي ٿو. مولانا ضيائي قرآن پاڪ جي تعليم پنهنجي والده کان ورتي عربيءَ جا شروعاتي ڪتاب پنهنجي والد وٽ پڙهيو. والد جي پيرسني ۽ ضعف بصارت سبب مختلف مدرسن ۾ پڙهيو. پنهنجي وقت جي وڏي عالم مولانا عبدالڪريم ڪور سليمان واري وٽ پڙهيو. مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽو ۽ مولانا محمد ابراهيم ڪارڙن وارو سندس هم درس هئا. آخر ۾ مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسينيءَ وٽ فراغت لڌائين.تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي تدريس جو ڪم ڪرڻ لڳو پوءِ هالا وڃي مخدوم طالب المولىٰ صاحب جي فرزندن کي فارسي ۽ علم عروض سيکاريندو هو.مولانا صاحب فارسي ۽ سنڌي زبانن جو اعلىٰ پايي جو شاعر هو. علم عروض بابت فارسيءَ ۾ روائج العروض شرح ادر العروض نالي ڪتاب لکيائين ۽ ٻيو ڪتاب قافيي تي القول الڪافي في شرح تذڪره القوافي آهي. مولانا صاحب 18 فيبروري 1977ع تي وفات ڪري ويو. هن جي وفات محمد عمر چشم واري بزرگ جي نقشبندي سلسلي ۾ مريد ٿيو.

تنهنجي برهه جي باهه آڙاهه ڪيا، سوزان هزارين مان نه رڳو

ڪي علم اصول سندا عالم، ڪي حڪم هلائيندڙ حاڪم،
تنهنجي تهه دل سان سڀ ٿيا خادم سلطان هزارين مان نه رڳو

ڪيئي مرد مجاهد اهل صفا،ڪي رندي رمز جا راهنما،
سوين قرب جي قيد ۾ قابو ٿيا،انسان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي مدح ۾ محب منا، منهنجا ٿيا محو مدامي شام و گدا،
ڪن باغن ۾ بلبل مدح سندا اعلان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي حسن جي هاڪ تمام مٿي ۽ لطف لياقت علم مٿي،
ڪيئي ڪامل تنهنجي ڪلام مٿي قربان هزارين مان نه رڳو

انهيءَ زلف دراز جي دام اندر، ٿيا قيد ڪروڙين شام و سحر،
۽ مثل ”ضيائي“ خاڪ پريشان هزارين مان نه رڳو

# مولانا عبدالله عبد چانڊيو

مولانا عبدالله چانڊيو 19 فبروري 1902ع تي ڳوٺ ملان چانڊيي ۾ غلام حيدر جي گهر تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ڄائو. سنڌي فائنل جو امتحان به پاس ڪيل هوس. مختلف عالمن وٽان ديني تعليم حاصل ڪيائين نامور عالم خوش محمد ميروخاني جو به شاگرد رهيو مولانا عبدالڪريم ڪورائي (ڪور سليمان واري) وٽ ست سال پڙهيو. جتي عالم غلام مصطفيٰ قاسمي به علامه ڪورائي وٽ پڙهندو هو پران جا سبق مولانا عبدالله چانڊئي کان هيٺ هئا. مولوي چانڊيو وڌيڪ تعليم لاءِ ديوبند ويو سال 1932ع ۾ ديوبند ٽي مهينا رهيو اتي سڪون نه آيس ۽ واپس اچي پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ 1935ع ۾ دستار ٻڌائين.مولانا ڪي علم الڪلام ۽ منطق تي ملڪو حاصل هو. مولانا عبدالڪريم قريشي ٻير وارو قاري امير الدين ملڪ، مولانا علي احمد حقاني مولانا محمد شاه امروٽي وغيره سندس نامور شاگرد هئا. مولانا صاحب جا ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيل آهن. ڪيس ٽن پٽن جو اولاد ٿيو عبدالحميد عبدالمجيد(سرڪش سنڌي) ۽ عبدالرشيد مولانا صاحب 11 اپريل 1984ع تي وفات ڪري ويو.

تنهنجي حسن جي جوت جمال ڪيا، حيران هزارين مان نه رڳو،
تنهنجي مشعل منهن تي مست سدا، پروان هزارين مان نه رڳو،

تنهنجي ابرو تيغ شهيد ڪيا تنهنجي ناز نگاه مريد ڪيا،
تنهنجي ديد خريد مزيد ڪيا، انسان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي زلف زنجير اسير ڪيا، نخچير امير وزير ڪيا،
تو تان صدقي پير فقير ٿيا، ۽ جوان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي قامت آڏو سرو نمن ٻيا باس ۽ بان به پيا ٿا جهڪن،
نمي نياز منجهان لڪين قدم چمن سلطان هزارين مان نه رڳو

سدا درد مندن جا درد دکن، ۽ سڪ وارن جا ساه سڪن،
تنهنجي روءِ ڏسڻ لئه راڄ روئن گريان هزارين مان نه رڳو

چانڊيو"عبد" ڪري ڪهڙي صفت ثنا، دل آهي پريشانيءَ ۾ فنا،
نه ڪي پورا پوندا ورق پنا، ثنا خوان هزارين مان نه رڳو

"احمد ساڻ اپار" مولانا عبدالله عبد چانڊيو جي شاعري
(مرتب عبدالسلام چاچڙ)

# لطف الله بدوي

لطف الله ولد حاجي امام بخش خادم بدوي 4 جولاءِ 1904ع تي شڪارپور ۾ پيدا ٿيو.پاڻ بلند پايہ شاعر اعليٰ استاد ۽ اديب ٿي گذريو آهي. سنڌي ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي والد صاحب وٽان حاصل ڪيائين. والد جي وفات سبب تعليم ترڪ ڪري نوڪريءَ جي تلاش ۾ رهيو. سال 1920ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري سنڌي ماستر مقرر ٿيو 1925ع ۾ لائلپور (موجوده فيصل آباد) جي زرعي ڪاليج مان ايگريڪلچرل ٽيچر ڪورس مڪمل ڪري ايگريڪلچرل ماستر مقرر ٿيو. 1958ع ۾ بي اي پاس ڪرڻ ڪانپوءِ گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ۾ سنڌي جو عارضي طر ليڪچرر مقرر ٿيو. آخر مستقل ملازمت ۾ رهي 1958ع تي رٽائر ٿيو شاعريءَ جي شروعات 1920ع کان ”جوڳي“ تخلص سان ڪيائين. بعد ۾ ”لطف“ اختيار ڪيائين. سندس ادبي ڪارنامو تذڪره لطفي ٽن جلدن ۾ آهي. بدوي صاحب 1968ع تي وفات ڪري ويو.

تنهنجي حسن جهان افروز مٿي، حيران هزارين مان نہ رڳو
تنهنجي نقش قدم تي سجده ڪنان،قربان هزارين مان نہ رڳو

تون روز ازل جو راز نهان، تنهنجي نانءُ سندو مشتاق جهان،
تنهنجي قدسي ذات صفات مٿان، هزارين مان نہ رڳو

اي صاحب حسن جميل الشيم، تنهنجي دست ڪرم ۾ لوح و قلم،
تنهنجي لطف سندا ارباب همم، نگران هزارين مان نہ رڳو

تنهنجي ذات جڏهن تي جلوه نما، هر ذري پڙهيو تي صل عليٰ،
هي ارض و سما هي خلق خدا، خواهان هزارين مان نہ رڳو

جي صرف ڪيان هي عمر سڄي تعريف ڪيا مان ڪين وڃي،
هي بحر عميق ۽ فصيح لڄي، غلطان هزارين مان نہ رڳو

هي ذڪر جميل آ ”لطف“ لکيو ،آ هجر ۾ جنهن جو حال ڏکيو،
هي ڪين فقط پروانو ٿيو، مستان هزارين مان نہ رڳو

(سنڌي زبان ۾ نعتيہ شاعري ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)

## غلام علي مخمور (1906_1958ع)

غلام علي مخمور ولد محمد حيات جو تعلق شڪارپور سان هو. ابتدائي تعليم ورنيڪيولر اسڪول نمبر 2 مان حاصل ڪيائين هاءِ اسڪول شڪارپور مان پڙهي پي ڊبليو ڊي ۾ ڊرافتس مين مقرر ٿيو. پوين ڏينهن ۾ شڪاپور ۾ اوور سيئر ٿي رهيو. پاڻ نثرنويس بہ هو. ڪجهہ افسانا بہ لکيائين جيڪي شايع ٿي نہ سگهيا.مخمور صاحب عربي پارسي هندي ۽ انگريزيءَ جو ڄاڻو هو سندس مطالعو وسيع هو. اسلامي تاريخ ثقافت ۽ تصوف جي گهري ڄاڻ هيس. پاڻ سنڌي ڪان علاوه اردو سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ شعر چيواتائين شاعر عطا محمد حامي خيرپوري ۽ مظفر حسين جوش سندس شاگرد هئا.جن ڪانئس شاعريءَ جي باقاعده تربيت حاصل ڪئي هئي.

در تنهنجي گدا ڏينهن رات سدا، سلطان هزارين مان ڇاهيان،
مفتون لکين ڪاڪل تي ٿيا، قربان هزارين مان ڇاهيان.

تون نور منور نر خدا، سلطان زمن محبوب خدا،
هن حسن تجليءَ تيز ڪيا، مستان،هزارين مان ڇاهيان.

محبوب زليخا سان نسبت هو، عڪس تنهنجي تصور جو آ،
هن صورت زيبا خون ڪيا، ارمان هزارين مان ڇاهيان.

آ ڇات لڳي الفت جي جنهين مدهوش سدا ديوان رهن،
حيران هزارين مان ڇاهيان حيران پريشان حال زبون

مخمور ڪيا هڪڙي نگهہ مخمور سوي مخمور رهن
هن صبح مسا هو در پيا، ديوان هزارين مان ڇاهيان.

(شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ص275)

## خليفو محمد دين درسُ

خليفو محمد امين عرف محمد قابل ولد محمد چٽل درس ذات پلي، ڳوٺ سگهه تعلقي ڪپري ۾ تاريخ 9 سيپٽمبر 1907ع تي ڄائو ۽ اڪٽوبر 1957ع تي وفات ڪيائين.

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي در تي ڪيئي اچن ڇڏيو شان مراتب شاهه نمن،
ڇا قيصر ڪسريٰ شاهه هجن، خاقان هزارين مان نه رڳو.

تي عجز اچيو هارون ڪيا، خادم شاهه جهان مامون ٿيا،
تنهنجي در تي عالمگير جها، دربان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي مدح پڙهن ٿا جن و بشر ٿيا آهن ثناگر شمس و قمر،
صلوات پڙهن ٿا حجر و شجر، حيوان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي فلڪ ثنا افلاڪ ڇئي تعريف خداوند پاڪ ڪئي،
شاهد ٿيا لولاڪ ڪهي طاهان هزارين مان نه رڳو.

تون احمد آهين ”ميم“ سوا، تنهنجو علم سڳورو ڪل لوي،
ان هيٺ امير فقير گدا، سلطان هزارين مان نه رڳو.

توکي عبد بشر يئن عام وان، نڪي خالق رب انعام چوان،
ڪل مومن تنهنجا غلام چوان، انسان هزارين مان نه رڳو.

توکان ”درس“ گهريو آهي دان اچي ڏي ڏان لنگهي کي سيد سخي
تنهنجي در تان ويا ايمان وٺي، دانان هزارين مان نه رڳو.

(ڪافيون جلد ٽيون ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ)

## سيد محمد اسحاق شاهہ عرف غلام علي شاهہ نقوي

سيد محمد اسحاق شاهہ عرف غلام علي شاهہ نقوي جو جنم عظيم آباد ۾ ٿيو. پوءِ پاڻ بهاولپور آيو. بعد ۾ ٺل ضلعي شڪارپور ۾ آيو جتان پوءِ شڪارپور ۾ اچي رهيو. سندس پوين مان ڊاڪٽر احمد علي شاهہ ٺل ۾ رهندو هو.سيد محمد اسحاق شاه جي ولادت ۽ وفات جي تاريخ معلوم ناهي اهو بہ پتو ناهي تہ سندس آخري آرامگاه ڪٿي آهي. هي ڪلام احمد خان آصف 1979ع ۾ محترم ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ڪي موڪليو هو. جيڪو سندس هڪ بياض رياض والہ عرف بياض نقوي تان نقل ڪيل هو. ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ڪمال مهرباني بنده راقم ڏانهن ڏياري موڪليو سندس ٿورن سان هو ڪلام هتي ڏجي ٿو.

تنهنجي نور ڪيا معمور مڪان مخمور هزارين مان نہ رڳو

اول ما خلق الله نوري، بي صاف صبوحي جلد ظهوري،
آيا چهرا سهڻا صوري، پر نور هزارين مان نہ رڳو
ڪيو فاتحہ مخفي نام سجن، الحمد رکي هڪ لام بطن
ان احمد تي گلفام چڪن، چڪچور هزارين مان نہ رڳو
منجهہ يثرب آيو پير پري رخ معجز جي پاڪر پهري،
دربار اتي ڪل خلق ڊري، فغفور هزارين مان نہ رڳو
ريحان زلف پر پيچ پيا، تن قرب ڪشالا ڪيچ ڪري،
منجهہ ذوق ذري سرويچ ٿيا، سحرور هزارين مان نہ رڳو
هي "نقوي" غلام غلامن جو ٿيو بلبل رعنا گلبدن جو،
خوش خوان مداحي پنجتن جو مشهور هزارين مان نہ رڳو

ڪلام 2

رخ پاڪ تي مہ ڪنعان ٿيا، مستان هزارين مان نہ رڳو

سر ذات حقاني پاڪ آيا سرتاج رکي لولاڪ آيا،
جبرئيل وٽي بوراق آيا، نازان هزارين مان نہ رڳو
ڇا حور پري جن آدم ٿيا، لک روح قدس جها خادم ٿيا،
دائود سليمان سرخم ٿيا سلطان هزارين مان نہ رڳو
بن دوست نہ بي ڪا بات چون، مني احمد وائي وات چون،
ملڪوت ملڪ صلوات چون، هر آن هزارين مان نہ رڳو
والشمس عجب رخسار ڏسي، والليل مسلسل وار ڏسي،
ٿيا شيفتہ بلبل زار ڏسي ريحان هزارين مان نہ رڳو
نت نيڻ خماري ناز پري،موزون سخن اعجاز ڦري،
مازاغ بصر جانباز ڪري ديوان هزارين مان نہ رڳو
نت "نقوي" چوي مسڪين گدا ڪر مقصد پورا نور هدي
ڪن شوق منجهان قربان فدا، جند جان هزارين مان نہ رڳو

# نواب شاهنواز خان لغاري

نواب شاهنواز خان بن نواب دين محمد خان جو جنم ڳوٺ احمد پور تاج پور ضلعي حيدرآباد ۾ 14 اپريل 1914ع ۾ ٿيو. پرائمري تعليم تاج پور ۾ ئي حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم ڪونہ پرائي سگهيو نندي عمر کان ئي حساس طبيعت ۽ تخليقي ذهن جو مالڪ هو. پاڻ خوش مزاج هو، شاعريءَ ۾ سندس تخلص "خام" آهي. غزل سہ حرفي ڪافي بيت حمد نعت ۽ ٻين صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿائين.

سر تاج سٽي سرشارٿيا، سلطان هزارين مان نہ رڳو،
تو نينهن نشي نروار ڪيا غلطان هزارين مان نہ رڳو،

ٿيومست مگن تو نام ڳنهن، اغيار هجن ڇا يار هجن،
تو پرت سندا پُر پيگ پين، پيمان هزارين مان نہ رڳو،

هي نور ظهور ٿيو جنهن دم ڏسي تاب جهلي ويو طور تنهن دم،
ٿيا حسن حقيقي تي هر دم حيران هزارين مان نہ رڳو،

حب ناز نظارا نينهن ڪيا،ڏسي حسن حبيبي هوش ويا،
تنهنجي درد سي دانهہ دم ۾ ڪيا ديوان هزارين مان نہ رڳو،

جي ديدن سان دوچار ٿيا، تڪا تير تنهين مان پار ويا.
تو برهہ ڪيئي بيمار ڪيا، بيجان هزارين مان نہ رڳو،

جن چاش چکي چاهت جي ذري، رهي ماٺ نہ تن ساعت نہ سري،
تنهنجي تاب طلب ۾ حور و پري غلمان هزارين مان نہ رڳو،

اهي راز تہ رب جليل جا هئا، ڏيان ڏيهہ سندا تمثيل ڪها،
تو در اتي جبرئيل جيها، دربان هزارين مان نہ رڳو،

ڪي نياز مند نوڪر رهيا، ڪي"خام" خاص خريد ٿيا،
تنهنجي ٻانهپ ۾ ڀھڳڻ ٻہ ٻڌا، ٻلوان هزارين مان نہ رڳو،

( ڪتاب تاج پور جي نوابن جو علم و ادب ۾ حصو تان ورتل)

# مخدوم محمد زما "طالب المولیٰ"

حضرت مخدوم محمد زمان تخلص "طالب المولیٰ" ولد مخدوم غلام محمد 4 اڪٽوبر 1919ع تي هالا نوان ۾ پيدا ٿيا. هڪ تاريخ ساز شخصيت هو. ڳڻن جو ڳهير ڪچهريءَ جو مور سنڌي ثقافت جو نمونو روحاني پيشوا سياستدان نامور اديب ۽ اعلي شاعر هو.راڳ جو ماهر ۽ هڪ اعلي انسان هو. مطلب ته پنهنجي ذات ۾ ادارو هو. مخدوم صاحب پنهنجي والد بزرگوار جي وفات کانپوءِ 18 ڊسمبر 1944ع تي مخدوم نوح سرور جي نو لکي گودڙيءَ جو وارث ۽ سروري درگاه جو 17 نمبر سجاده نشين ٿيو. سنڌس خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. آخري دم تائين پاڪستان پيپلز پارٽي جو سينئر وائيس چئرمين رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جو چئرمين ۽ جميعت الشعراء جو روح روان هو. موسيقي جو ماهر هو ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل اٿس. 11 جنوري 1993ع تي وصال ڪري ويو.

محبوب سنڌ مئخاني ۾، مئخوار هزارين مان نہ رڳو،
مستانا ۽ مدهوش ٿيا، هوشيار هزارين مان نہ رڳو.

اخلاق اوهان جي ير آڻي، ڪيئي پنهنجي غلام ڪيا ريءَ ناٽي،
نيا نينهن نهوڙي رب ڄاڻي، مننار هزارين مان نہ رڳو.

ٿي هستيءَ ڪان جن فخر ڪيو، سي قرب اوهان جي قيد ڪيا
پيا پيش گهٽا ڏسي ڏيل ڏيا، سردار هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي شاهہ وڏا ڪنڌ نايو نمن، قدمن تي جبين ٿا روز رکن،
سي چاه منجهان چو ڦير چمن، پيزار هزارين مان نہ رڳو.

محبوب ڪنئي جو هڪڙي نظر، پئي ڪانہ ڪنهين کي ڪابہ خبر،
سي هڪڙي دم ٿي ويا بهتر، بيمار هزارين مان نہ رڳو.

جن ساڻ پرين تو پيار ڪيا، ۽ آرا انگل هر بار ڪيا،
ڪئي شاه تو شاهوڪار ڪيا، پينار هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي ناقص تو وٽ ٿيا ڪامل، ڪيئي جاهل اعليٰ ٿيا عاقل،
در تنهنجي مون جهڙا سائل، اي يار هزارين مان نہ رڳو.

هي "طالب المولیٰ" صبح و مسا، رحمت تو گهري چئي صل عليٰ،
بخشيا تو سدائين مونجهڙا، بدڪار هزارين مان نہ رڳو.
( ماهوار نئين زندگي مئي جون 1999ع محبوب اختر پناڻ)

## ڊاڪٽر عطا محمد حامي سوهو

ڊاڪٽر عطا محمد حامي سوهو ڪناسرا تعلقي ڪوٽڏجي ضلعي خيرپور ۾ هڪ ڳوٺ آهي. جتي پهرئين جنوري 1919ع تي پيدا ٿيو سندس والد جو نالو قائم الدين ولد بهادر خان هو. سوهو ڪناسرا ڳوٺ عطا محمد حامي جي نالي سان اڄ ڪلهه مشهور آهي. خيرپور ٽنڊو مستي روڊ تي خيرپور کان اٽڪل چار ڪلوميٽر مفاصلي تي آهي. حامي صاحب پرائمري تعليم ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي بعد ۾ ناز هاءِ اسڪول خيرپور مان سال 1941ع ۾ بمبئي يونيورسٽي جي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. تن ڏينهن ۾ سموري سنڌ ميٽريڪيوليشن جي امتحان جو سينٽر ڪراچي هوندو هو. حامي صاحب سنڌ مسلم ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ڪجهه وقت رياست جي( پي ڊبليو ڊي) کاتي ۾ نوڪري به ڪئي. جتي کيس 30 روپيه ماهوار ملنداهئا. جنهن جو احوال پنهنجي دوستن کي خط ۾ هن ريت ڪيو اٿائين.

ويهه کاوان ڏهه ڪرايو ۽ لٽا الله تي،
ٽيهه روپيه در مهينو لت آ منهنجي ساهه تي.

حامي صاحب 1946ع ڌاري انٽر پاس ڪري ڪراچي کي ڇڏي رياست ۾ موٽي اچي تعليم کاتي ۾ ماستري ڪئي. ون يونٽ ٿيڻ بعد ممتاز ڪاليج خيرپور ۾ سنڌي جو ليڪچرر ٿيو. 31 ڊسمبر 1979ع ايسوسئيٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين. سنڌ جو هيُ سچو عاشق 3 جون 1982ع تي اسان کان جدا ٿي ويو شعر ۾ پهريائين عطا پوءِ گرامي ۽ پوءِهميشه لاءِ حامي تخلص اختيار ڪيائين.

تنهنجي حسن ڏي موليٰ خير ڪري، حيران هزارين پيا ٿيندا،
تنهنجي نينهن جي نازڪ ناتي ۾ نقصان هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي زلف جي قيدن ڪاڻ مٺا، سامان هزارين پيا ٿيندا
هر روز نون تعزيرن جا، فرمان هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي تيز نظر جي تيرن سان، بي جان هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي قدمن ساڻ قيامت جا، سامان هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي گهور جا گهايل گهوٽ گهٽا، اڻ موٽ چڙهن ٿا چوٽ گهٽا،
تنهنجي حسن جي روشن شمع ڏسي قربان هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي ناز ادا جي شعلن مان ڪا، باه مبادا پڙڪي پوي،
ان باهه ۾ تنهنجي تباهيءَ جا امڪان هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي ناز جا سڀ انداز نوان، هر سوز نئون سڀ ساز نوان،
هر رمز نئين سڀ راز نوان هر آن هزارين پيا ٿيندا
تنهنجي رات کي جن روشن نه سڏيو تنهنجي زهر کي جن ماکي نه چيو،
تنهنجي پيرن ۾ پامال اهي، انسان هزارين پيا ٿيندا
جنهن پنهنجي جگر جو خون ڏئي، تنهنجي حسن ۾ رونق آندي آ،
ان عاشق تي الزامن جا، احسان هزارين پيا ٿيندا
جي بول مٺا بوليندا سي مرغ چمن جا سڪ ٿيندا
صياد جي پاپي پڃرن ۾ مهمان هزارين پيا ٿيندا
هر لهر لتاڙي سير لنگهي جنهن وقت ڪناري تي ايندي،
ان وقت اسان جي ڪشتي لئه طوفان هزارين پيا ٿيندا
هر وقت فلڪ ناراض رهي پيو لوڻ جفا جو برڪيندو،
هيئن اهل وفا جي زخمن جا درمان هارين پيا ٿيندا.
هن وقت نٿو جو قدر ڪري هڪ ڏينهن اهو افسوس ڪندو،
حاميءَ جي مرڻ ڪانپوءِ سندس ارمان هزارين پيا ٿيندا

# شيخ اياز

شيخ اياز 20 صديءَ جو سنڌ جو وڏي ۾وڏو شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ فني ۽ فڪري خوبيون موجود آهن ڪيس عالمگير شهرت حاصل آهي. سندس گيتن سان سجي سنڌ گذريل اڌ صدي ڪان گونجندي رهي آهي. سندس جنم 23 مارچ1923ع تي شيخ غلام حسين جي گهر ۾ ٿيو. سندس اصل نالو مبارڪ علي شيخ هو.اتر تائين شڪارپور ۾ پڙهيو ايس ايم لا ڪاليج مان لا گريجوئيشن ڪرڻ ڪان پوءِ 1950ع ۾ ڪراچي ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو پوءِ مستقل طور سکر ۾ اچي رهيو23 جنوري 1976ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت ڪيس سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو. پاڻ سنو نثر نويس بہ هو پر سندس سڃاڻپ شاعر رهي آهي. پاڻ شعر چوڻ جي شروعات ڪيئل داس فاني جي اثر هيٺ ڪئي. سنڌي ۾ سندس شعر جو پهريون مجموعو پونر پري آڪاس رائٽرز گلڊ ڪراچي طرفان 1962ع ۾ ڇپيو. هن جديد توڙي قديم شاعريءَ جي سيني صنفن تي لکيو آهي. مجتا طور ملڪ جو اعليٰ ادبي ايوارڊ هلال امتياز ڪيس ڏنو ويو28 ڊسمبر 1997ع تي وفات ڪري ويو پٽ شاهہ ۾ لطيف سائين جي پاڙي ۾ ڪراڙ ڍنڍ پرسان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بـي مـوت مـئـا تـو لاءِ ڪـتـا، انسـان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو
هـن دنـيـا ۾ اي ديـس! هـيـا، نـادان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو

جي راه اجـل ڪـنـهـن ورتـي آ، هـن پـونءِ ڪـئـي ٻـي پـرتـي آ،
هـيءَ ڌرتـي تـوڪـي پـرتـي آ مـهـمـان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو

اڪ سـاري رات نـہ جـهـپـڪـي آ ۽ شـبـنـم شـبـنـم ٽـپـڪـي آ،
جي بـاڪ گـهـري ٿـي بـڪ تـہ اي زنـدان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو

ٿـو سـاري ڪـوبـہ نـہ سـج مـئـا، هـو رج مـئـا جـي اج مـئـا،
ڇـا پـاپ پـرکـي پـچ مـئـا، ارمـان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو

ڇـو چـنـڊ! اسـان ڪـي رات نـري،ڏي چـانـدوڪـيءَ جـو زهـر پـري،
آ ڪـيـڏو پـويـون پـهـر پـري! حـيـران هـزاريـن مـان نـہ رڳـو

تون ڇئہ نہ ڪڇان تون ڇئہ نہ لڇان، پر توڪان هڪڙي ڳالهہ پڇان،
تون ڪنهن ڪنهن ڪي خاموش ڪندين اعلان هزارين مان نہ رڳو

هـي دور "ايـاز" گـذرڻـو آ، ۽ پـنـهـنـجـو وارو ورڻـو آ،
ڪـو ٻـارڻ نـيـٺ تـہ ٻـرڻـو آ امـڪـان هـزاريـن مـان نـہ رڳـو
( وڄون وسڻ آئيون)

# آغا ممتاز حسين دراني

آغا ممتاز حسين پناڻ ولد خانصاحب محمد اعظم خان 17مارچ 1924ع تي جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ڳڙهي ياسين مان ورتائين. مئٽرڪ ميونسپل اسڪول ڳڙهي ياسين مان حاصل ڪيائين اردوءِ فارسي زبان ۾مهارت رکندو هو. سندس خاندان ارڙهين صدي عيسويءَ ۾ افغانستان مان هجرت ڪري شڪارپور سنڌ ۾ آيو جنهن جو تعلق افغانستان جي شاهي خاندان سان هو. سندس تعلق محمد زئي بارڪزئي دراني نسل جي شاخ ترين خان سان وجي ملي ٿو. تخت نشينيءَ جي اختلافن سبب خانصاحب جمع خان جو اولاد ابدال خان افغانستان مان هجرت ڪري شڪارپور آيو. انگريز حڪومت ڪين شاهي خاندان جي فرد هئڻ سبب ڳڙهي ياسين ۾ جاگيرون ۽ پٽي داريون ڏنيون جنهن ڪري شڪارپور مان لڏي ڪوٽ عبدالله ٻانڀير ڪان ٿيندا اچي ڳڙهي ياسين ۾ڪوٽ اڏايائون. آغا ممتاز حسين بنيادي طور شاعر هو گيت غزل بيت ۽ وايون چيون اٿائين. شاه لطيف سچل فراز جوش سعدي رومي ۽ حافظ جا اڪثر بيت ياد هوندا هئس.سندس دوستيءَ جو دائرو وسيع هو. پاڻ وڏو مهمان نواز هو.وٽس مهمانن ۽ دوستن جو ميڙو متل هوندو و. بقول سيد شاه محمد شاه هنگوروي جي ته مرحوم مڪمل عالم هو لکڻ جي ڏات ۽ ڏانءُ هوس. ڏاهپ جا موتي ۽ گوهرمنجهس لکل هئا. 4 اگسٽ 1992ع تي اگاري جي ڏينهن هيءُ يار راهه رباني وٺي ويو.

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا زندان هزارين مان نه رڳو،  
زم زم جو قسم تنهنجي غب غب ۾ غلطان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجو حسن نزاڪت ڇا ڇئجي تنهنجي سونهن لطافت ڇا ڇئجي،  
تنهنجي موت خراج ملاحت تان مستان هزارين مان نه رڳو

تنهنجي عشوي غمزي ناز مٿان، تنهنجي حسن و ادا انداز مٿان،  
قربان تين تا جن ملڪ انسان هزارين مان نه رڳو

جيڪي پاڻ تي ناز آفرين هئا، سي هڪڙي گهور سان گهائي ڇڏيا،  
تنهنجي تير نظر جا تير فگن، نيشان هزارين مان نه رڳو

تون شعله صفت آن سيمي بدن، تنهنجا ابرو زلف ۽ غنچه دهن،  
تنهنجي پيڪر حسن جي شمع مٿان پروان هزارين مان نه رڳو

منصور ”ممتاز“ ويو دار چڙهي ۽ شاه عنايت ويو ڪسجي،  
تنهنجي قرب ۾ تيا ڪل جڳ ۾ قربان هزارين مان نه رڳو

( ڪتاب: شاعري ۽ شخصيت ”ميراث“ تان ورتل  
ليڪ پروفيسر آغا وقار حسين دراني)

# نثار بزمي

نثار بزمي جو اصل نالو قلندر بخش ولد محمد حسين خان جوٽيجوهو. سندس ولادت 13 جون 1924ع تي ڳوٺ مرزا پور تعلقي ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ٿي. نثار بزمي سنڌي فائنل مئٽرڪ ۽ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪيا. 1938ع ۾ پرائمري استاد ٿيو. 1954ع ۾ تپيداري پاس ڪري تپيدارٿيو. ليڪن شاعريءَ جي شوق ۾ ڪابہ سرڪاري نوڪري باقاعدگي سان ڪري نہ سگهيو آخرڪار 1965ع ۾ نوڪري ڇڏي خانگي ڌنڌو اختيار ڪيائين. يارهن سالن جي عمر شاعري جي شروعات ڳوٺ جي هڪ هندو دوست ڀڳوانداس جي محبت ۾ موهجي ڪئي. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ جڏهن سندس محبوب ڀڳوانداس 1948ع ۾ سنڌ مان لڏي وڃي ڀارت جي شهر جبلپور ۾ رهيو. تڏهن هن جدائي هڪ ڪلام ناهيو ڀڳا ڏار ڳيرا اڏاٽا هليا ويا. اهو ڪلام سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور ٿيو ۽ ڳايو ويو. نثار بزمي نظم سان گڏ نثر ۾ ڊراما افسانا ۽ مضمون بہ لکيا. ڪيس موسيقي جي بہ سٺي ڄاڻ هئي..7 جولاءِ 2000ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ انتقال ڪري ويو ڪيس مرزا پور ۾ پير سليم شاهہ جي درگاهہ پرسان دفنايو ويو.

تنهنجي حسن تي ٿيا محبوب خدا، حيران هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي قول ۽ فعل تي مدني منا، قربان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي الفت جا اعلان ڪيئہ، پاهڻ بہ گهڙي انسان ڪيئہ،
تنهنجا ورجائن تا صبح و مسا، احسان هزارين مان نہ رڳو

تنهنجي ڇاپي جهان هي جرڪي پيو،تنهنجو نانءُ محمد مهڪي پيو،
تنهنجا ياد رکن تا دل ۾ سدا، فرمان هزارين مان نہ رڳو

تون شافع روز جزا آهين ڪوئي مون ڪان پڇي تہ تون ڇا آهين؟
تنهنجي ذات بابرڪت تي آقا، نازان هزارين مان نہ رڳو

آهين هادي تون آهين حامي تون آهين نرمل نامي گرامي تون،
تنهنجي چاهہ ۾ ٿيا ”بزمي“ جهڙا، چسپان هزارين مان نہ رڳو

(ڪيسٽ سهڻي ڌرتي پروڊڪشن واليوم 42
آواز حاجي امداد الله قلپوٽو صاحب)

## سليم ڳاڙهوي

سليم ڳاڙهوي جو اصل نالو الهورايو ولد حاجي الهڏنو مهر هو. سندس ولادت 15 مارچ 1925ع تي ڳوٺ ڳاڙهي موري لڳ پريالوءَ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿي. سنڌي فائنل پاس هو. سندس پيشو زميندارِي هو. شاعري جو شوق اسڪولي زندگيءَ کان هوس باقاعدي موزون شاعري 1947ع کان ڪيائين. شعر ۾ اصلاح محمود خادم لاڙڪاڻوي کان ورتائين تخلص سليم ڪم آندائين. سندس شاعريءَ ۾ پختگي آهي. سندس هڪ ديوان ۽ ٻي شاعريءَ جا مجموعا قلمي صورت ۾ پوين وٽ محفوظ آهن. سليم ڳاڙهوي 1987ع ۾ ڪراچي انتقال ڪيو جتي علاج لاءِ ويل هو. سندس تربت ڳوٺ واري باغ ۾ آهي. جنهن لاءِ پاڻ وصيت ڪئي هئائين.

تنهنجي قرب جا قيدي قرب پريا، قربان ڪروڙين مان نہ رڳو،
تنهنجي سونهن جا سائل سونهن سنا، سلطان ڪروڙين مان نہ رڳو

تنهنجو تاب تمام توانو آ، تنهنجي زلف ۾ قيد زمانو آ،
تنهنجي نينهن نهوڙيا نام ڪنا، انسان ڪروڙين مان نہ رڳو

تنهنجي ياد ۾ يوسف يار سدا، تنهنجي آس ۾ عيسيٰ ۽ موسيٰ،
تنهنجي جوت جمال ڪيا، حيران ڪروڙين مان نہ رڳو

پاڪ پيرن اڪسير پٽي، آهي اڪين وهہ واهہ وٽي،
تنهنجي عشق ۽ شوق جا عالم ۾، عنوان ڪروڙين مان نہ رڳو

جن انس ملائڪ مدحت ڪن، حيوان پکي بہ حڪايت ڪن،
سج چنڊ ستارا سونهن پريا، قربان ڪروڙين مان نہ رڳو

محبوب منا تنهنجي ذات مٿان داور بہ درود اماڻي ٿو،
قرآن ڪيا تنهنجي عظمت جا، اعلان ڪروڙين مان نہ رڳو.

تنهنجا عاشق صادق شائق لک، تنهنجا طالب ۽ مفتون گهڻا،
تنهنجي تات طلب ۽ نينهن سدا، نيشان ڪروڙين مان نہ رڳو.

تنهنجي شان ۾ شاعر شعر لکن، پر حق جي ادائي ڪير ڪري،
لک لفظ ”سليم“ سهيڙن ٿا، دربان ڪروڙين مان نہ رڳو

( حيران هزارين عبدالجبار عبد)

## رحمت الله شوق شڪارپوري

محترم رحمت الله شوق شڪارپوري جو اباڻو ڳوٺ پراڻو گهمرا، ضلعو سکر هو. سندس ولادت 1926.06.18 تي اباڻي ڳوٺ ۾ ٿي. سندس والد مرحوم آخوند"علي" اسد الله قريشي ڳوٺ پراڻي جهلي ۾ مدرس ۽پيش امام هو. قرآن پاڪ پنهنجي والد وٽ پڙهيو. سنڌي ڇئن درجن تائين سکر ۾، پنجون ۽ ڇهون درجو سهڪجي اسڪول ۾ پڙهيو نديپڻ ۾ ئي سندس والد وفات ڪري ويو.1942ع واري ٻوڏ کان پوءِ شڪارپور ۾ وڃي رهيو. جتي عربي تعليم مولوي عبدالڪريم چشتي جعفري صاحب پروفيسرسي ايند ايس ڪاليج شڪارپور کان حاصل ڪئي شوق صاحب قادري طريقو رکندڙ هو. پهريائين بزرگ عبدالعزيز ٽريچاڻوي جو مريد ٿيو پوءِ بزرگ حمادالله هاليجوي جو شوق صاحب جو نندپڻ کان ئي علم و ادب ۽ شعر و شاعري سان چاهه هو. شعر ۾ سندس آخري استاد محمد ابراهيم خليل حيدرآبادي هو. شوق صاحب جا ڪجهه ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ شڪارپور جي بزم گلشن لطيف جو سيڪريٽري پڻ رهيو.

هن حسن عجب حيران ڪيا، انسان لکين هڪ مان نه رڳو،
ڪيئي مست ٿيا فرمانروا، سلطان لکين هڪ مان نه رڳو

محبوب جو منهن مان نور چوان،وڏ شمس و قمر کان ظهور چوان،
مٿ جنهن جي نه ڪوئي ور چوان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

ڪيئي شاه و گدا غمگين ڏٺم، ڪيئي مير غني مسڪين ڏٺم،
سڀ سهڻل جا شوقين ڏٺم خاقان لکين هڪ مان نه رڳو

قرآن مبارڪ ان تي لٿو، معراج انهيءَ جو مان ٿيو،
ڪوئي نه ٿيو جهڙس ٻيو، دربان لکين هڪ مان نه رڳو.

خود جنهن کي خدا دلدار ڪيو، سڀ امت جو سردار ڪيو،
هن "شوق" جو هو آذار ڪيو، مدح خوان لکين هڪ مان نه رڳو.

( حيران هزارين: عبدالجبار عبد)

# سيد سردار علي شاهه "ذاڪر"

سيد سردارعلي شاهه ولد جعفر شاهه بخاري وينجھل ڳوٺ ٻيرڙي تعلقي گھوٽڪي ۾ پهرئين جنوري 1928ع تي ڄائو. پرائمري تعليم پرائمري اسڪول ماٿيلي ۽ اسڪول ڏنو ماڪي مان ورتائين. مئٽرڪ لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول نوابشاهه مان سال 1946ع ۾ ۽ بي اي(آنرس) سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين.فارسي زبان جي تعليم خانگي طور تي سڪندر نامي تائين حاصل ڪيائين. سال1949ع کان روزانه الوحيد ڪراچيءَ ۾ سب ايڊيٽر جي حيثيت ۾ شموليت ۽ 1952ع تائين ان سان وابسته رهيو.1952ع ڌاري انگريزي استاد حيثيت ۾ حيدرآباد ۾ ملامت 1953ع کان 1957ع تائين روزانه ڪاروان حيدرآباد جي مدير جي حيثيت ملازمت سيپٽمبر 1957ع کان روزانه مهراڻ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مدير اعليٰ جي حيثيت ۾ آخري دم تائين ڪيائين. ادب۽ شاعريءَ سان شوق نوشهروفيروز ۾ تعليم واري عرصي يعني 1946ع کان شروع ٿيس. شاهه صاحب هڪ پرجوش ۽ ڪهنه مشق صحافيءَ جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو شاعريءَ جي هر صنف جي طبع آزمائي ڪئي اٿائين جناب رشيد احمد لاشاري مرحوم ڪي شاعريءَ پنهنجو استاد تسليم ڪندو هو. 11 مئي 1981ع تي وفات ڪري ويو.

تنهنجي حسن ڪيا حيران پرين، سڀ جن ملڪ انسان پرين

ڪٿي حسن حجابي حور سندو، ڪٿي شعلو تابان طور سندو،
ڪٿي عرش تي جلوو نور سندو، تون ته هر جلوي جي جان پرين.

تنهنجي سونهن اڳيان سنسار جهڪن، مه و انجم جا انوار جهڪن،
هڪ وار نه پر سووار جهڪن، تون ته صورت جو سلطان پرين.

سردار هجن سلطان هجن، پنهنجي ليکي خاني خان هجن،
ڪي خسرو يا خاقان هجن، تنهنجي در جا سڀ دربان پرين.

توکي محبوبي معراج مليو، لولاڪ لما جو تاج مليو،
پنهنجي ڏاتر کان جيڪو ڏاج مليو، سو ته شاهنشاهي شان پرين.

تو سان نسبت تنهنجو نام سڄڻ هر عاصي لئه آرام سڄڻ،
سردار علي تنهنجي سام هجڻ ڪر عاجز تي احسان پرين

(واردات عشق عرف زادِ ذاڪر نعتيه ڪلام سيد سردار علي شاهه ذاڪر
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1403هه)

# سيد محي الدين "اعجاز" شاه راشدي

حضرت محي الدين شاه عرف اعجاز شاه راشدي جي ولادت 12 ربيع الاول 1348ھ مطابق 1929ع ۾ ڳوٺ پير جهنڊي ۾ ٿي. پاڻ راشدي خاندان پير جهنڊي واري جي شاخ مان هئا. ڇهن سالن جي عمر ۾ ڳوٺ جي مسجد شريف ۾ مولوي شفيع محمد مڱريي وٽ قرآن شريف ناظره پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. ننڍي هوندي مستانه خيال جا مالڪ هئا. ان ڪري والد صاحب کين بهلول جي نالي سان سڏيندا هئا. اهو نالو ڪٿي ڪٿي پنهنجي شعر ۾ آندو اٿن. والد جي وفات وقت ڏهن سالن جا هئا جنهن ڪري وڌيڪ پڙهي نه سگهيا پاڻ خوش خلق حليم طبع ۽ صابرين هئا. سخا ۽ مهمان نوازي سندس شيوو هو. سندس وصال جون 1998ع مطابق 1419ھ ۾ ٿيو.

تنهن جي مٽي جي مٽي ميخاني تي، مٽي پياڪ هزارين مان نه رڳو،  
تنهنجي جود و ڪرم جي آيا سٽي نت هاڪ هزارين مان نه رڳو.

تنهنجا جام ڪمام دمام ساقي، پسي خوب خرام گرام ساقي،  
ٿيا خان خدام مدام ساقي، پئه خاڪ هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي جودي جرس تنهنجي توهي ترس رخ واري عڪس رنگ وحي رس،  
هر وار نواز يا خام خاروخس، خاشاڪ هزارين مان نه رڳو.

مد ماڪ تنهنجي مئخان سندي پڪ تڪ به تنهنجي پرين پان سندي  
ٿا گهرن ڏيو دل جان سندي، املاڪ هزارين مان نه رڳو.

هھڙا جن ڪي جُرع امداد ٿيا، سي عقبيٰ دنيا کان آزاد ٿيا،  
تنهنجي شوق شغل ۾ شاد ٿيا، نمناڪ هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي مست مٽي جو "اعجاز" ڏنم، هر پيئندڙ ڪي ناز ونياز ڏنم،  
تن ۾ عشق جو سوزو گدام ڏنم، چت چاڪ هزارين مان نه رڳو.

(سخن اعجاز ڪلام سسائين اعجاز شاه راشدي)

## معمور يوسفاڻي

محمد عمر ”معمور“ ولد حاجي محمد يوسف پلي 25 جنوري 1929ع تي ڳوٺ حاجي پير محمد پلي تعلقو عمر ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. والد جي نالي جي نسبت ڪري پاڻ کي يوسفاڻيسڏائيندو هو. پاڻ اعلي درجي جو اديب شاعر محققۡ تاريخدان هو. پهريائين پرائمري تائين حاصل ڪري هارپو ڪيائين. وري ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق ٿيو. 1952ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. اديب فاضل (سنڌي) ۽ اردو يوناني طن هوميوپيٿي منشي عالم فارسي (بي اي ۽ ايم اي)جا امتحان پاس ڪيائين. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۾ به رهيو.آخر ۾ بيٺ آفيسر جي عهدي تان 24 جنوري 1989ع تي رٽائر ٿيو. نثر خواه نظم جي هر صنف تي ڪيس عبور حاصل ٿيو. ٿرپارڪر کي ته پيرين پيادي چپو چپو ڪري گهميو. پراڻ دڙن ماڳن ۽ وهڪرن تي تحقيق ڪيائين. صدر ضياء سندس تقرير کان متاثرٿي ڪيس ٻه لک رپيه نقد انعام طور ڏنا في البديهه شاعريءَ تي پڻ ملڪو هوس. مختلف موضوعن تي 89 ڪتاب لکيائين. جن مان 36 نظم جا ۽ نثر جا 25 ڪتاب آهن. انهن مان ڪي ٿورا ڇپيل آهن. ٿر جو هيءُ عظيم دانشور 24 ڊسمبر 1993ع تي وفات ڪري ويو.

تنهنجي در جا اچي دربان ٿيا، سلطان هزارين مان نه رڳو
تنهنجي محبت ۾ مستان ٿيا، انسان هزارين مان نه رڳو

ڏسي جلوه گري ٿي خلق ڇري ڇا جن ملڪ ڇا حور پري،
دلدار اپٺ درسن جي دري، ديوانه هزارين مان نه رڳو

تنهنجي حسن پي حيران ٿيا، تنهنجي خدمت جا خوهان ٿيا،
تنهنجي قدمن تان قربان ٿيا پروانه هزارين مان نه رڳو

سردار سچي آڏار اجها، محبوب خدا اهي ماه لقا،
تنهنجي درسن لئه دلدار منا ڪو شان هزارين مان نه رڳو

دک درد جهان مان دور ٿيا مفهوم وري مسرور ٿيا،
مسرور ٿيا ”معمور“ ٿيا، شادان هزارين مان نه رڳو

(مهراڻ شاعر نمبر تان کنيل)

# سيد محمد شاهہ امروٽي

سيد محمد شاهہ امروٽي ولد ميان نظام الدين شاهہ جو جنم 9 مئي 1929ع تي پنهنجي ڳوٺ ديواني لڳ پريالوءِ تعلقي ۽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿيو. پاڻ هڪ ممتاز عالم دين روحاني پيشوا ۽ سياسي مدبر ٿي گذريو آهي. سندس والد مشهور ۽ معروف شخصيت مولانا سيد تاج محمود امروٽي جو پائيتو هو. پاڻ ديني تعليم جي تڪميل مولانا مظهر الدين انڍڙ کان مدرسہ تاج المدارس امروٽ ڪيائين. والد صاحب جي وفات ڪانپوءِ درگاه جو ٽيون نمبر سجاده نشين بڻيو. پاڻ جمعيت علماءاسلام صوبي سنڌ جو وفات تائين امير رهيو. ڪيس طب ۾ سني مهارت حاصل ڪئي. سيد محمد شاه امروٽي سنو ليکڪ ۽ شاعر بہ هو.سندس بہ ڪتاب رسالہ جهاد ۽ ملن جومرشد شايع ٿيل آهن پاڻ 13 نومبر 1987ع تي سول اسپتال سکر ۾ وفات ڪري ويو سندس جنازي نماز مولانا عبدالڪريم قريشي ٻير واري پڙهائي.

محبوب مٺي جوو ڳائن ٿا پيا، شان لکين هڪ مان نہ رڳو،
ان ريت ڪرن ٿا دردن جو درمان لکين هڪ مان نہ رڳو،

الله عطا ڪيو عربيءَ کي، قرآن سڳورو صاف سنو،
دل سان ٿا پڙهن هن دنيا ۾، قرآن لکين هڪ مان نہ رڳو،

ٿئي شال زيارت مدني جي، محبوب مديني ملڪ سندي،
اهڙو رکن ٿا دل اندر ارمان لکين هڪ مان نہ رڳو،

اي يار”محمد شاه“ سنو ڪيڏو نہ محمد ڪيو جڳ کي،
دل سان ٿا محمد صہ جا پائن احسان لکين هڪ مان نہ رڳو،

(ڪيسٽ ناز پروڊڪشن واليوم 42 آواز حاجي امداد الله ڦلپوٽو صاحب
محترم محمد ياسين ڪنير جي مهربانين سان.)

## فقير سيد لعلڻ سائين صوفي القادري

فقير سيد لعل شاه المعروف لعلڻ سائين مست بزاري سيد جهنگل شاه جي حويليءَ ۾ سال 1930ع ۾ ڳوٺ حاجي مولودي تعلقي ۽ ضلعي گهوٽڪي ۾ جنم ورتو. ننڍپڻ کان سندس لاڙو فقيريءَ ڏانهن هيو انگريزي رواجي ٻه ٽي درجا سنڌي پڙهيا حق جي تلاش ۾ جهانپور تعلقي گهوٽڪي جي صوفي درويش سيد انور علي شاهه بخاريءَ جا قادري سلسلي ۾ دست بيعت ٿيا. مرشد ڪامل کين پنهنجي ڳوٺ ۾ آستانو ناهي خدا جي مخلوق کي فيض ڏيڻ جو امر فرمايو. سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جي گادي نشينن سان سندن تعلقات هئا. پاڻ سنڌ جي روايتي درگاهي راڳ ويراڳ جي صف اول جي ويراڳين منجهان هئا. موج ۽ مستيءَ ۾ اچي بيهي ڳائيندا هئا. پاڻ صوفي شاعر هئا. سندن ڪلام پنجن زبانن سنڌي سرائڪي اردو فارسي ۽هندي زبانن تي مشتمل آهي. تخلص لعلڻ اٿن. سندس ڪلام ۾ سوز و گداز تصوف جا باريڪ نڪتا ۽ اونها راز سمايل آهن سندس رسالو لعلڻ لک لباس تازو شايع ٿيو آهي. پاڻ ساري زندگي ڪارو لباس زيب تن ڪيو پاڻ ست لاهوت ڪيا هئائون. هيءُ دريگانو 26 مارچ 1998ع تي بقا جي ملڪ ڏانهن راهي ٿيو. ڳوٺ حاجي مولودي ۾ پنهنجي درگاه شريف ۾آسوده خاڪ آهن. جنهن بعد سندن وڏو فرزند فقير سيد والي شاهه سندن مسند تي ويٺو جيڪو پڻ پنهنجي والد وانگر سٺو شاعر ۽ وراڳيهو، تاز اپريل 2021ع ۾ والي شاه هي جهان ڇڏيو سندس تدفين ٻه صوفياڻي رنگ سان ٿي. سنڌ ٻيو فرزند سيد غلام ميران شاه پڻ فقرائي رنگ رڱيل ۽ ادبي ذوق رکندڙ آهي.

تيڏي پاڪ حسن دا بيان آکهان،ڪيا حور وملڪ غلمان آکهان،
تيڏي خاطر هر دوجهان بڻيا، چوڏهن طبق اُتي آسمان بڻيا.

بر بهشت عدن رضوان بڻيا، جن ديو بشر آکهان،

اُتون شمس و قمر قربان ٿيون بردا ماه مصر ڪنعان ٿيون،
حضرت يوسف جيهي حيران ٿيون توڙي طور سينا تابان آکهان.

بديعل باغ ارم بستان ڪجا، شاه سيفل سر سلطان ڪجا،
جيئن تخت هوا سليمان ڪجا، ڪيئي مجنون جيهي مستان آکهان.

شاه ملڪ محمود اياز هو ون، سوين ناز غماز انداز هوون،
شهباز هوون پرواز هو ون، تڪ لعلڻ سر لاٿان آکهان.

تيڏي شان اتي صلوات پڙهن، ۽ ذات صفات تي نعت پڙهن،
ساري زمن زمين ڪلمات پڙهن لتا ”لعلڻ“ اتي قرآ آکهان.

## شاه محمد "ثاقب" منگي

شاه محمد ثاقب ولد مرحوم علي نواز منگي پهرئين فبروري 1930ع ۾ ڄائو. شروعات ۾ همايون شريف جي ديني مدرسي مان تعليم حاصل ڪري پرائمي پڙهڻ اسڪول وينو جتان چاردرجا پاس ڪري انگريزي تعليم لاءِ ناز هاءِ اسڪول خيرپور ۾ داخل ٿيو جتان 1949ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري 1950ع ۾ استاد مقرر ٿيو. تعليم کاتي جي مختلف عهدن تي رهندي 20 نومبر 1980ع تي سروس دوران ئي الله کي پيارو ٿي ويو. کيس علم ادب موسيقي ۽ اداڪريءَ سان ننڍپڻ کان ئي لڳاءُ هو. شروعات ۾ راهي تخلص اختيار ڪيائين پوءِ ثاقب ا اختيار ڪيائين. شاعريءَ جي فن جوو ڄاڻو هو سندس پسنديده صنف ڪافي هئي.

تنهنجي ديد جي عيد سعيد ڪيا،سلطان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي سونهن جي روح ورونهن سندا، مستان هزارين مان نہ رڳو

ڪيئي گهايل تنهنجي گهور سندا ڪيئي عارف عبد غفور سندا،
مدمست شراب طهور سندا، مستان هزارين مان نہ رڳو

تنهنجي جلوي جوت جمال ڪيا، رخ روشن خد خال ڪيا،
تنهنجي نينهن نجيب نهال ڪيا، سلمان هزارين مان نہ رڳو

اي جاني تنهنجي جود و سخا، سڀ ڪنهن تي روا آ صبح مسا،
منصور شمس تبريز تہ چا، صنعان هزارين مان نہ رڳو

اي روح ڪل تزئين زمن، اي نور اول مختار عدن،
تنهنجي مدح ۾ "ثاقب" ڪيئي مگن، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

(شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو انور فگار هڪڙو ص 375)

## مهيسر خادم "رفيقي"

نالو محمود ۽ خادم تخلص هوس. 10 جون 1932ع ڄائو. پهريائين محمود رفيقي جي نالي سان ادبي دنيا ۾ پير پاتو بعد ۾ خادم رفيقي جي نالي سان مشهور ٿيو.مرحوم سليم ڳاڙهوي شاعريءَ سندس استاد هو. مهيسر صاحب هڪ مثالي استاد پختو شاعر سچو صحافي ۽ نيڪ انسان صفت انسان هو. 25 نومبر 1996ع تي وفات ڪئي اٿائين. بزرگ همايونيءَ جي تتبع تي سندس ٻه ڪلام هتي ڏجن ٿا.

ڪلام 1

اي احمد عربي تنهنجي مٿان،مستان هزارين مان نه رڳو،
اي شاه عرب تو نمن انسان هزارين مان نه رڳو،
اي منهنجا سائين محب خدا جا گوليءَ جي گفتار ٻڌو،
ٿا حشر جو عاصي عليل گهرون، درمان هزارين مان نه رڳو،
تنهنجي ثنا چيها ڪبوتر طوطا گڏجي ڳُٽ ڳُٽ ڪن،
ڇاظاهر ۾ ڇا باطن ۾ مدح خوان هزارين مان نه رڳو،
تو توتي پڙهي صلوات گهڻي، سڪ ڇاه مان پرور پاڪ ڏٺي،
پوءِ ڇو نه پڙهن هت شاه گدا، سلطان هزارين مان نه رڳو،
تنهنجي شان تي شيدا مست مگن پروانه مثل شب و روز رهن،
ادريس بلال ۽ خالد ڇا، سلمان هزارين مان نه رڳو،
پور جو پيارو آهين تون، هيٺن جوسهارو آهين تون،
پدمن ۾ نيارو آهين تون، قربان هزارين مان نه رڳو.

ڪلام2

ٿا توتي صلوات و سلام پڙهون، ٿا توتي درود ڪلام پڙهون،
تنهنجي مدحت ۾ ٿا تمام پڙهون، قرآن هزارين مان نه رڳو،
تون فخر زمان تون ماهِ عرب تون نور مبين،
تون سرور ۽ سالارِ آمين، شادان هزارين مان نه رڳو،
توکي نور مان پرور پيدا ڪيو، تنهنجي حسن جي مٽ نه حسين ٻيو،
تنهنجو فخرِ زمان آ لقب ٿيو، نازان هزارين مان نه رڳو،
نهنجا ڳايون ڳڻ سردار لکين، محبوبِ خدا منٺار لکين،
۽"خادم" جهڙا ڪيئي ڪن، اعلان هزارين مان نه رڳو.

(حيران هزارين عبدالجبار عبد)

# استاد حق نواز ”خادم“

سنڌي شاعريءَ جو اختر شيراني ذهين ڊراما نگار ۽ بهترين استاد حق نواز خادم ونوعاقل تعلقي جي مشهور ڳوٺ ڇيچڙي ۾ ربنواز عباسيءَ هي گهر ۾ پهرئين اگسٽ 1932ع تي جنم ورتو. پاڻ گورنمنٽ مڊل اسڪول دڙي مان هيڊماستر جي عهدي تان رٽائر ٿيو. شاعريءَ جي سکيا عبدالله اثر چانڊيي کان ورتائين غزل جي صنف جو بهترين شاعر هو. خادم تخلص هوس. سنڌي غزل ۾ سنڌس مڪمل ديواڻ ڇپيل حالت ۾ موجود آهي. خادم صاحب سنڌ ۾ ٿيندڙ طرحي مشاعرن ۾ باقائده شريڪ ٿيندو رهيو. ۽ داد حاصل ڪيائن. سڄي زندگي استادي وقار سان گذاريندي آخري ڏينهن ۾ بيماريءَ جي بستري تي موت سان جهڙيندي 16 مارچ 2001ع تي هيءُ جهان ڇڏي ويو پنوعاقل ۾ سئنيما روڊ (لڳ آستانو داتا ولايت شاه) قلندر شاه جي قبرستان۾ هميشہ لاءِ آرامي آهي. ڪيس نرينہ اولاد ڪونہ هئي بزرگ مولانا همايوني جي تتبع تي سنڌس نعتيہ غزل هيٺ ڏجي ٿو.

تنهنجي دستر خوان تي مهمان لک، ٿا تعجب ۾ رهن سلطان لک

ڪر سعادت ساڻ مونکي سرفراز گهر ڪري دل ۾ ويا شيطان لک
ڪنهن طرح ديدار جي ڏي ڪا جهلڪ دل ۾ عرصي کان رهن ارمان لک
مير مرسل پنهنجي در مون کي گهراءِ هت لڳي مون تي رهيا بهتان لک
بي سمر آهيان سفر ڪنهن پر ٿئي جي گهرايو ٿي وڃن احسان لک
موڪليان اڻ ڳڻ صلواتون ۽ سلام، عمر پر آيا بحران لک
تنهنجي درماني ڪپي بيمار کي، آزمائي مون ڏٺا درمان لک
آهي هر ڪنهن کي شفاعت جو يقين آس ان تي شاه ۽ دربان لک
هڪ تہ خادم موڪلي تو تي سلام........... انسان لک.

# مولانا الحاج رحيم بخش قمر

سنڌ جو سجڻ، سچو عاشق رسول ﷺ سچاڻ شاعر ۽ خطيب حضرت مولانا الحاج رحيم بخش قمر ولد محمد عيسيٰ لاکو 22 نومبر 1933ع تي ڳوٺ عمر راهو تعلقي دولتور صفن ضلعي نوابشاه ۾ ڄائو. تعليم جو آغاز شڪارپور جي مدرسي انوار العلوم مان مولانا عبدالله صاحب وٽان ڪيائين. پوءِ مختلف مدرسن مان حضرت پير غلام مجدد سرهندي علامه ڪريم بخش مگسي ۽ مولانا محمد هاشم انصاري جهڙ عالمن وٽ پڙهيو. زندگيءَ جو وڏو حصو نوابشاه ۾ گذاريائين آخر عمر مهراڻ يونيورسٽي نوابشاه خطيب ۽ پيش امام مقرر هو. شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين ۽ حافظ محمد احسن چنا کي پنهنجو استاد ڪري ورتائين. مولانا جا نثر ۽ نظم ۾ چاليهاروڪن ڪتاب آهن. جن مان 28 ڪتاب ڇپيل ۽ ڊزن کن اڻ ڇپيل آهن. غزلن جو مڪمل ديوان به اٿس. جيڪو ديوان قمر جي نالي سان شايع ٿيل آهي. سير پاڪ تي سندس لکيل ڪتاب سيرت خاتم الانبياء سندس بهترين تصنيف آهي. جنهن تي سال 1986ع تي صدر پاڪستان طران ڪيس پنج هزار روپيه انعام ۽ سيرت ايوارڊ جي سند عطا ڪئي ويئي. مولانا صاحب 26 نومبر 1993ع تي جمعي جي ڏينهن شام جو 4.30 وڳي اسان کان جدا ٿيو.

تنهنجي مست نظر پيغمبرڪيا، مخمور هزارين مان نه رڳو
تنهنجي زلف اسير ڪثير ڪيا، مجبور هزارين مان نه رڳو

اي ماهِ جبين سر تاج حسين تنهنجي در تي جبين هجي منهجي مبين
تنهنجي سونهن بسونهن ورونهن ڪيو معمور هزارين مان نه رڳو

تون شاد هجين آباد هجين هر وقت هنئين ۾ ياد هجين
تنهنجي ريت پريت ۽ جيت جو ٿيو مذڪور هزارين مان نه رڳو

تو ديد سعيد مجيد ڪئي ريءَ عيد جي اکڙين عيد ڪئي،
تنهنجي ڦال جمال نهال ڪيو، مسرور هزارين مان نه رڳو

اي رشڪ "قمر" تنهنجي ناز نظر ڪيو دل تي اثر ٿيو زخمي جگر،
تنهنجي گُهور ظهور ڪلور ڪيو، ٿيا چُور هزارين مان نه رڳو.

( محترم بشير احمد ڪلهوڙي راٽيپوري جي ٿورن سان)

# صوفي ولي محمد تراب

صوفي ولي محمد "تراب" 1936ع حضرت صوفي مبارڪ علي شاه جن ججي گهر ۾ تولد ٿيا. سندن تعلق جهوڪ شريف واري جوڌي شاهه عنايت شهيد جي فرزند صوفي سلام الله تر ڏٽي تجل شريف تعلقو نارو ضلعو خيرپور سان آهي. پاڻ سنڌي فائنل پاس هئا.1948ع ۾ پاڻ درگاه حضرت صوفي سلام الله شاه جا نائون نمبر سجاده نشين رهيا. سندن ڪلام سنڌي سرائڪي اردو هندي ۽ فارسي زبان ۾ چيل آهي. شاعريءَ ۾ سندن تخلص تراب آهي. شاعريءَ ۾ سندس استاد حضرت امداد عباسي صوفي القادري فدا ميرانپوري ۽ داتا ولايت علي شاه انباه جن هئا. پاڻ 9 ربيع الثاني 1417هه مطابق 25 سيپٽمبر 1996 بروز ڇنڇر وصال ڪري ويا.

تنهنجي هسن سرتاج متي نثار ڪروڙين مان نہ رڳو
ڪيئي سڪندا ويا سڪندا رهيا هروار ڪروڙين مان نہ رڳو

تون شمع تہ ٻيا سڀ پروانا ڪيئي دانهہ تي ويا ديوانا،
ڪيئي سالڪ مست ملنگ ٿيا بي شمار ڪروڙين مان نہ رڳو

تنهنجي صورت تان قربان ٿيان لک لک درود سلام ڏيان،
ڪيئي بزرگ شيخ مخدوم ميان پيزار ڪروڙين مان نہ رڳو

توکي رحمت جو درياه چوان، توکي شاهن جو مان شاه چوان،
غوث قطب اوليـاء مطيع سردار ڪروڙين مان نہ رڳو

شمس و قمر قربان ٿيا ملڪ حورون دربان ٿيا،
جن انس ملائڪ حور پري، جاندار ڪروڙين مان نہ رڳو

صورت يوسف جي هئي چنڊ جهڙي پر عاشق زليخان ٿي هڪڙي،
تنهنجي عاشقن جو نہ شمار ڪوئي، اکيچار ڪروڙين مان نہ رڳو

پڙهان صلوات سردار متي ڪري ڪرم "تراب" بدڪار متي،
ڪيئي سوالي تنهنجي در تي ٿيا پينار ڪروڙين مان نہ رڳو

(اذان عشق صوفي ولي محمد تراب جو ڪلام
سهيڙيندڙ: نصر الله ڏاهري)

# مولوي ثناءُ الله جتوئي

”شل مديني پار ڏي قادر منهنجي قسمت ڪري“ جو مشهور شاعر مولود لکندڙ مولوي ثناءُ الله جتوئي 1937ع ۾ سيف الدين جي گهر ۾ ڳوٺ عالم خان جتوئي تعلقو پنوعاقل ۾ ڄائو. هن وقت الف الدين جتوئي ڳوٺ ۾ رهي ٿو. سنڌي فائنل ڳوٺ دقر جتوئي ۾ ڪيائين. مولوي جي پڳ منزل گاه سکر ۾ ٻڌائين جيڪو مولوي ٽيندڙن جو پهريون بيچ هو. سندس ننڍپڻ ۾ پڙهائي وارن دوستن ۾ محمد هاشم رڪشاني محمد رحي رڪشاني مولانا علي محمد سهندڙو مولانا عبدالرحيم بروهي مولانا عبدالقادر دايو سلطان پور مولانا عبدالباقي سومرو مولانا حڪيم زبير احمد لاڪو (لاڪو لنجاري) مولانا عبدالڪريم لنجار شامل آهن. مولانا صاحب 1977ع کان شاعري شروع ڪئي.

تنهنجي حسن عجب حيران ڪيا انسان هزارين مان نہ رڳو،
ڪيئي حيرت ۾ حيران ٿيا، سلطان هزارين مان نہ رڳو

محبوب جو مان چا شان چوان جنهن جو خلق سڄو قرآن چوان،
تنهن جي مٽ نہ ڪوئي انسان چوان، قربان هزارين مان نہ رڳو

ڪيئي شاه گدا مسڪين ڏٺم، ڪيئي مير غني غمگين ڏٺم،
سپ سيد جا شوقين ڏٺم، مستان هزارين مان نہ رڳو

قرآن مبارڪ شان ٿيو، معراج جنهين جو مان ٿيو،
نڪي جهڙس ڪو انسان ٿيو، دربان هزارين مان نہ رڳو

خدا پاڪ جنهن کي دلدار ڪيو، هن امت جو سردار ڪيو،
ثناءُ الله سندو آذار ڪيو،ثناخوان هزارين مان نہ رڳو.

( نعت خوان محترم يوسف سومري صاحب جي ٽورن سان)

# ضياءُ الدين "ضيا" خياروي

ضياءُ الدين "ضيا" خياروي ولد پير غياث الدين پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ 1937ع ۾ ڄائو. نوابشاه ضلعي جي مشهور ضلعي جي مشهور درگاه خياروي شريف جو چشم چراغ هو. سنڌي فائنل ۽ اديب فاضل سنڌي پاس هو. ڪافي وقت پرائمري استاد رهيو. 1959ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. ضياءُ الدين ايس بلبل کان شاعريءَ جي اصلاح ورتائين. شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. جيڪا سنڌي جي مشهور رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو ڪشڪول سخن قلمي صورت ۾ موجود آهي.

تنهنجي جوت جمال ڪمال سندا، جنسار هزارين هڪ نہ رڳو
ريءَ تيل قليل ڏهار سوا،سينگار هزارين هڪ نہ رڳو

تنهنجو ناز نئون انداز پرين، ريءَ ساز سنو آواز پرين،
تنهنجي ٻولي متي ممتاز پرين، اسرار هزارين هڪ نہ رڳو

تنهنجو حسن هزار بهار عجب سونهن سراپا اسرار عجب،
تنهنجي قامت قد، مقدار سبب، خمدار هزارين هڪ نہ رڳو

تنهنجو ظاهر نور ظهور شهر بحر بر مشهور ٿيو،
مشهور "ضيا"گهڻو طور ٿيو، ڪوهسار هزارين هڪ نہ رڳو.

(نوابشاه ضلعو ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي جي ڪتاب تان)

## مير غلام حسين مير

غلام حسين ولد قادر بخش ذات چانديو ڳوٺ جنگو خان چانديو ۾ 1936ع ۾ڄائو. ابتدائي تعليم ناظره قرآن مجيد ۽ سڪندر نامہ تائين فارسي ڪتاب پنهنجي ڳوٺ ۾ مولوي محمد خان وٽ پڙهيو. سنڌي پنج درجا ۽ عربيءَ جا ڪجهہ ڪتاب مولانا علي محمد ڪلمتي بلوچ وٽ ڳوٺ مولوي ابوبڪر تعلقي ميرپور ساڪري ۾ پڙهيو. اعليٰ تعليم دارالفيوض هاشميہ سجاول ۽ ٻين مدرسن ۾مشهو عالمن وٽان پرايائين. شاعريءَ جي شروعات ننڍپڻ ۾ پڙهڻ دوران ڪيائين جو ساڪري طرف جو مشهور شاعر رشيد احمد ساڪرائي مدرسي ۾ ايندو هو ۽ پنهنجا شعر ٻڌائندو هو. جنهن کان متاثرٿي هن بہ شعر جي فن بابت ڪجهہ سکيا حاصل ڪيائين. مير صاحب شاعريءَ جي مروج سڀني صنفن تي شعر چيو آهي. سندس مشغلو زميندار ي آهي.

تنهنجي جوت جمال ڪمال ڪيا، حيران لکين هڪ مان نہ رڳو،
توتي حور پري ڪل انس رجال، مستان لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجو شان رفعنا لڪ شاه جهان، پڙهن توتي درود داراءِ زمان،
تنهنجي نام سان آهي رطب اللسان، لقمان لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي خوان ڪرم تي خان ڏٺم، سوالي در تي أيا سلطان ڏٺم،
فاتح زير نگين فرمان ڏٺم، خاقان لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي جام پيئڻ وارا جامي هئا، سعدي ٻيا بہ ثناگر سلامي هئا،
تنهنجي نعت پڙهڻ لئہ نظامي هئا، نازان لکين هڪ مان نہ رڳو.

بي مهره رهي جڏهن برڪت کان وئي چوپ حنا نہ فرقت کان،
تنهنجي هجر رئا رياهي حسرت کان بي جان لکين هڪ مان نہ رڳو

آهي ختم الرسل جي هي خاص ثنا، ملحوظ ادب کان رک "مير" ادا،
هت ڪيا فرق مراتب جي فڪر فنا محبان لکين هڪ مان نہ رڳو.

(نٿو صدين کان رسول بخش تميمي)

# حافظ نثار احمد "حافظ سنڌي"

نثار احمد ولد محمد منگي جو جنم 1937ع ڌاري شڪارپور ۾ ٿيو. سندس والد کين ننڍي هوندي مدرسه اشرفيه شڪارپور داخل ڪرايو. جتي پاڻ ناظر قرآن پاڪ پڙهيو ننڍي هوندي کان ئي پاڻ نهايت ذهين هو. ان ڪري استادن جي توجه جو مرڪز بڻيو. حافظ صاحب جو ڪلام ، ڪلام حافظ سنڌي مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور طرفان ڊسمبر 2019ع ۾ ڇپرو ٿيو آهي.

صـورت ڏسـي سـڄـڻ جـي، حـيـران ٿـيـا هـزاريـن،
حـور و مـلـڪ ۽ رضـوان غـلـمـان ٿـيـا هـزاريـن.

ڇـا تـاب دلـبـري آ، ڪـتـي قـيـد هـر پـري آ.
سـوگـهـا سـگـهـارا سـارا سـلـطـان ٿـيـا هـزاريـن.

مـهـتـاب هـت خـجـل آ، سـاجـد بـه جـان و دل آ،
اهـڙا انـهـي جـي رو تـان قـربـان ٿـيـا هـزاريـن.

مـطـلـع تـي ايـريـو اخـتـر، گـلـشـن بـڻـيـو تـه بـهـتـر،
سـارا سـقـيـم لاغـر، خـنـدان ٿـيـا هـزاريـن.

نـوري تـمـام خـادم، مـخـدوم جـا مـلازم،
دائـم نـبـي جـي درجـا دربـان ٿـيـا هـزاريـن.

نـاريـن ۾ تـاب نـاهـي ان جـو جـواب نـاهـي،
پـيـڪـر ڏسـي پـريـنءَ جـو پـروان، ٿـيـا هـزاريـن.

جـلـوو جـهـيـن جـو دلـڪـش، مـوهـي ڇـڏيـا پـري وش،
پـيـريـن پـيـادا پـهـتـا، مـهـمـان ٿـيـا هـزاريـن..

گـوهـر فشـانـي گـفـتـو، جـنـهـن پـي ٻـڌو سـو پـهـتـو،
گـهـر ٻـار ڪـي وسـاري، سـلـمـان ٿـيـا هـزاريـن.

( محترم محمد ياسين ڪنير جي ٿورن سان)
ڪلام حافظ سنڌي مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور

# ڪرم ٽالپور

قادر بخش تخلص ڪرم ولد عنايت علي ٽالپور 21 ڊسمبر 1940ع تي ڳوٺ ٽالپور وڏا ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. 1952ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري طب جو پيشو اختيار ڪيائين. بعد ۾ 1965ع فوج جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو جتان 1990ع ۾ جونيئر آفيسر (وڏو صوبيدار) جي عهدي تان رٽائر ٿيو. نوڪريءَ کان پوءِ وري حڪمت شروع ڪيائين. ۽ ٽالپور وڏا ۾ صوفي دواخانو کوليائين. سٽن زبانن ۾ شاعري اٿس. شاعريءَ جي هر صنف تي ڪلام چيائين. ڪجهه شعري مجموعا ڇپيل اٿس. ريڊيو پاڪستان خيرپور جي مختلف پروگرامن لاءِ تحريرون پڻ لکيائين جنهن تي ريڊيو طرفان کيس بهترين ليکڪ جو سرٽيفڪيٽ بہ مليل آهي. مختلف تنظيمن طرفان پڻ کيس بهترين شاعر ليکڪ ۽ مقرر لاءِ ڪيترائي سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊون مليل آهن.

محبوب مٺا تنهنجي حسن مٿان، حيران هزارين ٿي رندا ٿا وتن،
هڪ عاشق تنهنجو مان نہ رڳو، انسان هزارين ڦرندا ٿا وتن.

تنهنجي صورت لاءِ ٿو هر ڪو سڪي، آ هر جا تنهنجي هاڪ حسن،
منهن پاڪ ڏسڻ لاءِ منهنجا مٺا، مهمان هزارين ڦرندا ٿا وتن.

تنهنجي ٻاجهہ جو هر ڪوئي ٻانهو آ، تنهنجي نينهن جو هر ڪوئي نوڪر آ،
تنهنجي در جي غلاميءَ جي خاطر، دربان هزارين ڦرندا ٿا وتن

تنهنجي سيرت تان سر ساهہ فدا، تنهنجي ڳڻن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪيان،
تنهنجي قرب هٿان ۽ ”ڪرم“ مٿان، قربان هزارين ڦرندا ٿا وتن

# مولانا جمال الدين اجمل کھڙو

مولانا جمال الدين اجمل کھڙو ولد علي بخش کھڙي جوجنم جيڪو پاڻ پنهنجي ڪتاب الرياض الاجمل جي مهاڳ لکرائڻ وقت لکرايو ان موجب سندس پيدائش اڪتوبر مهينو سن 1942ع باک ڦٽيءَ جي وقت ٿي. عبدالجبار عبد صاحب (حيران هزارين) ۾ سندس جمڻ جو سال 1928ع ڄاڻايو آهي. جيڪو غلط آهي ڳوٺ گرام تعلقو گمبٽ ضلعوخيرپور ميرس آهي. پاڻ پرائمري ۽ سنڌي فائنل جو امتحان ڳوٺ جي ئي اسڪول مان پاس ڪيائون. انگريزي جي ٽي درجا هڪ ڳوٺ ٻيلهاڙو جي اسڪول ۾ پڙهيا. ديني تعليم ڳوٺ جي پرسان ستابو نالي ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهيا.جتي سندن استاد حبيب الله ولد علي نواز رتڙ هيو. فارسي جي تعليم سڪندرنامہ تائين پڙهي عربي تعليم صرف و نحو منطق اصول حديث جا اٺ ڪتاب ۽ تفسير پڙهيا. سندن مرشد سيف الرحمان المعروف پير ارچي لاهو وارا آهن. پاڻ ڪجهہ ڪتاب بہ لکيائين شعر ۾ اجمل تخلص اٿس. 1 ذوالحج 1434ھ مطابق 31 آڪٽوبر 2011ع تي وصال فرمائي ويا. سندن ابدي آرام گاه آستانہ عاليہ چشتيہ انوار سيفيہ گهرام شريف تعلقي گمبٽ آهي.

تنهنجي جلوي جمال ڪمال ڪيا پروان ڪروڙين مان نہ رڳو،
تنهنجي تانگهہ طلب ۽ تلاش ۾ ٿيا گردان ڪروڙين مان نہ رڳو.

ڪيئي رومي شامي ٿيا، ڪيئي سعدي جامي نظامي ٿيا،
ڪيئي عاشق اويسي نامي ٿيا قربان ڪروڙين مان نہ رڳو.

شيدا شاه لکين رند راه پچن، سچ چند ستارا مست ڦرن،
محبوب اوهان تان سر ساهہ ڏين جندجان، ڪروڙين مان نہ رڳو.

اي جان جهان اي شاهِ زمن، مرجان مثل موهيو لعل لبن،
منگتا مير فقير پيا ينو پنن، دردان ڪروڙين مان نہ رڳو.

ڏينهن رات ڪي تات اوهان جي آ، ڪائنات ۾ نعت اوهان جي آ،
محبوب ئي ذات اوهان جي آ، محبان ڪروڙين مان نہ رڳو.

لجپال اوهان جي لڙهہ لام ڪيئي، سردار سڪندر سام ڪيئي.
پين شوق ۽ ذوق جا جام ڪيئي. مستان ڪروڙين مان نہ رڳو

سرڪار حسن سرتاج مٺا، اٿو ”اجمل“ تي پي راج مٺا،
آهن در اوهان جي محتاج مٺا، دربان ڪروڙين مان نہ رڳو.

( الرياض الاجمل جمال الدين ولد علي بش کھڙو ”اجمل“)

# ڊاڪٽر عبداللطيف قمر لغاري

ڊاڪٽر عبداللطيف قمر لغاري سنڌ جو ناليوارو شاعر هو. هو ضلعي سانگھڙ جي شهر سرهاڙي ۾ڄائو. سندس نعتيه شاعريءَ جو مجموعو گل عقيدت جا سال 1985ع ۾ شايع ٿيو. تقريبا نوي جي ڏهاڪي ۾ وفات ڪيائين.

سچي سرور تي صلوات پڙهن انسان هزارين مان نہ رڳو،
جنهن جي جوت جمال ڪمال ڪيا حيران هزارين مان نہ رڳو.

هر فرد پڙهو ۽ ٻار جوان صلوات سين ڪي ورد زبان،
تنهنجي ڪلمي ۽ قرآن مٿان فرمان هزارين مان نہ رڳو.

جيڪي شان شريعت جو سمجهن، سي حب مان هلي طيبہ ڏي وڃن،
ٿي امير وزير فقير وڃن، احسان هزارين مان نہ رڳو.

محشر ۾ شفا لاءِ عرض ڪندا، مون جهڙا بدڪاربندا،
تنهنجي درشن ۽ ديدار سندا، خواهان هزارين مان نہ رڳو.

علماء حق فصيح اللسان ڪن سيرت سان تبليغ قرآن،
شاعر بہ شريعت وارا پيٽا ڪن، شان هزارين مان نہ رڳو.

جڏهن نرمل نور ظهور ٿيو، باطل جو انڌيرو دور ٿيو،
هر قلب "قمر" مسرور ٿيو، مستان هزارين مان نہ رڳو.

# درگاهي ميراڻي

عبدالرحمان المعروف درگاهي ميراڻي ولد واحد بخش ميراڻي 5 مارچ 1942ع تي تعلقي لکي ضلع شڪارپور جي ڳوٺ انباه لڳ چڪ ۾ ڄائو. سندس وڏا روهڙي شهر جا رهاڪو هئا. سندس والده جڳ مشهور فنڪاره بيگم فقيرياڻي انباه جي صوفي درويش داتا ولايت شاهه جيلاني جي مريدياڻي هئي.جنهن پنهنجي هن ننڍڙي ٻار کي پنهنجي مرشدن جي درگاه تي جنم ڏنو.انڪري سندس والده سڳوري کيس پيار ۽ عقيدت وچان درگاه ڏنو جي نالي سان سڏيندي هئي. جنهن ڪري پاڻ درگاهي ميراڻي جي نالي سان مشهور ٿيو درگاهي صاحب ايم اي انگريزي ۾ ڪرڻ کان پوءِ ليڪچرار مقرر ٿيو. ادب شاعري راڳ ۽ ترجمي ۾ ڏاڍو نالو ڪڍيائين. شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪيائين.ليڪن ڪافيءَ تي دسترس حاصل هيس. روهڙيءَ ۾ هر هفتي وٽس وڏي ادبي ڪچهري ٿيندي هئي. لطيف سائين، سچل ۽ بدل جي ڪجهه شاعري انگريزي ۾ ترجمو ڪئي هئائين. نامور اديب ۽ شاعر اختر درگاهي سندس فرزند آهي. درگاهي مرحوم 23 اپريل 1988ع تي اسان کان جدا ٿي ويو.

هن سهڻيءَ ڌرتيءَ پيدا ڪيا، انسان هزارين مان نه رڳو،  
هت سورهيه ٿيا سرويچ سوين ٻلوان هزارين مان نه رڳو.

هٿيار هلائي همت سان پنهنجي عمر گذاري امر ٿيا،  
ٿيا جڪري جهڙا ڪئي جوڌا ۽ جوان هزارين مان نه رڳو.

هت ڪيئي سوليءَ چڙهندا ويا ته به نينهن جا نعرا هڻندا ويا،  
هت هيمو هوشو دودا ۽ دريا خان هزارين مان نه رڳو

هت چارڻ وارا چنگ چريا، هت ڏاڍ جا ڪيئي ڏيل ڏريا،  
ٿيا آزاديءَ جا صدين کان، اعلان هزارين مان نه رڳو.

هيءَ گهوٽ پٽائي نگري آ ۽ شاه عنايت سنڌڙي آ،  
گهوري مان هن تان جندڙي آ ، قربان هزارين مان نه رڳو.

(محترم اختر درگاهي)

## پير سيد غلام جيلاني شاھ

پير سيد غلام جيلاني ولد سيد زين العابدين شاھ جيلاني 31 مئي 1946ع تي نورائي شريف ۾ ڄائو. عربيءَ جا ابتدائي سبق مولانا خليل احمد برڪاتي ۽ مولوي عيسيٰ وٽ پڙهيو. پوءِ زميندار سنڀاليائين.1976ع ۾ والد جي وفات سبب مڪليءَ تي اچي قيام پذير ٿيو. هر مهيني جيلاني هائوس مڪليءَ تي اجتماع ڪندو هو جتي مسجد ۽ مدرسو زين العلوم قادريہ جيلانيہ قائم ڪيائين. جنهن جو مهتمم سندس ٻيو نمبر فرزند سيد غلام رضوائي شاھ آهي. جيڪو دستار بند عالم آهي. سيد سڳوري کي ادب سان پڻ چاھ هو. انڪري بزم جيلاني بہ قائم ڪيائين جنهن جو پاڻ سرپرست اعليٰ هو.هن تنظيم جو پهريون صدر عزيز جعفراڻي ۽ سيڪريٽري حافظ حبيب سنڌي ٿيا. پير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ پير تخلص ڪم آندو آهي. سندس ڪجھ ڪتاب بہ ڇپيا آهن شاھ صاحب جي دوستن جو حلقو وسيع هو. ڪيس چار فرزند آهن. پير صاحب 11 رمضان المبارڪ 2017ع تي وصال ڪري ويا.

تنهنجي پيار پري رخسار مٿي، مستان لکين هڪ مان نہ رڳو
ان ناز اندر انداز اندر،حيران لکين هڪ مان نہ رڳو

ايءَ ترڇي نظر سيني مان ٻهر، ات ڪيئن خنجر جي قوت آ،
ان تيرڪيا دلچير مڙئي، نيشان لکين هڪ مان نہ رڳو.

گفتار تنهنجي منٺار منا، اقرار سوا بس ڪين چڏي،
لب لال انهيءَ بيحال ڪيا، انسان لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجا وار منا ڪئين ڪار ڪري پيا هار گلي منجھ دامون ٿي،
ان دام ڪيا قتلام سٽي، پهلوان لکين هڪ مان نہ رڳو.

چا شمس قمر اڳيان تنهنجي نظر، تون مڙنئان ڪٺر منهنجا ماه لقا،
پوءِ”پير“ نہ ڪيئن دلگير ٿئي، پروان لکين هڪ مان نہ رڳو.

# گلشن ڪنڌر

سکر بئراج لڳ هڪ قديمي ڳوٺ عاليءَ پور ۾ 2 فيبروري 1949ع ڌاري سندس جنم ٿيو. جتي ابتدائي تعليم پڙهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ اهو ڳوٺ مهراڻ جي موجن جي ور چڙهي ويو. پوءِ پريالوءِ جي پرسان اچي وينا. جتي ساڳئي عالي پور جي نالي سان اسڪول کليو پرائمري تعليم پوري ڪري پريالوءِ هاءِ اسڪول مان 1966ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. انٽر پاس ڪري 1972ع ۾ ڪراچي ۾ سنڌي ماستر مقرر ٿيو. جتي نامور استادن استاد نور محمد لاشاري ۽ استاد امام بخش بلوچ جن جي ماتحت سنڌي تعليم جي خدمت ڪيائين. آخر 1992ع ڌاري پنهنجي ڳوٺ بدلي ڪرائي آيو. 1992ع ۾ هاءِ اڪول پريالوءِ ۾ ايچ ايس ٽي ٿيو. 1998ع ۾ رٽائر ڪيائين.

محبوب محمد جي ثنا ڪرن، ساراهه لکين هڪ مان نه رڳو،
ان چاهه ۾ ڪيئي مست ٿيا، داناءَ لکين هڪ مان نه رڳو.

ڪي عشق منجهان ٿا شعر لکن، ڪي درد منجهان ٿي گيت چون،
ڏينهن رات لکن،سڀ شان سدا، شعراءِ لکين هڪ مان نه رڳو.

جن دل ۾ رکي الفت سچي سي پاڻ پتوڙي پار ٿيا،
ڪي نيڻ ڪٽي وينا ئي ڏسن،اها راهه لکين هڪ مان نه رڳو.

دين ڏنو محبوب سچو، ان دين مٿان "گلشن" به فدا،
قربان ڪرن سو بار دفعا، سر ساهه لکين هڪ مان نه رڳو.

(محمد ياسين ڪنير جي ڇپيل ڪتاب: گلشن جا گل")

# عبداللطيف لطيف سومرو

عبداللطيف سومرو ولد جان محمد سومرو 3 اپريل 1954ع تي شڪارپور جي پرسان مريد سيٹار نالي ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. پاڻ هڪ سٺي نثر نويس هجڻ سان گڏوگڏ سيبتو شاعر به آهي. پهريائين اداسي تخلص هوس هن وقت لطيف ڪم آڻي ٿو. پيشي جي لحاظ کان استاد آهي. سندس رهائش شڪارپور ۾قلم قافلہ محلي ۾ آهي.

تنهنجي پيارا نرمل نيهه ڪيا، ناشاد هزارين مان نہ رڳو،
شب روز ٿا توکي شوق سان ڪن پيا ياد هزارين مان نہ رڳو.

جي ڏي بہ تو آهن نيڻ ڪنيا، جڻ ڦهري تون تن کي تير هنيا،
ان چست نشاني بازيءَ ٿيا، برباد هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجا وار سهٽل آهن چا، ڪاڪل ڪارا ڪارا ڪنڊڙا،
ان زلفن ۾ ٿي قيد پيا، آزاد هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي حسن جا عجب اسرارمنا، جيڪي بہ اڳيا تنهنجي آيا،
ٿي نرم پيا صاحب دل جا، فولاد هزارين مان نہ رڳو.

هن پنهنجي "لطيف" جا پيارا، دک درد وجائن سپ دل جا،
هر هنڌ ڪن پيا تنهنجي ثنا، استاد هزارين مان نہ رڳو.

(حيران هزارين عبدالجبار عبد)

# عبدالقيوم جوهر بروهي

مولانا عبدالقيوم جوهر بروهي 28 جنوري 1950ع تي ٽريچاڻي تعلقي پنوعاقل ضلع سکر ۾ جنم ورتو. مئٽرڪ درس نظامي ۽ دوره تفسير جا امتحان پاس ڪيل اٿس. ناميارو محقق شاعر ۽ نقاد آهي. 1994ع ۾ بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد مان دعوه ڪورس مڪمل ڪيائين. قاري محمد مدنيءَ وٽ تجويد جو علم پڙهيو. مدرسه عربيه محمديه فريدآباد ۾ سندس گران قدر خدمتون آهن. شاه لطيف جي ڪيترن سرن جو براهويءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿائين. ڪاڇي ۽ ڪوهستان بابت وسيع ڄاڻ رکي ٿو. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. بزم لطيف ميهڙ جو سرپرست اعليٰ آهي. شاعري جي فن کان بخوبي واقف آهي. جوهر تخلص استعمال ڪري ٿو.

تنهنجي قدرت قرب ڪمال اڳيان، حيران هزارين مان نه رڳو،
هر شام و سحر تا حمد پڙهن انسان هزارين مان نه رڳو.

ملڪن ۾ ڇٽيل سج چنڊ ڪتيون، صدين کان ٻرن تارن جون بتيون،
تسبيح تا ڳائن صدق منجهان نيشان هزارين مان نه رڳو.

ڪو صفي ٻه آ ڪو خليل ٻه آ، ڪو ذبيح ڪليم جميل ٻه آ،
پر مدني مير محابي مڃن، احسان هزارين مان نه رڳو.

بوبڪر عمر عثمان علي، تسبيح پڙهن تا پير ولي،
هر پيري اچي تا در تي جهڪن، سلطان هزارين مان نه رڳو.

تون دردن منجهه دوا ٻه ڏئين، تون مرضن منجهه شفا ٻه ڏئين،
تنهنجي قدرت حيرت منجهه وڌا، لقمان هزارين مان نه رڳو.

تون رحيم ڪريم ۽ رازق آن، تون عليم بصير ۽ خالق آن،
تنهنجي مهر ڪري آباد ٿيا، ويران هزارين مان نه رڳو.

تنهنجو ڪافي ڪشادو رب در آ، جت سوالي بروهي جوهر آ،
ان در تان وٺن تا فيض ڪرم، عرفان هزارين مان نه رڳو.

(محمد ياسين ڪنير جي ٿورن سان ناز پروڊڪشن ڪيسٽ نمبر 42
آواز حاجي امداد الله ڦلپوٽو صاحب)

# ميان رسول بخش تميمي

ميان رسول بخش ولد ميان محمد عمر تميمي جي پيدائش اپريل 1953ع جاتي ضلعي سجاول ۾ ٿي. سندس تعلق عرب جي ممتاز قبيلي بنوتميم سان آهي. ابتدائي تعليم پنهنجي شهر جاتيءَ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين. ايم اي اسلامڪ ڪلچر ۽ مسلم هسٽري جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽيءَ مان ورتائين تميمي صاحب پنهنجي استاد محمد يوسف ٿهيم ۽ دوست محمد نسيم ڪٽي ترغيب سان ادبي دنيا ۾ پير پاتو. محترم عزيزجعفراڻي جي تربيت سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو.مشهور اسڪالر ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ،قلندر شاه لڪياري پروفيسر محبوب سروري معمور يوسفاڻي شيخ سومار جي رهنمائي ۽ صحبت ۾ نثر طرف لاڙو ٿيس. تميمي صاحب جو ڪيترن ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جي قيام ۾ هٿ ۽ وابستگي رهي آهي. حافظ حبيب سنڌي سندن ادبي دوست رهيو آهي. ادبي ميڙاڪن ۾ سندس شرڪت يقيني هوندي آهي تميمي صاحب ڪافي ڪتابن جا مصنف آهن. جن ۾ (01) محمدرسول الله ﷺ جي سيرت پاڪ هن ڪتاب تي ڪين صدارتي ايوارڊ مليو. (2) قرآن پاڪ جي 30 پاره جو بي نقط تفسير تميمي (3)شيخ سلامت عرف مقليين (4) تاريخ جاتي (5) ٺٽو صدين کا (6) عرب ۽ هند جا لاڳاپا (سنڌي ترجمو (7) سراج السالڪين (8) علامہ علي محمد مهيريءَ جو رسالو (9) تاريخ تميم (اردو) (10) سيد عبدالهادي عرف جميل شاه گرناري (11) ضرب تميم (12) طرب وطن شاعري ڪين ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن جن ۾ صدارتي ايوارڊ مگر پين تاريخي ايوارڊ لاهور ميونسپل ڪارپوريشن يادگار شيلڊ سنڌ ماڊڪ موتي تنظيم شيلڊ ادبي ايوارڊ آف ڪاروان ادب سنڌ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ايوارڊ شامل آهن. ڪين چار پٽ ۽ ٽي نياڻيون آهن.

هڪ جلوي جوت جمال ڪيا، حيران لکين هڪ مان نہ رڳو،
ناز نياز و انداز ڪيا، مستان لکين هڪ مان نہ رڳو.

سيرت صورت جا ڪمال ٿيا، الفاظ ڪٿان اهڙا آڻجن،
تعريف پيا ڪن جن ۽ ملڪ انسان لکين هڪ مان نہ رڳو.

ارض و سما ۾ جهڙس نہ ڪو آ، مخلوق ۾ ثاني ناهي ڪوئي،
واڪاڻ پيا ڪن پن گل وڻ بستان لکين هڪ مان نہ رڳو.

محبوب سين مخلوقن جو خالق پڻ محبوب چئي ٿو،
بر سر ان محبوب مٿي هن، قربان لکين هڪ مان نہ رڳو.

هن جي در تي دربان ڏنم، خان گهڻا خاقان بہ جهڪيل،
فاتح ڪيئي هٿ زير نگين سلطان لکين هڪ مان نہ رڳو.

# ارباب علي عادل چوهاڻ

ارباب علي عادل چوهاڻ ولد محمد ابراهيم چوهاڻ 20 مئي 1957ع تي شڪارپور ۾ ڄائو پاڻ هڪ استاد آهي. نظم سان گڏ نثر ۾ لکي رهيو آهي سندس ڊزن کن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ عقلمند ڪانءُ ۽ شرارت جي سزا قابل ذڪر آهن. سندس مستقل رهائش شڪارپور ۾ ڪوٽ اختر محمد شيخ محلي ۾ آهي. مئي 2017ع ۾ رٽائر ڪيائين لکڻ جي شروعات 1980ع کان ڪيائين شاعريءَ ۾ سندس اصلاح عزيز الله عزيز بروهي ڪئي. کيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن.

تنهنجي قرب سڄڻ ڪيئي قيد ڪيا انسان هزارين مان نہ رڳو،
اخلاق عجب تان سارا فدا، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي سونهن برابر ناهي منا، ڪو شمس قمر يا تارا ڪتيون،
سڀ حسن منا تنهنجي موهي وڌا، حيران هزارين مان نہ رڳو.

سرشار سوين تنهنجي پيار ڪيا، ديدار لئہ ڪئي ديوانا ٿيا،
هي پير فقير ۽ شاه گدا،دربان هزارين مان نہ رڳو.

پروانا مديني پهچي ويا،اکڙين سان ڏسنتا روضو منا،
ٿيا شهر مديني ۾ ڪيئي ڪنا، مستان هزارين مان نہ رڳو.

گفتار تي عاشق جڳ ۾ سوين، هر دلڙي اها ٿي ڳالهہ مڃي،
پرواني جيان هر هڪ ٿو پڇي، قربان هزارين مان نہ رڳو.

سڪ تنهنجي دل ۾ سرس رکن ٿا پرت جا پير پري هو اڇن،
در تنهنجي سلامي سارا ٿين، خاقان هزارين مان نہ رڳو.

ساراه ۽ شاعر نعت لکن، مولود غزل ۽ گيت چون،
ٿا چاه ۾ "عادل" شعر پڙهن، مدح خوان هزارين مان نہ رڳو.

(حيران هزارين عبدالجبار عبد)

# حافظ عبدالجبار عاجز جتوئي

حافظ عبدالجبار عاجز جتوئي پنوعاقل تعلقي جي مشهور ڳوٺ دقر ۾ 1957ع تي جنم ورتو. دقر جي پرائمري اسڪول مان پنج درجا پاس ڪري پنهنجي والد صاحب سان ٻني ٻاري جي ڪم هٿ ونڊائڻ لڳو. جنهن بعد علم جي پياس ڪيس ويهڻ نه ڏنو ۽ پنوعاقل جي جامع مسجد ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيائين. ڪجهه عربي ۽ فارسي جا ڪتاب به پڙهيو. پاڻ پرت ۽ ڪشيده ڪاري جي ڪم ۾ مهارت رکي ٿو. 1997ع کان شعر چوڻ شروع ڪيائين. ڪراچي جي لياري واري علائقي ۾ جتي سندس دڪان هو. ان علائقي ۾ بزم طالب الموليٰ شاخ جو ميمبر ٿيو. جتي محترم محمد اقبال شاهين شاعريءَ جي فن بات ڪيس ڄاڻ ڏني. سال 2008ع ۾ ڪراچي کي الوداع چئي ڳوٺ موٽي آيو. ۽سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر ۽ عهديدار رهندو آيو نهايت مخلص ۽ محنتي انسان آهي.

تنهنجي تعريف لکن محبوب خدا، مشتاق هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي حڪمن حاڪم قيد وڏا، مشتاق هزارين مان نہ رڳو.

تون سين نبين زيب بڻين، تون دين دنيا لاريب بڻين،
تون ئي حڪيم طبيب بڻين، تون امت جوئي حبيب بڻين،
سڀ تو تي پڙهن صلوات سدا،مشتاق هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي حسن ڪمال جمال مٿي، تنهنجو ساري جهان ۾ جلال مٿي،
تنهنجو شان شريعت خيال مٿي، قربان ڪيان گهر مال مٿي،
تنهنجي مالڪ ڪئي تخليق جدا،مشتاق هزارين مان نہ رڳو.

تون اجمل اڪمل انور آن، تون طبيب طاهر اطهر آن،
تون سرور ساقي ڪوثر آن، تون صاف حقيقت مطهر آن،
تو تان حافظ جي جند جان فدا، مشتاق هزارين مان نہ رڳو.

مزمل مدثر تنهنجو مان پڙهان، والضحيٰ تنهنجو شان چوان،
واليل تنهنجا مان زلف چوان، تنهنجا نوانوي ورد ڪيان،
شفاعت جي گهري جبار گدا، مشتاق هزارين مان نہ رڳو.

شمس قمر ۾ جلوو عيان، انجيل ۾ تنهنجو ذڪر بيان،
تنهنجو ذڪر پکين بلبل جي زبان، تنهنجي صفت ستارن روح روان،
ابوجهل کان چو ٿي پو بہ خطا، مشتاق هزارين مان نہ رڳو.

صديق ۾ ڪيڏي صداقت هئي، فاروق ۾ڪيڏي عدالت هئي،
عثمان غني ۾ سخاوت هئي، چا حيدر جي تہ شجاعت هئي،
توکي مالڪ ڪيا هي غلام عطا،مشتاق هزارين مان نہ رڳو.

## مولانا سراج احمد جمالي

مولانا سراج احمد جمالي ولد عبداللطيف جمالي ڳڙهي ياسين جي ڳوٺ جنت ۾ 1964ع ۾ ڄائو. پرائمري پنج درجا پڙهي عالم فاضل ۽ شيخ الحديث بڻيو. شاعريءَ جي شروعات 1973ع کان ڪيائون ديني شاعري ڪن ٿا. سندس شاعري سنڌ جي اڪثر نعت خوانن ڳائي آهي. هن وقت سکر ۾ رهن ٿا.

سرور ﷺ تي سوين سلام پڙهن، سلطان هزارين مان نه رڳو،
مخمور محبت منجهه رهن، مستان هزارين مان نه رڳو.

جت سارا نبي پي نفسي چون، تو ڪان امتي جا سي ٻول ٻڌن،
تنهنجي شاهت شوڪت شفقت تان،حيران هزارين مان نه رڳو.

تنهنجا وار مٺا گهنڊيدار چوان، تنهنجو پروان جيان تلوار چوان،
تنهنجي چشم سياه جي چاهت ۾، حوران هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي منهن تان فدا مرجان ڪيان لب لال تان گهور مان لال ڪيان،
دندان دهن تان موتي سڀ قربان هزارين مان نه رڳو.

جنهن جو عرش برين معراج چون، ثقلين جو سو سرتاج چون،
پنجاه مان پنج ڪي ڏاج چون، انسان هزارين مان نه رڳو.

مجبور جمالي سراج احمد مسرور ٿئي مغفور ٿئي،
مهجور جا هجر جي دور ٿين دربان هزارين مان نه رڳو.

## ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

ڊاڪٽرعلي اڪبر اسير قريشي ابن حاجي علي گل عرف گل-خان قريشي جو جنم 3 فيبرري 1958ع تي ٿيو. سندس مسڪن جوٽاٽي شريف تعلقو واره ضلعو لاڙڪاڻو آهي. ابتدائي تعليم سنڌي پنج درجا پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان پڙهي مئٽرڪ هاءِ اسڪول واره مان 1975ع ۾ پاس ڪيائين. ايم اي سنڌي شاه لطيف يونيوسٽي خيرپور مان 1994ع ۾ ڪيل اٿس نوڪريءَ جي شروعات 1977ع کان 1977ع کان تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان ڪيائين. سال 1976ع کان اڪبر تخلص سان شعر چوڻ شروع ڪيائين. ۽ نشتر ناٽنشاهي کان اصلاح وٺندو رهيو. پوءِ سيد اظهر گيلاني کان رهنمائي ورتائين. جنهن کيس اسير تخلص ڏنو.طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۾ پنهنجو ڪلام پڙهي داد حاصل ڪيو اٿس. غزل جو سٺو شاعر آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ديوان اسير حديث عشق رديف وار ديوان قابل ذڪر آهن. اسير صاحب سال 2004ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو صاحب جي نگرانيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي.

تنهنجي چشمن جي چمڪار ڪنا، خاقان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجا مڙئي مشتاق منا، انسان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي نينهن نزاڪت نور سندا، جن ملڪ مخمور بندا،
توريءَ يار بندا هي ڪيئن ڪندا، اعلان هزارين مان نہ رڳو.
توتي محب صلواتون درود لکين پڙهن پيا تا محمود لکين،
عابد زاهد مقصود لکين، شاذان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي در تي سجڻ دربان لکين، تنهنجي محبت جا مستان لکين،
تنهنجي قرب ڪنديءَ ۾ سلطان لکين، زندان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي ناز و ادا تان ساه فدا، توتان هر ڪو شام پگاه فدا،
اسير اڪبر "توتان آه فدا، قربان هزارين مان نہ رڳو.

ڪلام 2:

تنهنجي حسن سجڻ حيران ڪيا، سلطان لکين هڪ مان نہ رڳو،
تنهنجي محبت موهي مستان ڪيا، انسان لکين هڪ مان نہ رڳو.
تنهنجي عشق انور نور پرين ڪيا شاه و گدا مخمور پرين،
ٿيا نور نظر مشهور پرين، صنعان لکين هڪ مان نہ رڳو.
تنهنجي در تي آهن دربان لکين، چا جن ملڪ انسان لکين،
ٿيا حور و پريون رضوان لکين، قربان لکين هڪ مان نہ رڳو.
وهوا تنهنجو آ ناز و ادا، توتان سڪندر دارا يار فدا،
ڪن ساراه تنهنجي تا شاه گدا، ثنا خوان لکين هڪ مان نہ رڳو.
ڪيئي قيد ڪيا تو رهبر سجڻ، ڪي پير امير وزير سجڻ،
ٿيا علي اڪبر جهڙا اسير سجڻ، زندان لکين هڪ مان نہ رڳو.

# پروفيسر سيد گل محمد شاهه گل بخاري

سيد گل محمد شاه ولد سيد غلام شاه بخاري 21 اگسٽ 1960ع تي پيدا ٿيو. پاڻ نامور نعت گو شاعر، اديب ۽ عالم آهي.شاه صاحب وڏو اهل علم آهي. سندس پسنديده موضوع سيرت پاڪ رهيو آهي. هن 1980ع ۾ سيرت لائبريري شهدادڪوٽ جو بنياد رکي سيرت متعلق وڏو مواد جمع ڪيو آهي. وٽس ناياب قرآن پاڪ جا تفسير به آهن. 1984ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري اسلامڪ ڪلچر جي مضمون ۾ ليڪچرار ٿيو. ۽ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿيو آهي. ڪيس پهريون پيرو صدارتي ايوارڊ 1991ع تي سندس نعتيه شاعري جي پهرئين مجموعي ذڪر رسولﷺ تي مليو. ٻيو صدارتي ايوارڊ 1993ع تي نعتيه ديوان سرور عالم ﷺ تي مليو جيڪو سنڌي 52 اکرن تي مشتمل ديوان آهي. ٽيون پيرو صدارتي ايوارڊ ۽ نقد انعام 1995ع تي نعتيه شاعريءَ جي ڪتاب ثناءِ محمد ﷺ تي مليو شاه صاحب جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ پهتا آهن.

تنهنجي عظمت شوڪت شان مٿان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو،  
تنهنجي قرب ڪرم احسان مٿان قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

تنهنجو شان پڇي ڪو خدا کان پڇي ڪم علم بشر کهڙي خبر،  
تنهنجي رتبي مقام ۽ مان مٿان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

ٻي علمن کي تو ٿي علم ڏنو،ٻي فيضن کي توٽي فيض ڏنو،  
تنهنجي فيض عطا فرمان مٿان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

تو ئي مينهن وسايو رحمت جو، ويو دور جهان مان زحمت جو،  
تنهنجي رحمت جي باران مٿان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

تنهنجي روح مبارڪ انور آ، تنهنجو جسم مبارڪ اطهر آ،  
تنهنجي پاڪ بدن جانان مٿان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

جنهن توکي پسيو سو تنهنجو ٿيو، توتان ساه به ان قربان ڪيو  
تو سان پيار ڪنڌڙ انسان مٿان قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

توکي قادر جو قرآن ڏنو، سو آهي هدايت جو مرڪز،  
ان قادر جي قرآن مٿان،قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

تنهنجي شهر ۾ رهندڙ هر هڪ تان، ننڍي ٻار جوان ۽ جهور مٿان،  
تنهنجي روضي ماڳ ۽ مڪان مٿان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

تو ريت جي ذري ذري کي، شاداب ڪيو گلزار ڪيو،  
تنهنجي "گل" قل ۽ بستان مٿان، قربان لکين هڪ مان نه رڳو.

(نعتيه ديوان برهان شريف از سيد گل محمد شاهه بخاري)

# محمد بچل سميجو

فقير محمد بچل سميجو اصل پنوعاقل جي ڪچي جي ڳوٺ گدپور جو وينل آهي. 12 سالن جي عمر ۾ مولود چوڻ شروع ڪيائين. مشهور نعت خوان حاجي گل محمد مهر سندس استاد هو. محمد بچل فقير پاڻ بہ شاعر آهي. مولودن جي صنف جو سٺو شاعر آهي.حاجي غلام نبي مهيسر محمد صفر تگر عبدالرحيم عزمي پسنديده شاعر اٿس. پاڻ سکر ۾ مصطفائي پٽن وٽ ٿيل محفل ۾ حاجي غلام نبي مهيسر سان گڏ ڳايائين. مشهور مداحي ليمي فقير سان بہ گڏ ڳايو اٿس حاجي گل محمد مهر سان پيج پاڳاره ڪيسٽ بہ ڪئي اٿائين. سندس پسند جي نعت خوانن ۾ محمد مراد سانگي صدورو فقير عالماڻي خان محمد چاچڙ ۽لياقت علي چاچڙ آهن. سندس مولودن جو ڪتاب هيرن جو هار شايع ٿيل آهي.

تنهنجو حسن ڏسي حيران ٿيا، حيوان بشر هڪ مان نہ رڳو،
تنهنجي قدمن تان گس گھور ٿيا، بي جان پٿر هڪ مان نہ مگر..

تنهنجون ڪجليون ڪتاريون بئي اکڙيون وڏي ناز واريون ٺئي اکڙيون
لک نيڪ نظر سان موهي ڇڏيا، سلطان صدر هڪ مان نہ مگر.

تنهنجون پروون تيز ترار تکيون لک اوهان رب رمزون رکيون،
ڏند موتي ۽ مرجان چون، قربان قمر هڪ مان نہ مگر.

تنهنجي صورت آ سبحان الله تنهنجو مرکڻ بہ آ بسم الله،
وئي قدمن کان سر چوٽي تائين، مستان مصر هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجا زلف عجب مک مهتابي ڏسي ڪ مشتاق ٿيا اصحابي،
صديق اڪبر ۽ حيدر عثمان عمر هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجو جسم نوراني نور چوان، صفا رحمت سان پرپور چوان،
چا ملڪ پري هر حور چوان قربان ڪکر هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجا لبڙا لمل گلابي گل، تعريف ڪري چا سميجو بچل،
لک ناهن ٻيا ٻہ دنيا ۾ غزل ثنا خوان شاعر هڪ مان نہ رڳو.

(نعت خوان محمد يوسف سومري صاحب جي مهرباني سان)

# محمود مخمور ملڪ

محمود مخمور ولد لال ڏنو ملڪ جو جنم دادلوءِ لڳ ڳوٺ پير بخش ملڪ 12 جون 1962ع تي ٿيو. پنهنجو ٻني ٻارو اٿن. محمود صاحب جاين جو سنو مستري آهي. علم و ادب سان شروع کان وٺي چاهه اٿس. سير و سفر جو ڪوڏيو آهي. شاعريءَ ۾ سندس استاد رحيم بخش بخشل دائودپوٽو آهي. جيڪو هتان جو ئي هو. سنڌي شاعريءَ جو مڪمل ديوان اڻ ڇپيل ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهي. سندس تعليم پرائمري پنج درجا آهي. جيڪا هتان جي مشهور استاد محمد جمن دائودپوٽي ۽ پنهنجي مامي استاد مزاري خان ملڪ کان ورتائين. مئٽرڪ جو امتحان پرائيويٽ طور پاس ڪيائين.

تنهنجي سونهن متي ٿي مست پيا، مستان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي شان مقدس تي ٿا لکن، ديوان هزارين مان نہ رڳو.

لاريب لبيب ماڪيءَ کان، تنهنجو نانءُ مزيد آهي متو،
تنهنجي نام متي تان جان ڪريان قربان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي چانئٺ مبارڪ پاڪ چمڻ خاقان اچن ٿا خان پيا،
جت شاهہ گدا سردار ڪيئي سلطان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي تير حسن جي ڌار تکي مجروح ڪئي مخلوق سڄي،
ڇا جن ملائڪ حور پري، انسان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي ناز ادا مخمور ڪيا، مدهوش ڪيا سڀ ملڪ متا،
تنهنجي ناز نشانبر جا تہ ٿيا،نيشان هزارين مان نہ رڳو.

# سڪندر راز بلوچ

سڪندر راز محمد صالح بلوچ پهرئين اپريل 1963ع تي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. پيشي جي لحاظ ڪا پاڻ پوليس ڪانسٽيبل آهي. سندس مستقل رهائش ميراٽي محلہ شڪارپور ۾ آهي.

تنهنجي الفت ۾ ڪي ديوانا ٿيا، انسان هزارين مان نہ رڳو،
ڪي پتنگ جيان پچندا ٿي رهيا، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

ڪي حسن اڳيان حيران ٿيا، ڪن پلپل پاڻ پتوڙيو ٿي،
ڪي رمزن ۾ ٿي رند ويا، مستان هزارين مان نہ رڳو.

پنهنجي نازڪ نرمل اکڙين ۾، پيرن جي پٽي پئي پاتائون،
پوءِ شوق جي شمع روشن ٿي، حيران هزارين مان نہ رڳو.

سهڻل جي چاه جا دود دکيا، دروازا دل جا سيئي کليا،
پيون قرب ڪروڙين ٿي قيد ويا، خاقان هزارين مان نہ رڳو.

الفت جو جڏهن اقرار ٿيو، ڪاڏي هوش يو ڪاڏي عقل ويو،
تنهنجي در تي دلبر راز سندا دربان هزارين مان نہ رڳو.

(حيران هزارين عبدالجبار عبد)

# نعمت الله سنڌي

نعمت الله سنڌي ولد مرحوم عنايت الله شيخ 15 سيپٽمبر 1964ع تي شڪارپور ۾ ڄائو پيشي جي لحاظ کان پاڻ پرائمري استاد آهي. سندس مستقل رهائش محلہ حماديہ نزد هاءِ اسڪول نمبر 2 شڪارپور آهي.

تيا جلوه گري تان ڪيئي فدا، انسان هزارين مان نہ رڳو،
سڀ جن ملڪ ۽ حور پريون غلمان هزارين مان نہ رڳو.

جنهن بہ تي ڏنو هڪ وارڪٺي، محبوب جي چهري املهہ ڏي،
هڪ ديد مٿان قربان تيا، مستان هزارين مان نہ رڳو.

مان خُلق عظيم جي ڪهڙي ڳالهہ ڪيان، ساراهہ سڄڻ جي صاف صفا،
دشمن بہ اچي دلبر جا تيا، دربان هزارين مان نہ رڳو.

جڏهن ڄايو ڄام جي خبر ٻڌي هُت ڪوٽ ڪري پيا ڪسريٰ جا،
سڄي دنيا ۾ تي اهڙا ويا، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

ڪٺي بوجهہ ۽ ڪيئي مجبوريون منڙي جي در تي جي آيا،
ڏسي سهٽل جي سخا ڪيئي تيا، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

پنهنجي محب مني تان گهور وڃان "سنڌي" جي آهي رب کان دعا،
تنهنجي در جا اچي تيا ڪيئي گدا، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

# سيد رفيق احمد شاه امروٽي

موجوده دور جو ڪامياب ۽ مشهور نعتيہ شاعر سيد رفيق احمد شاه امروٽي ولد سيد محمد شاه امروٽي 20 سيپٽمبر 1965ع تي امروٽ شريف تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعي شڪارپور ۾ ڄائو شاعريءَ جي سکيا مرحوم نثاربزمي کان ورتائين سندس ڇپيل ڪتابن ۾ پوڪ گلابن جي ، سرور ڪائنات ۽رهبر اعظم ﷺ شامل آهن. پاڻ هن وقت قرآن پاڪ جومنظوم ترجمو ڪري رهيا آهن.

تنهنجي در تي جهڪن ٿا منهنجا خدا، بيڪار لکين هڪ مان نہ رڳو،
تنهنجي گنج منجهان ٿا وٺن،پينار لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي سڀ تي عطا تنهنجي سڀ لئہ سخا،تنهنجي سڀ تي ڪرم اي منهنجا خدا،
تنهنجي در تي سوالي آهن رب، لاچار لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجو نانءُ ڏکن جي آهي دوا، تنهنجو ذڪر مريضن لاءِ شفا،
تنهنجو ورد اچارن ٿا جڳ ۾، بيمار لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجو شان ڪريمي ڇا چئجي، رحمان بہ تون ۽ رحيم بہ تون،
بخشي ٿو سگهين ڇا هڪ لمحي ۾، بدڪار لکين هڪ مان نہ رڳو.

هر دل۾ رهين ٿو تون مالڪ، هر جاءِ وسين ٿو تون ئي تون،
تنهنجي ذات مبارڪ جا ٿا ڪرن، اذڪار لکين هڪ مان نہ رڳو.

پيدا بہ ڪئي رب تو ئي دنيا، ۽ رزق بہ سڀ کي ڏئين ٿو تون،
تنهنجي خير منجهان ٿا ڪائن رب،گهر ٻار لکين هڪ مان نہ رڳو.

بزمي ٿو لکي جوهر ٿو لکي، تنهنجي حمد خدا ٿو ”رفيق“ لکي،
تنهنجي شان ۾ لکندا آهن رب اشعار لکين هڪ مان نہ رڳو.
( ناز پروڊڪشن ڪيسٽ واليوم42 آواز حاجي امداد الله ڦلپوٽو
محمد ياسين صاحب جي ٿورن سان)

ڪلام 2

عربيءَ جاعُشاق لکين هڪ مان نہ رڳو، مدنيءَ جا مشتاق لکين هڪ مان نہ رڳو،
ڪلمي ۽ صلوات جي خاطر ڪولن ٿا دل واري اوطاق لکين هڪ مان نہ رڳو.
ٻڌجي ويا محبوب سندواخلاق ڏسي، جڳ ۾ خوش اخلاق لکين هڪ مان نہ رڳو
پيغمبر پڳدار پرينءَ سان پيار ڪري چاق ٿيا ناچاق لکين هڪ مان نہ رڳو
هاديءَ جي تبليغ ٻڌي ٿا دل سان پڙهن توحيدي اسباق لکين هڪ مان نہ رڳو
دين جي خاطر جان ڏيڻ جو عهد ڪري پاڙيندا ميثاق لکين هڪ مان نہ رڳو
انسانن جي محسن جا هن دنيا ۾، پائن ٿا اشفاق لکين هڪ مان نہ رڳو
مير مني جي ملڪ مني جو عشق رکي ڪاٽن ٿا فراق لکين هڪ مان نہ رڳو
نعت نبيءَ جي لکندي لکندي يار ”رفيق“ بدلن ٿا اوراق لکين هڪ مان نہ رڳو.

# رياض احمد چنجڻي

رياض احمد ولد خليل احمد ادبي نالو رياض خليل تخلص رياض ذات چنجڻي جو جنم 12 مئي 1966ع تي ٿيو سندس تعليم بي ايس سي (آنرز) ايم ايس سي (فزڪس) ۽ ايم ايڊ اٿس نوڪريءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ 28 سيپٽمبر کان سائنس ٽيچر (گريڊ 16) جي حيثيت ۾ ڪيائين. سال 2005ع ۾ سندس ترقي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ گريڊ 17 ۾ ٿي. ان بعد گريڊ 18 ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور سندن ترقي ٿي سال 20007ع کان 2009ع تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول نصير آباد ۾هيڊماسٽر طور فرائض سرانجام ڏنائين. نثر جي شروعات مئٽرڪ پڙهڻ دوران ڪيائون ۽ شاعري جي شروعات سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ پڙهائي واري زماني کان ڪيائين. سندس لکيل مضمون ۽شاعري مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي. پاڻ ڪيترائي سياسي ۽ غير سياسي آرٽيڪل لکيا اٿائون. علامہ هدايت علي نجفي حاجي خان چنجڻي مولوي در محمد خاڪ ڪانڊڙو ۽ ٻين ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي شخصيتن تي پڻ مقالا لکيا اٿائون. هن وقت قنبر ضلعي جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول وارہ هيڊماسٽر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيا آهن وارہ ۾ رحمان ڪوچنگ سينٽر بہ قائم ڪيو اٿائون.

تنهنجي سونهن مٽان سڀ سهڻل سائين قربان ڪروڙين مان نہ رڳو،
محبوب محمد ﷺ صدقي توتان ٿين خان ڪروڙين مان نہ رڳو.

تنهنجي اڇڻ سان ڏيهہ مان وئي اوندهہ صفا،
هر هنڌ ٿي ويئي چانڊوڪي شادان ڪروڙين مان نہ رڳو.

واندو نہ تنهنجي واڪاڻ مان ڪوئي،
جن ملائڪ تعريف پيا ڪن انسان ڪروڙين مان نہ رڳو.

حسين تنهنجي تي ڪائنات سموري آهي فدا،
پير پيغمبر حورون پريون حيوان ڪروڙين مان نہ رڳو.

درويش ولي اولياء اوهان تي،
عاشق صدق هر وقت چوان مستان ڪروڙين مان نہ رڳو.

ڳڻ ڳالهيون تنهنجون دل ۽ زبان سان،
ٿا هر هر ڳائن ڳوٺ ڳلين ۾ احسان ڪروڙين مان نہ رڳو.

شاعر اديب ۽ امين ليڪڪ،
ابدال قطب سڀ توکان وٺن ٿا دان ڪروڙين مان نہ رڳو.

مخدوم ۽ خادم پرت مان توتي،
صلوات درود ڪل پيا ٿا پڙهن هر آن ڪروڙين مان نہ رڳو.

ڪيو نازل مرسل تنهنجي مٿان رب
پڙهن پير جوان ۽ پوڙها پڪا قرآن ڪروڙين مان نہ رڳو

چرند پرند سڪن ديدار اوهان لئہ
گل ڦل مکڙيون سڀ مرڪن بستان ڪروڙين مان نہ رڳو.

رابيل گلاب ۽ چنبيلي خوشبو،
تولئہ واسن گهر گهر چارا گلدان ڪروڙين مان نہ رڳو.

سج چنڊ ۽ تارا توکان هر دم وٺن
نور جون لاٽون اعلان ڪروڙين مان نہ رڳو

اظهر اکبر ۽ راز ٿا گڏجي
ٿيا تنهنجا ثناگر ثنا خوان ڪروڙين مان نہ رڳو

تون شاه عرب ۽ شاه عجم
اي ختم الرسل ڪئين تنهنجي در تي دربان ڪروڙين مان نہ رڳو

هي چنجٽي تنهنجي نانءُ تان صدقي
ڪر تون عطا ٿا توکان گهرن ايمان ڪروڙين مان نہ رڳو.

## بيوس بهار سومرو

بيوس بهار سومرو ولد گلشير سومرو 4 جون 1968ع تي شڪارپور جي پرسان مريد سينار نالي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو پيشي جي لحاظ پاڻ استاد آهي. سندس مستقل رهائش مڪراني گهٽي ميراڻي محلو شڪارپور ۾ آهي.

تنهنجي جلوي جوت جمال ڪيا، حيران هزارين مان نہ رڳو،
محبوب اوهان جي محبت ۾، مستان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي عشق ۾ جي آباد ٿيا ناشاد دلين مان شاد ٿيا،
هر درد و الم ڪان آزاد ٿيا انسان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي پيجري پاڪ پياري تي ۽ نرمل نورنظاري تي،
تنهنجي روضي اطهر ساري تي دربان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي محبت ۾ محبوب مٺا، مون پنهنجي اکين سان ڪوڙ ڏٺا،
تنهنجي ديس اچڻ لئہ ڪن ٿا ڪنا، سامان هزارين مان نہ رڳو.

ڪي چاهہ ۾ "بيوس" چُور ٿيا، ڪي محبت ۾ مخمور ٿيا،
ڪي ملڪ تنهنجي ۾ حضور ٿيا مهمان هزارين مان نہ رڳو.

(حيران هزارين عبدالجبار عبد)

## وفا منظور چوهان

وفا منظور چوهان ولد محمد ابراهيم پهرئين مارچ 1969ع تي شڪارپور ۾ تولد ٿيو.پيشي جي لحاظ کان پاڻ استاد آهي. سندس ڪجهہ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. سندس مستقل رهائش ڪاليج روڊ شڪارپور آهي.

تنهنجي سونهن ڏسڻ لئہ محبوب منا، مستان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي نظرن ڪيئي گهائي وڌا، انسان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي حلموسخا ڪي سڄڻ ڏسي ديوانا ٿيا توتان سيئي،
در تنهنجي اچي ڪيئي قيدي بڻيا، خاقان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجو عشق لڳو جن ڪي سائين، وسري تہ ويو تن ڪان سڀ ڪجهہ،
ڇا جن بشر حوران پريون حيران هزارين مان نہ رڳو.

پنڌ پياري ڏي ٿا روز اچن ڪيئي قرب ۾ ٿا قيد ٿين،
ڪي محبت ۾ مخمور ٿين، مهمان هزارين مان نہ رڳو.

تعريف ڪري ڪين سگهندو ”وفا“ ، دفتر جي ٿين پل ڪوڙ ڪنا،
تنهنجي شان ۾ روز ٿا شعر چون، ثنا خوان هزارين مان نہ رڳو.

(حيران هزارين عبدالجبار عبد)

## مولانا ضمير احمد لنجار

مولانا ضمير احمد لنجار پهرئين جنوري 1969ع ۾ پنوعاقل ۾ مولانا عبدالڪريم لنجار جي گهر ۾ جائو. پاڻ هڪ سنو نعت گو شاعر آهي. سال 1990ع کان شاعريءَ جي شوق سان واڳيل آهي. سندس نعتيہ شاعريءَ جو ڪتاب مديني جا سائين ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي. شاعريءَ ۾ سندس استاد بهترين شاعر سيد رفيق احمد شاهہ امروٽي صاحب جن آهن.

پڳدار پيغمبر تان صدقي پروان لڪين هڪ مان نہ رڳو،
هر عاشق پريا پياري سندا پيمان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

مخلوق اٺارهن هزار سان گڏ، هر عالم جي هر چيز فدا،
ڪن پيار پرينءَ سان ٿا بيشڪ بيجان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

سج چنڊ ستارا سيارا، آڪاش ست ئي ۽ عرش عُليٰ،
قربان بهشت جي حورن سان غلمان، لڪين هڪ مان نہ رڳو.

ان وقت اسان پيدا ٿيون ها، پوءِ ڀاڳ اسان جا ڀيا کهڙا
دل ۾ ٿا رکن هي حسرت سچي سلطان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

ڏس ناري ۽ نورن کان وڌ، اعزاز اسان کي مليو ويو آ،
مدنيءَ جي صدقي اشرف ٿيا انسان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

معراج ۽ عرش برين پهتو، محبوب نبي مطلوب نبي،
معراج نماز ۾ امت جو، شڪران لڪين هڪ مان نہ رڳو.

الفت جا وڏا اظهار ٿيا، اڄ پنهنجن سان پراون پيي،
جاني بہ ٿيا لاثاني اتم، جانان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

روحاني حلاوت وٺندي آ، جڏهن ياد مدينو ايندو آ،
ان رمز کيا بيتاب چوان نالان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

سڪ ۾ ٿا سڪون اڄ پيي ڏاڍو، سڪ لاهيون ٿا وڃي روضو ڏسي،
آسيس ٿا اڄ پيي ساڳي وٺن، مستان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

جوڙن ٿا نظم شاعر ڪيئي جڻ موتي پروڙن ٿا ويهي،
ها پيش ڪرن ٿا عقيدت جا گلدان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

تڪبير جي نعرن سان گڏ گڏ هڻي ختم نبوت جو نعرو،
لنجار وڏائن ٿا جذبا جولان لڪين هڪ مان نہ رڳو.

# فتح الله ببيخود بلوچ

پنو عاقل واسي فتح الله جسڪاڻي ادبي نالو بيخود بلوچ جو شمار سنڌ جي بهترين غزل گو شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس جنم پنوعاقل تعلقي جي ڳوٺ جمعو جسڪاڻي ۾ ڪامريڊ نصر الله جسڪاڻيءَ جي گهر ۾ 14 اگسٽ 1971ع تي ٿيو. پاڻ پيشي جي لحاظ کان پرائمري استاد آهي. شاعريءَ جي شروعات 1988ع کان ڪيائين. شاعريءَ جي سکيا سيد اظهر گيلانيءَ کان ورتائين. بيخود بلوچ صاحب جا شاعريءَ پنج ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.جن ۾ درد ۽ امنگ دل ۾ (غزل) هوا ۾ ٻرياسين (چوسٽا) ٻوليون لوليون ٻارن جون ٻارن لاءِ شاعري جاڳو ٻارو داد حاصل ڪري چڪا آهن. تازو 2020ع ۾ سندس حمد ۽ نعت تي ڪتاب امن جو پيغمبر شايع ٿيو آهي. ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. جن ۾ بهترين شاعر جو (امير بخاري ايوارڊ) بيدل ايوارڊ سنڌ ٽي وي پاران مجتا ايوارڊ بهترين شاعر جو مهران ٽي وي پاران مجتا ايوارڊن کان سواءِ ڪيترائي مجتا سرٽيفڪيٽ عطا ڪيا ويا آهن. سنڌي ادبي سنگت سان 1990ع کان وٺي وابسته آهي. ضلعي سکر جو رابطه سيڪريٽري ۽ پنوعاقل شاخ جو سيڪريٽري سميت مختلف عهدن تي رهيو آهي. ان کان سواءِ ڪيترن ئي ادارن ۽ تنظيمن سان وابستگي اٿس ادبي ميڙاڪن جي سونهن آهي.

تنهنجي سونهن سندرتا تي آ لکي تحرير گهٽ ئي مان نہ رڳو
ذهنن جي فريم ۾ تنهنجي رکي، تصوير گهٽ ئي مان نہ رڳو.

هن برهہ ٻچي بدنامي آ، هر ڪو ٿو چوي تو ۾ خاص آ،
هن نينهن جي ناتي ۾ آ سني، تعزير گهٽ ئي مان نہ رڳو.

ٿو نينهن رلائي نٿهڻ ۾، پل ناهي ڪٿيو ڪنهن ڪڻ ڪڻ ۾،
محسوس نہ ڪتي آ پل بہ ٿڌي ڪا هير گهٽ ئي مان نہ رڳو.

هت سارا خواب جلايا ويا، خوابن جا پکي ڦٽڪايا ويا،
هت پنهنجن خوابن جي نہ ڏني، تعبير گهٽ ئي مان نہ رڳو.

هي ”بيخود“ عشق نگر آهي، هت ڪير آ جو رسوا ناهي،
هت الزامن جا روز سنا، سو تير گهٽ ئي مان نہ رڳو.

# اسد چاچڙ

نوجوان شاعر، نثر نگار اسد الله ولد محمد پريل چاچڙ 10 اپريل 1978ع تي پنوعاقل ۾ جنم ورتو.زرعي يونيورسٽيءَ ٽنڊوڄام مان ايم ايس سي ڪيائين. ۽ 2003ع کان 2005ع تائين اتان جي ادبي سنگت شاخ جو سيڪيٽري پڻ رهيو. جڏهن ته ساس پنوعاقل شاخ ۾ 1997ع کان وٺي اڄ تائين سيڪريٽري سميت مختلف عهدن تي رهيو آهي. شاعري سان گڏ مضمون ۽ ڪالم به لکيائين. جن جو وڏو تعداد مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيا اٿس. 2003ع ۾ سنڌي ٻولي اٿارٽي جي سائنس بورڊ ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. جاڳرتا فورم پنوعاقل جو سرواڻ آهي. سماجي ڪمن ۾ پڻ سرگرم آهي. مختلف تنظيمن ۽رسالن طرفان سرٽيفڪيٽ مليل اٿس. سندس مقالن ۽ خاڪن تي مشتمل ڪتاب محبوب ماڪيءَ ميٺ ۽ شاعريءَ جو ڪتاب رنگ رتي پرپات تازو 2021ع ۾ ڇپيو آهي.

هن ڌرتيءَ لاءِ وڙهڻ خاطر انسان سوين هِن مان نه رڳو،
آزاديءَ لاءِ ۽ خوشحاليءَ جا اعلان سوين هِن مان نه رڳو.

هن سهڻي ٻولي سنڌيءَ ۾ ڪن آڪاڻيون ۽ گيت لکيا،
هن سنڌڙيءَ لئه هر شاعر وٽ عنوان سوين هِن مان نه رڳو.

هي تنهنجي سونهن جياپو آ، ۽ تنهجا ماڻا گهائين ٿا،
پر تنهنجي مُک جي تجلن تي حيران سوين هِن مان نه رڳو.

هي سچ وڏو ڏوهاري آ ايئن ڏاهن ڪان ته ٻڌو آهي،
ان سچ تي يار مرڻ خاطر عرفان سوين هِن مان نه رڳو.

# سيد سراج احمد شاهہ

سيد سراج احمد شاهہ ولد حافظ محمد جعفر شاهہ ڳوٺ نور محمد شجراهہ تعلقي خانپور ضلعي شڪارپور ۾ سال 1973ع ۾ ڄائو (بي اي) تائين تعليم حاصل ڪئي اٿائين. شاعريءَ ۾ استاد سيد رفيق احمد شاهہ امروٽي اٿس. سندس ڪتاب شفق تي رتي شام شايع ٿيل آهي. سندس عشقيہ ۽ قومي گيت فنڪار شمن ميرالي ڳايا آهن.

پرور تو اڳيان پهچائن ٿا، فرياد لکين هڪ مان نہ رڳو،
ڪجهہ اهڙيءَ طرح دانهن جو گهرن ٿا داد لکين هڪ مان نہ رڳو.

مخلوق سڄيءَ جو خالق تون ۽ رزق ڏئين تو رازق تون،
پوشاڪ بہ پائن ۽ ڪائن ٿا، ڪاڄ لکين هڪ مان نہ رڳو.

سڀ سمنڊ نديون ۽ درياهہ جبل، توٽي تہ رکيا ڪينجهر ۾ ڪنول،
انسان گلستانن ۾ ڪيئہ آباد لکين هڪ مان نہ رڳو.

سنسار سارو فنا آهي توکي ئي بقا آهي بيشڪ،
هن جسم جي پڃري مان ٿيندا، آزاد لکين هڪ مان نہ رڳو.

مشڪل جي مهل تون ياد آهين ڪر ڪاتي ڪهل تون ياد آهين،
روئي ٿا پڪارن توکي رب، نر ماد لکين هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي ذات پلي آهي سائين تنهنجي تات پلي آهي سائين،
تنهنجي نالي سان ناشاد دليون ڪن، شاد لکين هڪ مان نہ رڳو.

در تنهنجو ڇڏي منهنجا مولىٰ ويندو ئي "سراج" آخر ڪاڏي،
توکان ٿا گهرن تڪليفن ۾، امداد لکين هڪ مان نہ رڳو.

( محمد ياسين ڪنير جي ٿورن سان ناز پروڊڪشن ڪيسٽ واليوم 42
آواز حاجي امداد الله قلپوٽو صاحب)

# حماد الله حماد سومرو

حماد الله حما سومرو ولد جان محمد سومرو پهرئين فيبروي 1973ع تي ڳوٺ خانپور جوڻيجو ضلعي خيرپور ۾ ڄائو شاعريءَ جي سکيا سيد رفيق احمد شاه امروٽي کان ورتائين. ڇپيل ڪتابن ۾ ڪاڻ خوبين جي ، راهه جو رهبر ۽ دردن جو درمان وغيره شامل آهن.

محبوب خدا تنهنجي وصف ثنا،ڳائن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو،
پنهنجي جان کان توکي وڌ پيارو پائن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي آئي اجالا ڏيندا ويا، ڪم ظرف نرالا ڏيندا ويا،
توتي ڪلمو پڙهي عزت عظمت،ماڻن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو.

تو سهڻو سين ڪان آهين سنو، تنهنجو ماڪيءَ ڪان وڌ نانءُ منو،
توکي چاهه منجهان پيا صبح و مسا، چاهن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو.

تنهنجي حسن تي آهن سڀ حيران، انسان ملڪ حوران غلمان،
تو سان پيچ پريت جو سڀ جا سڄڻ پائن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو

تو سان نينهن نبين بہ لاتو، تو لاءِ آ سڀ جو من آتو،
تنهنجو عشق اندر ۾ جان وفا پائن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو.

تو علم جو آهين بحر منا، تنهنجو من مهڻو آ شهر منا،
تنهنجي روضي اطهر جي سڪ ۾ جالن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو.

”حماد“ نہ تنهنجي سڪ ۾ سڪي ٿو تنهنجي ڪري پيو شعر لکي“،
تنهنجي شان ۾ شاعر شعر سدا، ٺاهن ٿا ليڪن هڪ مان نہ رڳو.

(محمد ياسين ڪنير جي ٿورن سان)

# ابو انس قاري مير حسن عطاري

ابو انس قاري مير حسن عطاري عمر ڪوٽ جي پرسان مشهور ولي ڪامل حضرت ميان جان محمد رح سان منسوب ويهڙو شريف ۾ 12 مارچ 1977ع تي تولد ٿيو پرائمري ڪان فرسٽ ايئر جي تعليم عمر ڪوٽ ۾ ورتي ان دوران قرآن ۽ سنت جي عالمگير تحريڪ دعوت اسلاميءَ جو ديني ماحول ميسر ٿيس. جنهن ڪان ايترو تہ متاثر ٿيو جو دنياوي تعليم کي الوداع ڪري ديني تعليم جو شوق پيدا ٿيس. جنهن ڪري 1994ع ۾ ڪراچيءَ جو رخ ڪيائين ۽ امير اهل سنت علامہ ابو بلال محمد الياس قادري رضوي جي صحبت نصيب ٿيس ۽ دعوت اسلامي جي مدرسہ المدينہ گودره نيو ڪالوني ڪراچيءَ ۾ ديني تعليم حاصل ڪيائين هن وقت دعوت اسلامي جي مختلف شعبن جي مٿس ذميواري عائد آهي. حمد، نعت منقبت ۽ مناجات لکڻ جو شوق ننڍپڻ ڪان هوس جنهنڪري ڪيتروئي ڪلام لکيو اٿائين.

تنهنجي ديد جا طالب جن و بشر غلمان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي در جي سلاميءَ لئہ تڙپن، انسان هزارين مان نہ رڳو.

منهنجي نيڻن جي اوقات ڪٿي تنهنجو جلوو پسڻ جو تاب ڪٿي،
تنهنجي حسن جي هر جا هاڪ ٻڌي، حيران هزارين مان نہ رڳو.

گلڙا جيئن باغن ۾ٽڙن، تنهنجو ذڪر ٻڌي مومن تا ٽڙن،
تنهنجا عاشق صادق بڻجڻ لئہ مهمان هزارين مان نہ رڳو.

شل منهنجي دل جا تاڪ کلن ۽ عصيان جا سڀ باغ ڏلن،
هي عرض ڪٽي حاضر ٿين روضي تي هزارين مان نہ رڳو.

ڪر نوري نبي رحمت جي نظر، بس منهنجي پڄاڻي تي آ عمر،
هن آس ۾ پهچن تنهنجي در مهمان هزارين مان نہ رڳو.

هر سال خزان جو ماه گهارڻ ڪان بعد ڪين جيئن گونچ شجر،
سائو ڪٽي ايئن ايمان جو وڻ طالب ٿين هزارين مان نہ رڳو.

مفرور آهيان مفرور آهيان عيبن گهڻو مشهور آهيان،
آزاد ڪيو عصيان مان ڪيو حاضر ٿين هزارين مان نہ رڳو.

مفتون تنهجي تربت جي مٿي رحمت جو سدائين مينهن وسي،
تنهنجو شان لکي ويا اهلِ قلم مفتون هزارين مان نہ رڳو

مفتون ٻڌي مون تنهنجو سخن دل تنهنجي ٿي زندان بدن،
هن سمنڊ ۾ ڪئين پيا "مير" ٻڏن عشاق هزارين مان نہ رڳو.

( نيٺ تان ورتل)

# اورنگزيب ”زيب عاجز“ مهر

اورنگزيب مهرولد علي گوهر مهر جو جنم 22 آڪٽوبر 1974ع تي ضلعي سکر جي سومر ڳوٺ ۾ ٿيو. ادبي نالو زيب عاجز اٿس. مخدوم شاه عثمان قريشي جي سوانح حيات تي سندس ڪتاب شايع ٿيل آهي.سندس ٻيو ڪتاب خانصاحب امير بخش خان مهر جي شخصيت ۽ ڪارنامن تي شايع ٿيو.ٽيون ڪتاب مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ جي سوانح حيات ۽ سندس شاعريءَ جو انتخاب ڇپيل آهي.جنهن ۾ مولانا مفتون جي تتبع تي 16(سورنهن) شاعرن جو ڪلام به ڏنل آهي.

تنهنجي زلف اڪين منهن مٿان، مستان هزارين مان نہ رڳو،
تنهجي حسن جوت جمال مٿان، حيران هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي ابرو تيغ ڪمان مان، تنهنجي سيني مهر نشان مٿان،
تنهنجي عزت عظمت مانَ مٿان، قربان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي جلوي جمال ڪمال سندا، تنهنجي نور ظهور جلال سندا،
تنهنجي محبت ۾ ڪيئي بلال سندا، دربان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي هڪ اشاري چنڊ ٽٽو، تنهنجي نالي سان منهن ڪنڊ مٽو،
تنهنجي شان مٿي سچو سمنڊ ڪٽو، ديوان هزارين مان نہ رڳو.

حورون ملائڪ ۽ جن و بشر، تائب تارا سڀ شمس و قمر،
صورت اڳيان آ جهڪو جوهر، مرجان هزارين مان نہ رڳو.

غوث قطب هي پير قلندر، خان ملڪ ۽ دارا سڪندر،
آهن تنهنجي در جا نوڪر، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي قرب ۾ ڪيئي قيد مٺا، توتي شائق آهن طالب سندا،
توتي مست ڪيئي مفتون سدا، مدح خوان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي در جو ئي دربان آهيان، تنهنجي محبت ۾ مستان آهيان،
آءٌ عاجز اڪيلو اورنگزيب چاهيان، انسان هزارين مان نہ رڳو.

(سندس ڪتاب تان ڪنيل)

# مير احمد چنڙ

مير احمد چنڙ جو جنم 10.04.1977ع تي ڳوٺ رئيس مبارڪ چنڙ تعلقو مير پور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي ۾ ٿيو. درگاه عاليہ پرچونديءَ شريف جي سجاده نشين حضرت پير عبدالخالق مدظلہ العاليٰ جن جو طالب مريد آهي.

ڏسي محبوب جو چهرو حيران هزارين مان نہ رڳو

سهڻي صورت ڏسي ازخود پيا چون سبحان هزارين مان نہ رڳو

مست ٿيا ڪي مون پارا مستان هزارين مان نہ رڳو

هڪ جهلڪ ڏسي ٿا جهومي پون ديوان هزارين مان نہ رڳو

هن شمع مٿان ڪيئي جلي ويا پروان هزارين مان نہ رڳو

مير ڪيئي مدهوش ٿياءِ انسان هزارين مان نہ رڳو

هڪ بيوس ”چنڙ“ چا چريو ٿيو قربان هزارين مان نہ رڳو

# عبدالواسع عبد سهندڙو

عبدالواسع عبد سهندڙو ولد والي ڏنو سهندڙو پهرين ڊسمبر 1975ع تي ڳوٺ عظيم سهندڙو تعلقو لکي ضلع شڪارپور ۾ ڄائو. ايم اي سنڌي ايم ايڊ اٽس. پاڻ پرائمري استاد آهي. مختلف اخبارن ۽رسالن ۾ لکندو رهي ٿو. صفي الله فياض سهندڙي کان شعر جي سکيا ورتائين.

سندس قلمي مسودا (1) ساريالي ٻولي (2) ٻولي منهنجي ٻانيياٽي الا(3) سنڌي ادب جو سفر(ٽن جلدن ۾) ڇپائي جا منتظر آهن.

تنهنجي حسن ڪيا اي مير مڪي مخمور هزارين مان نہ رڳو
هڪ مرڪ مٿان مفتون ٿيا منصور هزارين مان نہ رڳو.

هي عرب سڄو ۽ عجم سڄو، هڪ جهلڪ سندو ڇا عجب ڪيو؟
تو قرب ۾ قابو قيد ڪيا مفرور هزارين مان نہ رڳو.

تو ٻات ۾ آهي لات ڏني، ٻي راهن ڪي آ وات ڏني،
سڀ وات وٺي هي راهي ٿيا مجبور هزارين مان نہ رڳو.

تو لعب جهل ڪي مات ڏني، تو زيد زبير ڪي ذات ڏني،
جي عام هئا سي خاص ٿيا، پرپور هزارين مان نہ رڳو.

جت شرڪ ڪفر جا ڪوٽ هئا ۽ ڏاڍ ڏمر جا اوٽ هئا،
تي خاص خلاصي جلد ويا محمور هزارين مان نہ رڳو.

ڇا تعريف ڪري هي ”عبد“ ادا صلوات پڙهي ٿو خود خدا،
ٿيا مست الست ٻار ٻڌا، مستور هزارين مان نہ رڳو

# ڊاڪٽر وحيد سمائر

9 مارچ 1973ع تي سلطان پور ۾ صاحب ڪتاب شاعر استاد غلام محمد منصور سمائر جي گهر جنم ورتو. منصور صاحب جو والد علي نواز ناز سمائر به وڏو سگهڙشاعر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر وحيد سمائر چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان گريجوئيٽ آهي. هن وقت صحت مرڪز سلطان پور جوانچارج آهي. سنڌي ادبي سنگت ضلعي سکر جو رابطہ سيڪريٽري آهي. سندس ڪتاب چانڊڪا جون چاهتون ڇپيو آهي. ان کان اڳ شعري مجموعو سنڌو ۾ مان پڻ ڇپيل اٿس ڪيترن سالن کان هوشو اڪيڊمي جي پليٽ فارم تان ڪتاب ۾ شيخ ايازپبليڪيشن جا ڪافي پرچا بہ شايع ڪري چڪو آهي.

تنهنجي حسن جا هر هنڌ هُل ميان، حيران هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي نظرن ڪيئي موهي وڌا انسان هزارين مان نہ رڳو.

تون هڪڙو پيرو چئہ تہ سهي ڪيان، تنهنجي مٿان مان جان فدا،
تنهنجي نظرن جا هي تير تکا مستان هزارين مان نہ رڳو.

ڏند تنهنجا موتيءَ داڻا هي گفتار تنهنجيءَ تان جان فدا،
تتنهنجي نظرن ۾ جڙ آهن ڪي زندان هزارين مان نہ رڳو.

هي چنڊ بہ چا هي سج بہ چا، ڪيان ڪنهن سان تنهنجي پيٽ منا،
تنهنجو ٿورو جلوو جن بہ ڏٺو، پريشان هزارين مان نہ رڳو.

مشتاق اوهان جي صورت جا واجهائندا هِن وات پيا،
تنهنجي آذرياءُ جي لاءِ هتي دربان هزارين مان نہ رڳو.

هيءَ عمر سموري نوڪر ٿيان، تعريف ڪري مان ڪين ٿڪان،
تنهنجي هڪڙي سڏ تي پهچن ٿا مهمان هزارين مان نہ رڳو.

# محمد ياسين ڪنير

ادبي نالو ياسين ڪنير ولد شاهه محمد جو جنم پهرئين آڪٽوبر 1979ع تي سلطان پور ۾ ٿيو. پرائمري کان مئٽرڪ تائين تعليم ڳوٺ ۾ پڙهيو مئٽرڪ جو امتحان گريڊ اي ون ۾ پاس ڪيائين. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم اي سنڌي ڪيائين. پيشي جي لحاظ کان استاد آهي. پاڻ شروع ۾ چوسٽا ۽ نظم لکيائين. شاعريءَ ۾ سندس استاد سيد رفيق احمد شاهه امروٽي آهن. پاڻ نعتيه شاعريءَ جي حوالي سان مشهور آهن. سندن نعتيه ڪلام سنڌ جي مشهور چوٽيءَ جي نعت خوانن الحاج امداد الله ڦلپوٽي ۽ امتياز احمد ڦلپوٽي صاحب جن ڳايو آهي. سندن نعتيه شاعريءَ جا ڪافي ڪتاب منظر تي اچي چڪا آهن. سندن نعتيه شاعريءَ جي ڪتاب سرهاڻ تي سال 2015ع ۾ ڪيس صدر پاڪستان طرفان صدارتي ايوارڊ ملي چڪو آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ سلطانپور جو جوائنٽ سيڪريٽري به رهيو آهي. پاڻ مسلسل لکندو رهي ٿو.

توسان رکن ٿا چاهه لکين هڪ مان نه رڳو
پنهنجو سنوارڻ ساه لکين هڪ مان نه رڳو.
تنهنجي خاطر وڙهندا آهن ۽ تولئه
جڳ ۾ ڪن ٿا ناه لکين هڪ مان نه رڳو.
نرمل تنهنجي نعت لکي مولود لکي،
حاصل ڪن ٿا چاه لکين هڪ مان نه رڳو.
تون پيارو پيءُ ماءُ کان وڌ گهر سر زر کان،
اهڙو رکن ٿا ويساه لکين هڪ مان نه رڳو.
تنهنجا سوا لک اصحابي وڌ چار مٿاءِ
تنهنجو مڃن ٿا سپاه لکين هڪ مان نه رڳو
تو سان پيچ پريت رکي "ياسين" سداءِ
نينهن جو ڪن ٿا نباه لکين هڪ مان نه رڳو.

**ڪلام** 2

دلبر جا دربان لکين هڪ مان نه رڳو، مدنيءَ جا مستان لکين هڪ مان نه رڳو
مير مديني واري جا شب روز ادا، ڳائن ٿا احسان لکين هڪ مان نه رڳو
پڙهندي پڙهندي اسوه حسنه احمد جي تازا ڪن ايمان لکين هڪ مان نه رڳو
معجزا مرسل مدنيءَ جا سچا سيئي حيرت ۾ حيران لکين هڪ مان نه رڳو
مان ته حقير فقير مگر محبوبن کي ساراهن سلطان لکين هڪ مان نه رڳو
رب جي حبيب جي سڪ ۾ لکندڙ جوڙن ٿا نعتيه ديوان لکين هڪ مان نه رڳو
عبدالله ۽ عبدالرحيم يا عبد الرب ۽ عبدالرحمان لکين هڪ مان نه رڳو
ختم نبوت تان صدقي سارا عام اهي اعلان لکين هڪ مان نه رڳو
خواب ۾ زيارت ٿئي شل پاڪ محمد جي الفت ۾ انسان لکين هڪ مان نه رڳو
نعت لکي ۽ پرهي "ياسي ڪنير" بڻجن ٿا باشان لکين هڪ مان نه رڳو

# ساجد حسين آچراڻي

ساجد حسين ولد غوث بخش آچراڻي 25 مارچ 1984ع تي ڳوٺ صاحب خان ڪورائي ۾ ڄائو. تعليم ايم اي ايم ايڊ آهي. 2011ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو ڪيس شاعريءَ جو شوق پڙهڻ دوران ٿيو ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ جي چڱي ڄاڻ اٿس. راقم الحروف جا ٽي ڪتاب ڪمپوز ڪيا اٿس 2016ع ۾ دادلوءِ تاريخ جي آئيني ۾ 2019ع ۾ پنوعاقل هڪ اڀياس ۽ ٽيون ڪتاب اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي.

تنهنجي نور صورت جي تعريف مڃا، ڪن مسلمان تہ چا پر ڪئي آهي خدا،
تو تان صدقي جن و ملڪ حوران انسان تہ ڇا پر هر مخلوق خدا.

ڪيئي دفتر سهڻي جي سيرت تي لکي. مشهور ليکڪ ۽ شاعر شامل ٿيا،
ڏينهن رات پڙهن محبوب مڃا، رڳو ڪتاب نہ پر قرآن پڙهيا،

تنهنجي عشق ۾ ڪيئي لقب مليا صديقي اويسي حافي بڻيا،
گهوريا تن من ۽ ٻار ٻچا،ڏس اهڙي سخا ڪئي شير خدا،

تنهنجا سبط سردار بڻيا، اسلام جا جي سرتاج بڻيا،
تنهنجي امت جا سي آڌار بڻيا، ڪيان گهر ٻار تہ ڇا جند جان فدا

تنهنجي مدح ڪئي ابوطالب آ، ابوتراب ڪئي خود خالق آ،
صلوات مومن جي آ ورد زبان هڪ ”ساجد“ ڇا پر ڪيئي مدح خوان بڻيا.

# گل حسن گل سنڌي سولنگي

گل حسن گل سولنگي ولد حاجي علي نواز سولنگي ويئل ڳوٺ ميان رتو تعلقو وارہ ضلعو قمبر شهدادڪوٽ 22 جولاءِ 1995ع تي ڄائو تعليم ايم اي (انگلش) اٿس شاعريءَ ۾ استاد سنڌ جو مشهور سگهڙ عاجز لاشاري اٿس. سال 2007ع کان مولود جي صنف جي شاعري سان شروعات ڪيائين. سال 2013ع کان غزل گيت ۽ ڪافي تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين.شاعريءَ ۾ ٻن ڪتابن جيترو مواد اٿس.

محبوب منا تنهنجي محبت ڪيا، مستان هزارين مان نہ رڳو،
جن توکي ڏٺو سي تنهنجا ٻٽيا، دربان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجو جلوو جمال جن بہ ڏٺو تنهنجي محبت منا تن کي ڪٺو،
هر ادا ۾ لڳين تون سڄڻ سٺو، قربان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي هڪ جهلڪ تي ڪريا تونگر، جيءُ جيءُ ڪري تنهنجا ٿيا نوڪر،
تنهنجي در تي جهڪيا سو سڪندر، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

جنهن ڏانهن نيڻ کڻين سو سوگهو ڪرين، هڪ منٿ توکان پري ٿين نہ پرين،
گهر ٻار تنين کان وساري ڇڏين، پريشان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي عشق ۾ گهايل ڪيئي ڄڻا، ڪنهن ڪنهن جا سڄڻ مان نانءَ کڻان،
تنهنجا عاشق آهن گهڻي کان گهڻا، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

# فيض محمد

تنهنجي ناز نسنگ نهوڙي وڏا، سلطان هزارين مان نہ رڳو

تنهنجا زلف زوراور دام ڏنم، قابو قيد انهي خاص ڏنم،
قاتل محبت منجهہ مدام ڏنم، ديوان هزارين مان نہ رڳو.

ابر و سيف ستن سرواهيون سدا، ماري ماري ڪٽي تن جان جدا،
ٿيا عجيب و غريب شاه و گدا، قربان هزارين مان نہ رڳو.

واه جلوي ذات صفات چوان، پڙهن وصف وڏي صلوات چوان،
پريون حورون ملڪ جنات چوان، غلمان هزارين مان نہ رڳو.

فيض محمد منهن مثل، منور سو محراب مشعل،
تنهنجي قرب قريني ڪاب مثل، دربان هزارين مان نہ رڳو.

# الھڏنو بروھي

ساجن تنھنجي سونھن ڏسي، مستان ھزارين تي پيا ھِن،
محبت تنھنجي ڪيئي موھيا، حيران ھزارين تي پيا ھِن.

تون سھڻن جو سردار آھين تون محب منو منٺار آھين،
ڇا شان لکان تنھنجو مان داستان ھزارين تي پيا ھِن.

تنھنجي زلفن جي ڪھڙي ڳالھہ ڪيان مان ڇا تہ چئي ڇا بيان ڪيان،
ھتي اليھر تليھر سڀ اڇي دربان ھزارين تي پيا ھِن.

تنھنجي پيرن جي پيزار چمان، ھڪ وارنہ پر سو وار چمان،
تون مھر نظر آ مون تي ڪئي، احسان ھزارين تي پيا ھِن.

مان تنھنجو منا نوڪر آھيان، تون منھنجو دلي دلبر آھين،
ھڪ خادم مان نہ آھيان پيارا، سلطان ھزارين تي پيا ھِن.

ھر جاءِ آھي سرھاڻ تنھنجي ٻي ڳالھہ ناھي واڪاڻ تنھنجي،
ھت جن ملائڪ حورون اچي قربان ھزارين تي پيا ھِن.

الله ڪيو ھن الھڏني تي قربت ڪيائي ڪوجھي ڪني تي،
بروھيءَ جا سڀ بار لھي ويا، مھمان ھزارين تي پيا ھِن.

## جاويد علي (ڪنڌڪوٽ)

جاويد علي ولد فتح محمد خان پناڻ ويٺل ڳوٺ ربنواز خان پناڻ ڪنڌڪوٽ ضلعو ڪشمور اٿس. شاعريءَ جي شروعات مئٽرڪ پڙهڻ دوران سال 1992ع کان ڪيائين. حمد نعت منقبت بيت غزل ۽ گيت جي صنفن تي طبع آزمائي ڪري ٿو. عاجز تخلص ڪم آڻي ٿو. سندس پسنديده شاعر طالب الموليٰ، استاد بخاريءَ تاجل بيوس آهن.

تنهنجي حسن جي ڇا تعريف ڪيان، حيران هزارين مان نه رڳو،
تنهنجي قرب ۾ ڪيئي ڪڙجي ويا سلطان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي مک مهتاب جو تاب تڪو،لڳي ماڪيءَ کان بہ ٻول مٺو،
ڪيئي گهايل ٿيا هن گهوٽ هٿي، جوان هزارين مان نه رڳو.

تنهنجي ديد ڪيا ڪيئي ديوانا، ۽ سونهن مٺان ڪيئي مستانا،
ڪي پتنگ پڇي ٿيا پروانا، انسان هزارين مان نه رڳو.

حوران پريون ۽ جن ملڪ پڙهن صلوات ٿا سرور صہ تي،
هڪ مان تہ در جو نوڪر ڇا، دربان هزارين مان نه رڳو.

لولاڪ نما مظهر نما، ان آيت ۾ ناهي ڪو شڪ گمان،
ڏني شاهدي آهي ارض و سما فرمان هزارين مان نه رڳو.

”جاويد“ ڪريان جند جان فدا، پنهل پنهنجي پياري تان،
هي هڪ سر ڇا جي سو سر هجن، قربان هزارين مان نه رڳو.

# خطائي ٽيپو

تنهنجي جلون ۾ ٽيا نيڻ ٻڏي، قربان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي مرڪ ڪرايا نيٺ اڏي، اعلان هزارين مان نہ رڳو.

گگهہ رات انڌي ڪي مات ملي، تنهنجي ياد ملي ۽ تات ملي،
خوش ڪوڙ ٽيا سوغات ملي، انسان هزارين مان نہ رڳو.

او محبوب مٺا منٺار سڄڻ هڪ وار ڪٽي نيهار سڄڻ،
تنهنجي گهور ڪيا مهندار سڄڻ، مستان هزارين مان نہ رڳو.

پنهنجا ڀاڳ ستل جاڳائن ٿا، تنهنجون ڳالهيون ۽ ڳڻ ڳائن ٿا،
تنهنجي در تي اڇبو ٻاڏائن ٿا سلطان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيئي توکي ”خطائي“ سارن ٿا، پل توکي ڪين وسارن ٿا،
توتان پنهنجي وارين ٿا جندجان هزارين مان نہ رڳو.

## حافظ محمد حبيب الرحمان سومرو

تنهنجي حسن تي ڪيئي حبيب ٿيا، حيران هزارين مان نہ رڳو،
جن انس ملائڪ حور پريون، مستان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي سهڻي صورت ماه و لقا، تہ ڪو همسر تنهنجو آهي منا،
تنهنجي رخ انور تي گهور ٿياپروان هزارين مان نہ رڳو.

تون نظر ڪرين تہ نصيب لهن، هڪ لحظي ۾ سڀ سور لهن،
تنهنجي قربن تان محبوب ٿين، قربان هزارين مان نہ رڳو.

هي ”حبيب“ ڪٺي ڪل ٻاجهارا، تہ ٻہ سومرا سهڻو تنهنجو آ،
ڪر پنهنجو ڪٺي جو تنهنجو آ دربان هزارين مان نہ رڳو.

# فدا حسين فدا

راقم الحروف جو جنم 09.04.1959ع تي تعلقي پنوعاقل جي ڳوٺ دادلوءِ ۾ ٿيو. استادي پيشي سان وابستہ رهي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج گهوٽڪي مان 08.4.2019ع تي رٽائر ٿيس شاعريءَ سان شغف ڪونهي بس مڙيوئي اندر جو آواز آهي تخلص فدا ڪم آندو اٿم. شاعريءَ جا ابتدائي سبق ڳوٺ جي پلوڙ شاعر استاد رحيم بخش بخشل دائودپوٽي مرحوم ڏنا. پوءِ عشق کي استاد ڪري شاعريءَ جو ڪتابڙو عشق ٿيو استاد ڇپايم نثر ۾ دادلوءِ تاريخ جي آئيني ۾ ۽ پنوعاقل هڪ اڀياس ڇپجي چڪا آهن هاڻي هيءُ ڪتاب حيران هزارين اوهان صاحبن جي هٿن ۾ آهي.

تنهنجي گهور منا ڪيئي گهائي وڏا نيشان هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي پيار پرين وڌا، انسان هزارين مان نہ رڳو.

واه نرمل پيارا نور نبي تو تي هر دم آهي راز ربي،
تنهنجي در تي ڪيئي ناٿ نمن، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

پنهنجو جوت جمال پسي، شرمائيا چنڊ ۽ تارا ڪِتي،
تنهنجي صورت جو مٽ ماه نہ ڪو، مستان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيڏو قادر جو توسان قرب ٿيو، تولئہ جڳ جڙي سڀ راس ٿيو،
توتي راضي رب رحمان ٿيو قربان هزارين مان نہ رڳو.

تو لئہ انس ملڪ حيران رهن، تنهنجي زيارت لئہ مستان رهن،
ڏينهن رات "فدا" مشتاق ٿرن، خواهان هزارين مان نہ رڳو.

ڪلام 2

تنهنجي جلوي جمال ڪمال ڪيا، حيران هزارين مان نہ رڳو،
تنهنجي روشن رخ رخسار مٿان، مستان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي تاب حسن جي جهلڪ تڪي، شرمائيا چنڊ ۽ تارا ڪتي،
فيل مطلب نور نراڙ ڏسي قربان هزارين مان نہ رڳو.

تنهنجي نالي مٺي سان ڏين چپ چميون، تو ۾ هن رب رمزان رکيون،
سوا لک نبين جون وصفان ڪنيون، دردان هزارين مان نہ رڳو.

تون شاه عجم ۽ شاه عرب،تنهنجو عالم تي رحمت لقب،
توسان راضي هردم رازق رب، پروان هزارين مان نہ رڳو.

ڪيڏو قادر جو تو سان ڪرم ٿيو، تنهنجي زلفن جو رب قسم ڪنيو،
جنهن توکي ڏنو تن رب کي ڏٺو،نيشان هزارين مان نہ رڳو.

آدم ولد سندءِ توڙي والد آ، لولاڪ لما ڏس شاهد آ،
تنهنجوذڪر صلّ عليٰ وارد آ، ثنا خوان هزارين مان نہ رڳو.

معراج وڏو ٿيو مان تنهنجو، جبرئيل بڻيو دربان تنهنجو،
خود خالق ٿيو ميزبان  تنهنجو، نازان هزارين مان نہ رڳو.

توکي شاه شفاعت جو اذن مليو، ولسوف  جو توسان واعدو ٿيو،
تنهنجي شان ۾ ”فدا“ هي شعر چيو، حسان هزارين مان نہ رڳو.